تحفة المرشدين

باهتمام

شمس الهند والسند

حضرت پير سائين سيد شاه مردان شاه اول قدس سره

لقب كوٽ ڏٺي (پنجون پير پاڳارو)

(۱۲۷۹ھ ۱۳۴۰)

سکندریہ پبلیکیشنز

جامعہ راشدیہ درگاہ شریف پیر جو گوٹھ (کنگری)

ضلع خیرپور میرس

۱۴۲۹/۲۰۰۸

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

تُحفة المُرشدين

باهتمام

شمس الهند والسند

حضرت پير سائين سيد شاهہ مردان شاهہ اول قدس سره

لقب کوٽ ڌڻي (پنجون پير پاڳارو)

(۱۲۷۹هہ - ۱۳۴۰هہ)

ترتيب

حافظ محمد يوسف ڀنيرو سڪندري

ناشر

سڪندريہ پبليڪيشنز

جامعہ راشديہ - درگاهہ مبارڪ پير سائين پاڳاره

۱۴۲۹هہ / 2008ع

www.maktabah.org

سيني حق ۽ واسطا محفوظ آهن

كتاب جو نالو: تحفة المرشدين (پنج گنج)

باهتمام: حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه اول كوٽ ڏڻي رحه

ترتيب اول: مولوي فقير محمد رحيم راڄڙ رحه، حكيم غلام نبي لاهوري

سال ١٣٣٢هه/1914ع

ٻئي اشاعت باهتمام: حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه ثاني ڇَٽ ڌڻي

ترتيب ثاني: حافظ فقير محمد يوسف پنيرو سكندري

سال: جولاءِ 2004/ جمادي الاول ١٤٢٥ هه

ٽئين اشاعت: رجب المرجب ١٤٢٧ هه / آگسٽ 2006ع

چوٿين اشاعت: رجب شريف ١٤٢٩هه /آگسٽ 2008ع

كمپوزنگ: سهڻي پرنٽرز الهندو كچو حيدرآباد سنڌ

هديو: =/100روپيا

خاص تعاون

حُر كمانڊر فقير خادم حسين آرادين

(نارو)

هن كتاب جي اشاعت ۾ حُر جماعت جي معزز شخصيت ۽ حُر كمانڊر جناب فقير خادم حسين آرادين صاحب پنهنجي والدين جي ايصال ثواب لاءِ خاص تعاون كيو آهي. باري تعاليٰ پنهنجي محبوب كريم ﷺ جي صدقي كين دين، دنيا ۽ آخرت جون سعادتون ۽ بركتون عطا فرمائي. (آمين)

ملڻ جا هنڌ

جامعه راشديه درگاهه مبارك پير جو ڳوٺ، مركزي دفتر جمعيت علماءِ سكندريه پير جو ڳوٺ، مدرسه صبغت الهديٰ نيو كالوني شاهپورچاكر، رهبر روضي ڌڻي مسجد علي پيلس چوك قاسم آباد حيدرآباد، بوك اسٽال سنڌي ادبي بورڊ تلك چاڙهي حيدرآباد، مدرسه حزب الاسلام ستوجا چوك پنوعاقل، مولابخش مهر سكندري ڏهركي، حافظ رسول بخش وساڻ مدرسه صبغت الاسلام سانگهڙ، مولوي فقير عبدالله كوري سكندري سليمان ڀرڙ، حافظ محمد قاسم راڄڙ شهيد چوك كپرو، حافظ اميد علي راڄڙ صبغت النور كپرو، محمد رمضان مهر صبغت الاسلام سُوندر، عاجز منگي المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ، حافظ غلام مرتضيٰ سومرو صبغت الفيض سومر فقير هگورو، مفتي علي غلام سكندري هٿونگو، حافظ عبيدالله ٻگهيو مورو، واحدبخش جن شاهپورچاكر، فقير محمد اسماعيل چانگ ايم اي لطيف، غلام مصطفيٰ شر قادري جنت الفردوس قاسم آباد حيدرآباد، حافظ نور احمد سكندري ڏوكري، فقير عبدالحليم درس پٽ ۾ ملنديون.

www.maktabah.org

انتساب

هن ڪتاب ”تحفة المُرشدين “ کي حُر
جماعت جي روحاني رهبر مرشدنا اعليٰ
حضرت سيد شاهه مردان شاهه ثاني پير
سائين پاڳاره دامت برڪاتهم العاليه جن
ڏانهن منسوب ڪجي ٿو. جن جو وجود
مسعود ملڪ ۽ ملت لاءِ ابرِ رحمت آهي.

گر قبول افتد زهے عز و شرف

مسڪين نوشته است به زير درِ مغان
نوميد کس نميرود از آستانِ ما.

(مسڪين! ڪامل مُرشد جي دَروازي تي لکيو پيو آهي ته اسان
جي آستاني تان ڪوبه نااميد ٿي نه موٽندو آهي).

www.maktabah.org

چو خـورشيد حقيقت شد محـمد راشـد طالع

ز دُرج صبـغت الله شـاه علي گــوهر بود لامع

www.maktabah.org

شجره نسب شريف

خاندان عاليه پيران پاگاره دامت فيوضهم

سيدالانبياءوالمرسلين،
خاتم النبيين، رحمة للعالمين
حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ
بنت
خاتون جنت حضرت
سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنها
فرزند
شهيد كربلا حضرت
سيدنا امام حسين رضي الله عنه
فرزند
حضرت سيدنا امام زين العابدين رضي الله عنه
فرزند
حضرت سيدنا امام محمد باقر رضي الله عنه
فرزند
حضرت سيدنا امام جعفر صادق رضي الله عنه
فرزند
حضرت سيدنا امام موسيٰ كاظم رضي الله عنه
فرزند
حضرت سيدنا امام علي رضا رضي الله عنه
فرزند
حضرت سيد حسين شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد عبدالله شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد هارون شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد حمزه شاھ قدس سره
فرزند

حضرت سيد عمر شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد اسدالله شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد زيد شاھ قدس سره
فرزند
حضرت عباس شاھ قدس سره
فرزند
سيد علي مكي لكياري قدس سره
فرزند
حضرت سيد محمد احمد شاھ المعروف
حضرت شاھ صدرالدين لكياري (لكي
شاھ صدر نزد سيوهڻ) قدس سره العزيز
فرزند
حضرت سيد محمود شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد بهاءالدين شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد شهاب الدين شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد فضل الله شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد عباس شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد ناصر الدين شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد مير علي شاھ قدس سره
فرزند

www.maktabah.org

حضرت سيد حسين شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد بولڻ شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد سنجر شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد ڪٽڻ شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد محمد عثمان شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد شڪرالله شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد فتح محمد شاھ قدس سره
فرزند
حضرت سيد محمد امام شاھ
لڪياري قدس سره
فرزند
شمس العارفين حضرت
پير سائين سيد محمد بقا شاھ شهيد
لقب پَٽ ڌڻي قدس سره
فرزند
امام العارفين مجدد العصر ،حضرت
پير سائين سيد محمد راشد، لقب
روضي ڌڻي قدس سره
فرزند
خليفة الله حضرت پير سائين سيد
صبغت الله شاھ اول "پهريون پير
پاڳارو" لقب تجر ڌڻي قدس سره
فرزند
زبده الواصلين حضرت پير سائين
سيد علي گوهر شاھ اول اصغر سائين،
لقب بنگلي "ٻيون پير پاڳارو" ڌڻي
قدس سره
فرزند
فخرالعاشقين حضرت پير سائين
سيد حزب الله شاھ "مسڪين"
لقب تخت ڌڻي "ٽيون پير پاڳارو"
قدس سره
فرزندان
(پهريون فرزند حضرت پير سائين
سيد علي گوهر شاھ ثاني لقب محافي
ڌڻي "چوٿون پير پاڳارو" قدس سره
سندس وصال بعد، سندن ڀاءُ پير سائين
شاھ مردان شاھ اول ڪوٽ ڌڻي،
"پنجون پير پاڳارو" بڻيو)
عمدةالعلماءِ حضرت پير سائين سيد شاھ
مردان شاھ اول لقب ڪوٽ ڌڻي قدس سره
فرزند
شهيد حق و صداقت حضرت پير سائين
سيد حاجي محمد صبغت الله شاھ ثاني
لقب پڳ ڌڻي، سورهيہ بادشاھ
شهيد قدس سره
فرزند
محسن ملڪ وملت مرشدنا اعليٰ
حضرت سيد سڪندر علي شاھ عرف
شاھ مردان شاھ ثاني لقب ڇَٽ ڌڻي
موجوده ستون پير سائين پاڳارو
دام اقباله

✪✪✪

www.maktabah.org

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
1	دعائيه ڪلمات	11
2	پنهنجي پاران	12
3	سوانح حيات حضرت پيرسائين ڪوٽ ڏني رحمةالله عليه	15
	رساله نمبر 1- بيعت نامه لهدايت المريدين	
4	مُريدن کي هدايتون	20
5	حضرت غوث اعظم رحمة الله عليه جا فرمان	27
6	شريعت ۽ طريقت ٻه الڳ شيون نه آهن	28
7	ڪامل مرشد سان بيعت بابت مڪتوب مبارڪ	29
8	مريدن کي زيارت ڪرائڻ ۾ حضرت غوث اعظم جو طريقو	32
9	مرشد ۽ مريد جي آداب بابت مختلف اقوال	33
10	مرشد ۽ مريد جا آداب. حضرت روضي ڏني جا ارشادات	36
11	مريدن لاءِ مرشد جي تڪليف جو سبب	39
12	فيض کان محرومي	40
13	حضرت روضي ڏني عليه الرحمة جو طريقو	40
14	نفس جي خراب عادتن کان بچو	41
15	ڪامل مرشد جي صحبت جي اهميت	45
16	جي مرشد جي صحبت نه ملي	46
17	حضرت پير سائين تجر ڏني رحمة الله عليه جا فرمان	46
18	ڪامل مرشد جو عجيب مثال	49
19	حڪايت	49
20	حڪايت	50

www.maktabah.org

صفحو	مضمون	نمبر
51	مرشد جي مريد تي توجهہ جو مثال	21
51	قلب سليم جون ڪيفيتون ۽ ذڪر جي پلائي	22
57	روحاني سڪون جا ذريعا	23
	رسالہ نمبر2- قاطع البدعت في انتباهہ الغافلين	
71	شاديءَ جون رسمون	24
75	تنبوري جو مريد	25
76	حضرت روضي ڌڻي جي مريدن جو طريقو	26
76	حضرت سلطان باهو عليه الرحمة جو فرمان	27
77	دين ۽ دنيا جون رسمون	28
78	مستحب ۽ مڪروهہ شين جو بيان	29
85	قرض ڏيڻ ۽ وٺڻ	30
86	پرايو مال ڦٻائڻ	31
86	شراب ۽ نشو ڪرڻ	32
87	بي برڪتي ۽ مصيبتن جا سبب	33
89	گهر ۾ رحمتن ۽ برڪتن جا ذريعا	34
89	جهنم جي باهہ ۾ داخل ٿيڻ جا ذريعا	35
	رسالہ نمبر3- برڪات النڪاح وآفات الزنا	36
105	نعمت کي زحمت نہ بڻايو	
106	زنا جون آفتون	37
106	زنا جا قسم	38
107	زنا بابت قرآن جو فيصلو	39
110	زنا بابت رسول الله ﷺ جا فرمان	40
111	قرآن ۽ حديث موجب زنا جي سزا	41

www.maktabah.org

صفحو	مضمون	نمبر
112	زنا کان بچڻ جا طريقا	42
113	نڪاح جو حڪم	43
114	نڪاح جي معنيٰ ۽ مفهوم	44
114	نڪاح بابت رسول الله ﷺ جا فرمان	45
115	دنيا جي ترڪ خاطر نڪاح نه ڪرڻ	46
116	نڪاح جون برڪتون ۽ فائدا	47
117	مختلف اقوال	48
118	حضرت رابعه عدويه جو خط	49
118	هڪ صحابي سگهوري جي گهرواري	50
119	اولاد جي شادي ڪرائڻ	51
120	حڪايت	52
121	شادي بابت ضروري هدايتون	53
121	زال ۽ مڙس جا حقوق	54
123	حڪايت	55
125	عورت لاءِ پردي جو حڪم	56
	عورت جو لباس	57
	جنتي ۽ جهنمي عورتون	58
	رساله نمبر 4- الزكوات الواجب علي الموسرين	59
129	زڪوات بابت الله تعاليٰ جو ارشاد	
130	زڪوات بابت رسول الله ﷺ جن جا فرمان	60
131	قرآن پاڪ جو فيصلو	61
132	جن شين تي زڪوات واجب ٿئي ٿي	62
132	زڪوات جو نصاب	63
132	سون ۽ چاندي جي زڪوات	64
133	ٻڪرين ۽ رڍن جي زڪوات	65

www.maktabah.org

نمبر	مضمون	صفحو
66	ڍڳين ۽ مينهن جي زڪوات	133
67	اُٺن جي زڪوات	134
68	زڪوات جا مصرف يا حقدار	134
69	زڪوات بابت ڪجھ ضروري مسئلا	136
70	زراعت ۽ پوک جي زڪوات	137
71	ميت جي عذرخواهي ۽ ايصال ثواب	137
72	عيدالفطر جو صدقو يا فطرانو	138
73	عقيقو ۽ اُن جا مسئلا	139
74	اضحيٰ يا قرباني جا مسئلا	140
75	رسالہ نمبر 5- تنبيھ الابطله في حرمت مال ربويہ ربو جي لغوي ۽ اصلاحي معنيٰ	146
76	وياج بابت قرآن پاڪ جو فيصلو	146
77	سخي ۽ وياجي ۾ فرق	148
78	وياج بابت رسول الله ﷺ جا فرمان	150
79	حاصل مقصد	153
80	وياج جا چند مسئلا	154

www.maktabah.org

دُعائيه ڪلمات

اللهم صل علیٰ سیدنا و مولانا محمد
وعلیٰ آله واصحابه وبارک وسلم

اَمابعد!

خانقاهه عاليه راشديه جي مشائخن ۽ بزرگن هميشه عام مسلمانن ۽ خاص طرح جماعت جي اصلاح، هدايت، ترقي ۽ ڪاميابي لاءِ نيڪ مشورا ڏنا آهن. اسان به اوهان کي هر موقعي تي نيڪ مشورا ڏنا آهن ته نماز ۽ صبح شام سلسله قادريه جي ذڪر جي پابندي، الاهي احڪامن تي عمل جي استقامت، پاڙي وارن سان سهڻي سلوڪ، پاڻ ۾ اتفاق، محبت ۽ ڀڏي، اولاد کي سهڻي تعليم، خاص ڪري نياڻين کي بهتر تعليم، جهالت وارين ريتن رسمن کي ڇڏڻ، برن جي صحبت کان بچڻ، خانقاهه جي مشائخن جي فڪر کي مضبوطيءَ سان وٺڻ، جماعت سان خيرخواهي، نيڪ نيتي ۽ خانقاهه جي فيصلن ۽ مشورن تي عمل ڪرڻ ۾ جماعت جي ڀلائي ۽ ڪاميابي آهي. اميد ته ٿي ڪجي ته هنن نيڪ هدايتن تي نيڪ نيتيءَ سان عمل ڪرڻ سبب باري تعاليٰ جون خصوصي رحمتون، نوازشون ۽ برڪتون شامل حال ٿينديون، ڇو ته باري تعاليٰ هميشه هر سٺي، بااخلاق ۽ نيڪ نيت ماڻهوءَ کي نوازيندو آهي. والسلام

سيد شاهه مردان شاهه ثاني (پير سائين پاڳارو)

سجاده نشين درگاهه عاليه راشديه قادريه (پيرجوڳوٺ)

28 ربيع الاول شريف 1425هه

بمطابق 19 مئي 2004ع بروز اربع

www.maktabah.org

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

پنهنجي پاران

امام العارفين، محي الدين والسنة، حضرت مرشدنا پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره العزيز (متوفي ١٢٣٤هـ) جن جي سموري زندگي دين اسلام جي تبليغ ۽ احياءِ سنت ۾ بسر ٿي ۽ پاڻ شريعت مطهره جي دڳ کان تِرڙي ويل، لکين انسانن کي صراط مستقيم سان لاتائون. اهڙيءَ طرح سندن خانقاه مبارڪ جي هر هڪ گادي نشين به پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ احياءِ دين وملت جو فريضو احسن طريقي سان سرانجام ڏنو. خانقاه عاليه راشديه جي پنجين گادي نشين شمس الهند والسند، حضرت پير روشن ضمير، پير سائين سيد شاه مردان شاه اول ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن به هڪ طرف جماعت جي ڏورانهن علائقن ۾ پهچي، سفر جون صعوبتون برداشت ڪري، جماعت تائين الله سبحانه و تعاليٰ ۽ ان جي محبوب نبي ﷺ جو پيغام پهچائيندا رهيا ته ٻئي طرف جماعت جي معاشرتي اصلاح، هدايت، نجات ۽ روحاني ترقي لاءِ مختلف ڪتاب ۽ رسالا پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپرائي، جماعت ۾ في سبيل الله تقسيم فرمايائون ۽ گڏوگڏ مولانا محمد صديق حيدرآبادي جو لکيل قرآن پاڪ جو تفسير "تفسير ڪوثر" ڇپرائي، اُهو به في سبيل الله تقسيم ڪرايائون. حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي رحمةالله عليه جن جا ڇپرايل اهي پنج ڪتاب بلڪل ناياب ٿي چڪا هئا، پر حسن اتفاق سان ڪجهه عرصو اڳ هن فقير کي اهي ناياب رسالا مدرسه صبغةالهديٰ شاهپورچاڪر (شاخ جامعه راشديه درگاهه شريف) جي عظيم الشان لائبريري مان مليا. جيڪي استاذي المڪرم حضرت علامه قبله مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم ۽ پاڻ مون کي انهن رسالن جي نئين سر ترتيب جو امر ڪيائون. الحمدالله، اهي پنج ئي اهم رسالا گڏي هڪ ئي ڪتاب ۾ مدرسه صبغةالهديٰ شاهپورچاڪر طرفان شايع ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. انهن ۾

www.maktabah.org

پهريون رسالو "بيعت نامہ لهداية المريدين" مرشد سان بيعت ڪرڻ، مرشد ۽ مريد جي تعلق ۽ آدابن بابت آهي. ٻيون رسالو "قاطع البدعة في انتباه الغافلين" وقت جي غلط ريتن رسمن، بدعتن ۽ ڪبيره گناهن بابت لکيل آهي. ٽيون رسالو "برڪات النڪاح وآفات الزنا" نڪاح جي برڪتن ۽ زنا جي آفتن بابت ۽ انهن سان متعلق مسئلن بابت لکيل آهي. چوٿون رسالو "الزڪواة الواجب علي الموسرين" مالدارن مٿان زڪوات جي واجب هجڻ ۽ زڪوات جي ضروري مسئلن، قرباني ۽ عقيقہ بابت آهي. پنجون رسالو "تنبيه الابطله في حرمت مال ربويه" وياج ڏيڻ ۽ وٺڻ جي حرام هجڻ بابت آهي. اهي پنج ئي ڪتاب ۱۳۳۲هہ بمطابق 1914ع ۾ زبدة الحڪماء حڪيم غلام نبي لاهوري صاحب جي نگراني ۾ (يونين سٽيم پريس) لاهور مان شايع ڪيا ويا هئا. جن جو مصنف فقير محمد رحيم ولد محمد سليمان راڄڙ رحہ درگاهہ شريف جو مريد ۽ خادم هو. انهن رسالن جي ڪتابت حافظ محمد هارون ولد (مرحوم) حافظ محمد يوسف (ساڪن ٽکڙ، تعلقہ گوني ضلع حيدرآباد) جي ڪيل آهي.
وياج جي حرمت واري رسالہ (تنبيه الابطله) جي آخر ۾ حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي رحمة الله عليه جن جي مهر مبارڪ بہ لڳل آهي. ان کان علاوه "برڪات النڪاح" رسالہ جي آخر ۾ حضرت علامہ مخدوم عبدالغفور همايوني رحمة الله عليه جن جي تصحيح پڻ ٿيل آهي. هي پنج ئي رسالا موجوده دؤر جي اهم معاشرتي مسئلن جي حل ۾ انتهائي مفيد هجڻ ڪري، انهن کي هڪ دفعو وري ځرن جي روحاني رهبر، محسن ملڪ وملت، مرشدنا اعليٰ حضرت پير سائين سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني ستين پڳ ڌڻي ادام الله فيوضاتهم جن جي نگاهہ فيضان سان ضروري اضافن سميت شايع ڪيو ويو آهي. منهنجي لاءِ اهو عظيم اعزاز آهي، جو مون کي اهي ڪتاب اسان جي مرشد ۽ روحاني رهبر اعليٰ حضرت پير سائين سردار جن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو ۽ پاڻ اهي رسالا ڏسي بي انتها خوشيءَ جي اظهار سان گڏ نہ فقط هن ڪتاب جي اشاعت جي اجازت ڏنائون، بلڪہ هن ڪتاب تي پنهنجي اُها خانداني مُهر مبارڪ لڳرائڻ جي عنايت پڻ ڪيائون، جيڪا اڳ ۾ اصل رسالن تي پير سائين ڪوٽ ڌڻي عليه الرحمة جن لڳرائي هئي تہ جيئن اسان جا جماعتي

پائر ۽ عام مسلمان هنن رسالن جي اهميت ۽ افاديت کي سمجهندي منجهانئن فائدو حاصل ڪري دين، دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو ٿين.

آئون تهه دل سان متشڪر آهيان، جناب استاذي المڪرم علامه مفتي عبدالرحيم سڪندري، جناب شيخ الحديث علامه مفتي محمد رحيم سڪندري، فقير قربان علي سڪندري، استاذي مولانا حافظ محمد اعظم سڪندري، علامه عبدالوهاب سڪندري، فقير الهورايو سڪندري، ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري، مفتي نورنبي سڪندري، مولانا شاهه محمد قاضي سڪندري، مولوي مُراد علي ميمڻ سڪندري، حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري ۽ والد محترم فقير مجاهد امام بخش ڀنڀرو صاحب جو، جن هن ڪتاب جي ترتيب ۾ هر طرح جو تعاون ڪيو. ان کان علاوه آئون ممنون آهيان، چيف خليفي فقير قادربخش مگريو، خليفو وريام فقير خاصخيلي، فقير غلام حيدر مگريو، فقير حاجي محمد عُمر مگريو، فقير خضر حيات مگريو، فقير محمد عيسيٰ خان وساڻ، فقير خدابخش درس، فقير حاجي خيرمحمد مگريو، فقير خادم حسين آرادين، فقير گل محمد مهر، فقير عبدالله ڪوري سڪندري، فقير مولابخش مهر سڪندري جو، جيڪي هن نيڪ ڪم ۾ هميشه سهڪار ڪندا رهيا آهن.

الله تعاليٰ کان دُعا آهي ته رب ڪريم پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي صدقي خانقاهه عاليه راشديه جي فيض ۽ فڪر کي قيامت تائين شاد ۽ آباد رکي. هر هڪ مؤمن مسلمان کي خصوصاً حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي جماعت کي، سندن فيض مان مستفيض ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي هي حقير محنت پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي. (آمين)

خادم العلم

فقير محمد يوسف ڀنڀرو سڪندري

ڳوٺ ٽيپري ڀنڀرا - ڇور ڪينٽ، عمرڪوٽ

www.maktabah.org

مختصر سوانح حيات

حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره العزيز

شمس الهند والسنڌ، عمدة العلماءِ، ولي ڪامل، حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه اول ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن جي ولادت باسعادت، فخرالعاشقين حضرت پير سائين سيد حزب الله شاهه "مسڪين" تخت ڌڻي قدس سره جن جي مبارڪ گهر ۾ ستين صفر 1279هه تي ٿي. پاڻ پير سائين تخت ڌڻي جا چوٿون نمبر فرزند هئا ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت پير سائين سيد علي گوهر شاهه ثاني محافي ڌڻي (چوٿين پير پاڳاري) قدس سره (جن کي نرينه اولاد نه هئي) جي وصال (1314هه / 1896ع) کان پوءِ 35 سالن جي عمر ۾ خانقاهه عاليه راشديه جا "پنجين پير پاڳاري" جي حيثيت ۾ مسند نشين ٿيا. حالانڪه پير سائين ڪوٽ ڌڻي کان عمر ۾ ٻه ڀائر (علي مظفر شاهه ۽ علي اصغر شاهه) وڏا هئا پر پير سائين محافي ڌڻي قدس سره جن پير سائين ڪوٽ ڌڻي کي علم، ادب، اخلاق، صبر تحمل ۽ تقويٰ ۾ ڪامل هجڻ ڪري گهڻو پسند ڪندا هئا. جنهن ڪري پاڻ علالت دوران ئي خانقاهه جي مسند نشيني لاءِ سندن بابت وصيت فرمائي ڇڏي هئائون. پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن پنهنجي والد بزرگوار جي نگراني ۾ قرآن، حديث ۽ فقه جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ سندن ٻين استادن سڳورن ۾ مولانا نبي بخش ڪولاچي عليه الرحمة جو به ذڪر ملي ٿو. مسند نشيني کان پوءِ حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن ڪافي مشڪلاتن کي مُنهن ڏنو، هڪ طرف خانداني مخالفت ته ٻئي طرف انگريز سامراج جي سخت مخالفت هئي. مگر پاڻ مردانگيءَ ۽ بُلند همتي سان سمورن مسئلن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ، صبر ۽ تحمل کاز ڪم ورتائون. پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن درگاهه مبارڪ جي اهم تعميراتي ڪم ۾ درگاهه مبارڪ جي چوڌاري هڪ مضبوط، شاهي بُرجن وارو ڪوٽ به تعمير ڪرايو ۽ روضي مبارڪ تي سونو ڇٽ ۽ سونيون نيلون چاڙهڻ سان گڏوگڏ مدرسه قادريه

www.maktabah.org

(موجوده جامعہ راشديہ) جي توسيع جو ڪم، مسافرخانو ۽ مهمان خانو بہ ٺهرايائون. حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن انتهائي سخي، فياض، بهادر، علم دوست، حق گو، علم ۽ عالمن جا قدردان ۽ ايثار جا پيڪر هئا. پاڻ هر سال خانقاهہ عاليہ تي منعقد ٿيندڙ چئني عيدن (عيد ميلادالنبي ﷺ، عيد معراج النبي ﷺ، عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ) جي بابرڪت موقعن تي، سونهاري سنڌ ۽ ٻاهر جي مشهور عالمن سڳورن کي خصوصي دعوتون ڏيئي گهرائيندا هئا ۽ انهن جي اچ وڃ ۽ سفر جو سمورو خرچ پاڻ برداشت ڪندا هئا. خاص ڪري ٢٧ رجب شريف جو ڏهاڙو انتهائي محبت، عقيدت ۽ جوش جذبي سان ملهائڻ جو اهڙو اهتمام ڪيائون، جو خانقاهہ حضرت روضي ڌڻي تي ملهايو ويندڙ "ستاويهين رجبي" جهڙي مانائتي محفل، سنڌ ۾ ٻيو ڪٿي بہ ڪانہ ٿُڌي هئي.

حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره طرفان مختلف عالمن، شاعرن، اديبن ۽ عام مسڪين ماڻهن لاءِ وظيفا پڻ مقرر هوندا هئا. پاڻ جماعت کي درگاهہ مبارڪ ۽ سفر ۾ دعوتن جي موقعن تي ذڪر وفڪر جي تلقين سان گڏ، بُراين ۽ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيءَ جي ڪمن جي بہ سختيءَ سان تلقين ڪندا هئا ۽ ان ئي سلسلي ۾ پاڻ مختلف اصلاحي ۽ فڪري ڪتاب ۽ رسالا لکرائي پنهنجي مُهر مبارڪ سان جماعت ۾ عام ڪيائون. پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره پنهنجي وڏي فرزند ميان حُسين علي شاهہ جي لاڏاڻي بعد تمام ڪمزور ٿي پيا ۽ مسلسل سندن طبيعت ناساز رهڻ لڳي ۽ پاڻ آخري وقت ۾ جماعت جي چند وڏن خليفن ۽ مُکن کي گهرائي پنهنجي ننڍڙي فرزند حضرت شهيد اعظم، امام انقلاب پير سائين سيد محمد صبغت الله شاهہ "ثاني" (سورهيہ بادشاهہ) جي مسند نشيني بابت وصيت ڪيائون.

حضرت پير سائين ڪوٽ ڌڻي قدس سره جن جو وصال سٺين ربيع الاول ١٣٣٠هہ تي ايڪهٺ سالن جي ڄمار ۾ ٿيو ۽ سندن وصال بعد حضرت پير سائين سورهيہ بادشاهہ شهيد قدس سره جن سجاده نشين ٿيا.

❀❀❀

www.maktabah.org

بیعت نامہ
لهداية المُريدين

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

حضرت پير روشن ضمير، حضور پرنُور، فيض گنجور، جناب مرشدنا وهادينا، پير سائين سيد شاهه مردان شاهه صاحب ادام الله فيوضاتهم جي ذات بابرڪات عالي صفات، هن وقت ممالڪ سنڌ ۽ هند وغيره ۾ ڪمال درجي باعث فيوض ۽ نعمتن خدا جي آهي، جو محض سندس ضمير پر تنوير جي روشنائي ڪان، هزارن جا هزار ماڻهو سعادتون ۽ روحاني فيض حاصل ڪري، فائز المرام ۽ واصل المقاصد دنيا ۽ آخرت جا ٿيا ۽ ٿيندا رهيا آهن.

ليڪن ازبسڪ في زماننا دنيا ۾ هڪ طوفان لا مذهبي ۽ بي ديني جو اهڙو برپا ٿيو آهي، جنهن جي سببان عموماً ملڪ جا ابنائي ملت ۽ خصوصاً هنڌ ۽ سنڌ جي نوجوانن ۾، آزادي جي هوا مصداق خانه بربادي جي اهڙي پڪڙجي ويئي آهي، جنهن جو ذڪر بيان ڪان ٻاهر آهي ۽ اڪثر اوامر معروف ۽ منهيات منڪر جي شرعي حدن ڪي سخت گستاخي ۽ بي باڪي سان پنجي رهيا آهن. تنهن ڪري عالي حضور ممدوح جو توجهه مبارڪ هن طرف منعطف ٿيو ته ارباب ظاهر جي مسلمه اسبابن لاءِ مطابق طريقه مروجه دؤر حالي جي، ڪجهه هدايت ۽ تربيت جو سامان مهيا ڪجي، ته جيئن انهن ماڻهن تي پوري طرح اتمام حجت جو ٿئي. تنهن ڪري سندن ارشاد واجب الانقياد موجب هي سلسلو نصيحت انگيز ۽ عبرت آميز شروع ڪيو ويو آهي. انشاءالله هنن مضمونن تي يڪيبعد ديگري مختلف رسالا محققانه طور تي لکي، علي الترتيب شايع ۽ مشتهر ڪيا ويندا ۽ هن سڄي مهتمم بالشان ڪارروائي ۽ عظيم الشان ڪم جو سمورو مالي خرچ وغيره به حضور عالي، ازراهه فياضي ۽ دريا دلي جي، محض پنهنجي ذات مجمع المحسنات تي منظور فرمايو آهي. جنهن مان عام طرح سيني ملڪن ۽ شهرن جا ماڻهو مستفيض ۽ مستفيد ٿيندا. الحق سندن وجود مسعود ذي جود، اڄ ڪلهه في الواقع ابر رحمت خدا جو ۽ ڪڪر فيضان نبوت ۽ ولايت جو آهي، پوءِ آئون سندن حڪم عالي موجب الله تعاليٰ جو مبارڪ نالو وٺي، هنن رسالن ڪي شروع ٿو ڪريان.

وما توفيقي الا بالله عليه توڪلت واليه انيب

الراقم

خاڪسار درگاهه عالي

بنده مؤلف رسالہ هذا

www.maktabah.org

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الحمدلله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلواة والسلام علي رسوله سيدنا و مولانا محمد و عليٰ آله و اصحابه اجمعين.

اَما بعد: هن رسالہ "بيعت نامہ لهداية المريدين" ۾ "سلسلہ قادريہ راشديہ" ۾ هدايت جي واٽ جي طالبن ۽ مريدن جي بيعت ڪرڻ جي ان طريقي ڪي بيان ڪجي ٿو، جيڪو جناب مستطاب شمس الهند والسنڌ، حضرت پير سائين پاڳاري سيد شاهہ مردان شاهہ ڪوٽ ڌڻي قدس سره (سجاده نشين درگاهہ مبارڪ ڪنگري بادشاهہ پور تعلقہ روهڙي ضلع سکر نئون ملڪ سنڌ) جي خاندان مبارڪ جو آهي.

❀ سندن خانقاهہ مبارڪ تي جيڪي بہ بلصداقت شخص مريد ٿيڻ ۽ (قادري طريقي جي ذڪر جي) تلقين وٺي، بيعت ڪرڻ لاءِ طالب ٿي ايندا آهن تہ پهريان پاڻ اُنهن کي وضو ڪرائيندا آهن.

❀ وضو ڪرائڻ بعد طالبن کي پنهنجي سامهون گوڏا پيجي ويهاري، تي پيرا "استغفار" پڙهائيندا آهن. جيڪا هن طرح آهي:

"استغفرالله ربي من كل ذنب واتوب اليه"

(آئون پنهنجي رب کان سيني گناهن جي معافي ٿو گهران ۽ ان ڏانهن توبہ ٿو ڪريان)

❀ ان بعد طالبن کي فرمائيندا آهن تہ پنهنجيون اکيون بوٽي منهنجي (يعني مرشد جي) صورت دل ۾ تصور ۾ حاضر ڪيو.

❀ ان بعد پاڻ طالبن تي ڪجهہ ڪلام پڙهي دم ڪندا آهن ۽ فرمائيندا آهن تہ هاڻي اکيون کولي غور ۽ فڪر سان ٻڌو تہ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ذڪر ڪرڻ مهل هميشہ اهو فڪر رکڻو آهي تہ الله هڪ آهي، الله باقي آهي، ٻئي هر شيءِ فاني آهي ۽ الله اسان کي ڏسي رهيو آهي.

❀ پوءِ هن طرح ذڪر ڪرڻ جو طريقو ڏسيندا آهن: فجر مهل ۽ سانجهيءَ نماز

www.maktabah.org

بعد، دل جي حضور سان، ڪعبة الله شريف ڏي مُنهن ڪري، باادب ٿي ويهو. اول يارنهن ڀيرا سورة "اخلاص" يعني "قل هو الله احد" پڙهي، حضرت غوث اعظم بادشاهه پير سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي روح مبارڪ کي ثواب بخشيو.

❀ ان بعد وحدانيت جي ذڪر شريف جون چار تسبيحون بُلند آواز سان، دل تي ضرب هڻي پڙهو. اول هڪ هزار ڀيرا "لااله‌الاالله" جي تسبيح، پوءِ هزار ڀيرا "الاالله" جي، پوءِ هزار ڀيرا "الله" جي ۽ آخر ۾ هزار ڀيرا "هو" جي تسبيح ڪريو.

❀ اهي قادري طريقي جون چارئي تسبيحون ڪرڻ بعد، ڪنڌ جُهڪائي يا ڪنڌ مونن ۾ وجهي، اکيون ٻوٽي آرام ۽ سڪون سان مراقبو ڪيو ۽ مراقبي ۾ پنهنجي نسبت کي قائم رکندي، مرشد ڪامل جو تصور ڪري، سيني جي کاٻي پاسي ٻــبي کان ٻه آڱر هيٺ "قلب" تي توجهه ڏيڻ سان، اُن مان اسم ذات "الله" جو آواز نڪرندو ۽ پوءِ دنياوي مقصدن کي ڇڏي، فقط الله تعاليٰ جي قرب ۽ رضا جي حصول لاءِ دعا گهرو.

❀ اهڙيءَ طرح هر وقت ۽ هر ساعت ۾ اُٿي ويٺي الله تعاليٰ جل شانه جي ذڪر ۽ يادگيري ۾ مشغول رهجو.

مريدن کي هدايتون

حضرت پير سائين قدس سره جن طالبن ۽ مريدن کي هر وقت ديني، دنياوي ۽ روحاني ترقي ۽ ڪاميابي لاءِ هدايتون ۽ مريدن جي اخلاقي سڌاري ۽ اصلاح لاءِ وقت بوقت وعظ ۽ نصيحت ڪندي هن طرح فرمائيندا آهن:

❀ گناهه جا ٻه قسم آهن: (1) صغيره گناهه (2) ڪبيره گناهه . انهن سيني گناهن کان بچڻ گهرجي، جيڪي دنيا ۾ آفتن، مصيبتن، بي برڪتي ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب جو سبب بڻجن ٿا. شرڪ ڪرڻ، ريا ڪرڻ، ناحق خون، زنا، ورياج، شراب، جوا، ڪوڙ ۽ گلا وغيره سڀئي ڪبيره گناهه آهن، جن کان پاسو ڪرڻ ۽ پري ڀڄڻ سچن مريدن لاءِ ضروري آهي.

❀ حقن جا ٻه قسم آهن: (1) حقوق الله (2) حقوق العباد

www.maktabah.org

حــقــوق الله : يعني الله جا حق، جيئن ڪلمہ، نماز، روزو، زڪوات ۽ حج ادا ڪرڻ ۽ الله جي اوامر تي عــمل ڪرڻ ۽ مناهي ڪـان بچـڻ. گـويا الله جا حق ادا ڪرڻ آهي.

حقوق العباد : يعني ٻانهن جا حق، جيـڪي پڻ لازمي ادا ڪرڻا آهن، ڇو تہ ٻانهي جي توبهہ تائب ٿيڻ ڪري، الله تعاليٰ پنهنجا حق معـاف ڪري ڇڏيندو آهي، پر ٻانهن جا تلف ڪيل حق تيستائين معاف نہ ڪندو آهي، جيستائين اُهو حق تلفي ڪيل ٻانهو پاڻ معاف نہ ڪري. "حقوق العباد" جا ڪيئي قسم آهن، جيئن: ماءُ پيءُ جا حق، اولاد جا حق، زال مڙس جا حق، مائٽن جا حق، پاڙيسرين جا حق، مرشد ۽ استاد جا حق وغيره، جيـڪي هر هڪ مؤمن مسلمان کي لازمي ادا ڪرڻا آهن.

❀ مسلم شريف جي حديث آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ فـرمايو: هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي پنج حق آهن: سلام جو جواب ڏيڻ ، مريض جي عيـادت ڪرڻ ، جنازه سان گڏ وڃڻ، دعوت قبـول ڪرڻ ۽ ڇڪ يا نــڇ جو (يرحمڪ الله) سان جواب ڏيڻ. ان ڪان عـلاوه مسلمان ڀاءُ جي عيبن تي پردو رکڻ، ان جي جائز مدد ۽ خـيـرخـواهي ڪرڻ، ٻن وڙهندڙ مسلمانن ۾ صُلح ڪرائڻ، وعده وفـائي ڪرڻ ۽ سندس امانت ۾ خيـانت نہ ڪرڻ، ان جي حقوق ۾ شامل آهن.

❀ مريدن لاءِ اها هدايت آهي تہ نصيحت جي نڪتن ۽ ڳالهين تي سچائي ۽ صداقت سان عـمل ڪندا رهجو. ماڻهو گناهہ جي ڪمن تي فـخر ۽ وڏائي ڪندا آهن ۽ وڏي بهادري سمجهندا آهن، پر ائين ڪرڻ ٻيڻو گناهہ ۽ ڪفر آهي ۽ رب ڪريم جي دربار ۾ سرڪش ۽ بي ادب ٿيڻ آهي ۽ اهڙو شـخص رب جي رحمتن ڪان محروم هوندو آهي.

از خــــدا خــــواهيم توفــــيقِ ادب
بي ادب مــحــروم مــاند از فــضل رب

(الله تعاليٰ ڪان ادب جي توفيق ٿا گهرون، ڇو تہ بي ادب الله جي فضل ۽ ڪرم ڪان محروم هوندو آهي)

❀ وقت جي مسلمان حاڪمن جي جائز حڪمن ۽ قانونن جي پابندي ڪندا رهو.

www.maktubah.org

جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي:

"اَطيعوا الله واطيعوا الرسول واولي الامر منكم"

(سورة نساءِ آيت 59)

(اطاعت ڪيو الله جي ۽ اطاعت ڪيو رسول جي ۽ انهن جي جيڪي اوهان مان معاملي جا والي آهن)

❀ زمين ۾ فتني ۽ فساد برپا ڪرڻ ۽ شور شرارتن کان بہ بچندا رهو. جيئن الله سائين فرمايو آهي:

"ولا تبغ الفساد في الارض ان الله لايحب المفسدين"

(سورت قصص آيت 77)

❀ اي عزيز! مرشد جي آڏو دل جي سچائي سان اچڻ گهرجي ۽ ادب ۽ احترام جو خاص خيال رکڻ گهرجي، ڇو تہ ان سان دين ۽ دنيا جا سيئي فائدا ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن. مرشد سان بيعت ڪرڻ ۽ نسبت ڳنڍڻ بعد، نماز ۽ ذڪر جي پابندي ۽ مرشد جي ڪيل نصيحتن، هدايتن، فرمانن ۽ مرشد سان، الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جو واعدو ڪرڻ آهي ۽ واعدو پورو ڪرڻ، ايمان وارن لاءِ ضروري آهي، جيئن الله سائين فرمايو آهي:

"ياايهالذين آمنو اوفوا بالعقود "

(سورة مائده آيت 1)

(اي ايمان وارو! پنهنجا واعدا پورا ڪريو)

۽ حديث شريف ۾ آهي:

لا ايمان لمن لا وعد له لا ايمان لمن لا عهد له

(جنهن ۾ واعدو نڀائڻ ناهي ان ۾ ايمان ناهي)

❀ تنهن ڪري ثابت ٿيو تہ جيڪو شخص طالب ۽ مريد هجڻ باوجود پنهنجي روحاني رهبر ۽ مرشد سان ڪيل واعدن کي پورو نٿو ڪري تہ اُهو ايمان جي ڪماليت کان بہ محروم آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي ڪامل مرشد جي تعليم ۽ طريقي کان ڀٽڪي ويو تہ اهو صراط مستقيم کان بہ گمراهہ ٿي ويو ۽ گمراهہ ماڻهو ڪا بہ هدايت لهي نہ سگهندو آهي.

www.maktabah.org

قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: ومن يضلل فلن تجد له وليا مرشدا

(سورة ڪهف آيت 17)

(۽ جيڪو گمراهه ٿيو پوءِ هرگز نه لهندين ان جي لاءِ ڪو مددگار ۽ هدايت ڏيندڙ)

❀ پر هڪ سچو طالب ۽ مريد جيڪو پنهنجي مرشد ۾ عقيدت رکندڙ ۽ ان جي قرآن ۽ سنت تي مبني تعليم جو پيروڪار آهي ته پوءِ اُهو قيامت جي ڏينهن به پنهنجي امام ۽ رهبر سان گڏ اُٿاريو ويندو.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يوم ندعو كل اناس بامامهم

(سورة بني اسرائيل آيت 71)

(ان (قيامت جي) ڏينهن اسان سڀني ماڻهن کي سندن اڳواڻن، رهبرن سان گڏ اُٿاريندا سون).

❀ هڪ ڪامل مرشد ۽ روحاني رهبر، پاڻهي ۽ رب ڪريم جي وچ ۾ وصل يعني ميلاپ ۽ ڳانڍاپي جو وسيلو هوندو آهي ۽ وسيلي کان سواءِ حقيقي منزل ملڻ محال آهي.

قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ياايهاالذين آمنو اتقوا الله وابتغوا اليه الوسيلة

(سورة مائده آيت 35)

(اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ ان تائين پهچڻ لاءِ وسيلو ڳولهيو)

۽ اهو به ته جنهن ماڻهو جو ڪوبه شيخ يا ڪامل مرشد نه هوندو آهي، ان کي شيطان پنهنجي ڄار ۾ آساني سان ڦاسائي ڇڏيندو آهي. مشهور قول پڻ آهي:

"من لا شيخ له فشيخه الشيطان"

(يعني: جنهن جو ڪو مُرشد ناهي، ان جو اڳواڻ شيطان هوندو آهي)

❀ اي عزيز! انسان جي ظاهر جي درستگي ۽ ان سان تعلق رکندڙ شرعي احڪامن جي تشريح ڄاڻڻ لاءِ جيئن چئن امامن مان ڪنهن هڪ جي تقليد ڪرڻ ۽ ان جي رهنمائي ۾ پنهنجي عبادتن ۽ معاملن کي صحيح ڪرڻ

www.maktabah.org

ضروري آهي، تيئن انسان جي باطن جي اصلاح، نفس جي تزڪيہ، دل جي صفائي ۽ سلوڪ جي راھ اختيار ڪرڻ لاءِ، هڪ ڪامل مرشد جي بيعت ڪرڻ بہ لازم آهي.

❀مرشد جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي يا مرشد جي روبرو، باوضو ۽ باادب، دل جي خلوص ۽ سچائي سان، گناھ جي ڪمن کان توبه تائب ٿيڻ، قلب جي تصفيہ ۽ نفس جي تزڪيہ لاءِ مرشد جي تعليم ۽ هدايتن، خاص طرح عقيدي جي اصلاح، نماز ۽ ذڪر الاهي تي عمل ڪرڻ جي واعدي ڪرڻ کي بيعت چئبو آهي.

❀ جيستائين ڪوبہ ماڻهو پنهنجي مرشد جي حڪمن تي عمل ڪري، پنهنجي رب پاڪ ۽ ان جي رسول ﷺ ڏانهن رجوع نٿو ڪري ۽ قرآن پاڪ جي حڪمن جي بجا آوري نٿو ڪري ۽ چوري، زنا، حرام خوري، شراب نوشي ۽ فتنن فسادن کان پاڻ کي نٿو بچائي، تيستائين ان کي منزل ملڻ محال آهي.

بقول حضرت شيخ سعدي جي:

خلاف پيمبر کسے رھ گزيد
هر گز بمنزل نہ خواهد رسيد

(پيغمبر ڪريم ﷺ جي واٽ جي ابتڙ هلڻ وارو، ڪڏهن بہ منزل مقصود کي نہ رسي سگهندو)

❀ طالب ۽ مريد لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ: نيت هميشه صاف ۽ شفاف رکي، دل ۾ بغض، حسد، ساڙ ۽ بدنيتي بہ فيض جي حصول کان محروم رکندا آهن. ڪوبہ نيڪ عمل ٿورو ڪجي يا گهڻو فقط رضاءِ الاهي جو ذريعو سمجهي ڪرڻ گهرجي، جيئن حديث شريف ۾ آهي:

"نية المؤمن خير من عمله"

(مؤمن جي نيت، سندس عمل کان ڀلي آهي)

❀ اسان "خاندان عاليہ راشديہ" جا پير طريقت، اوهان مريدن کي هميشه اها هدايت ڪندا رهيا آهيون تہ اي مريدؤ، پنهنجي چال چلت سڌاريو، نہ ڪنهن کي ايذايو، نہ ڪنهن کي تڪليف ڏيو، نہ ڪنهن تي ظلم ڪريو،

www.maktabah.org

نہ ڪنھن جو مال ڦٻايو، نہ شرڪ ڪريو، نہ ناحق خون ڪريو، پنج وقت نماز ۽ ٻہ وقت ذڪر جي پابندي ڪريو. غريبن، مسڪينن، يتيمن ۽ بيواهن جي مدد ڪريو. ٻاڙي وارن سان چڱي نموني هلو، اولاد کي سھڻي تعليم ڏيو، برن ماڻھن جي صحبت کان بچو، مرشد جي نسبت کي قائم رکو، تہ انشاءَالله رب رحمان ۽ ان جي محبوب رسول ﷺ جي رضامندي واري دولت بہ حاصل ٿيندي، ظاهري ۽ باطني درجن واري منزل بہ ميسر ٿيندي تہ مطلوب رهبر بہ اوهان کان راضي ٿيندو. دنيا ۾ وقت جي حاڪمن جي زير سايہ عزت سان زندگي جا ڏينھن گذرندا ۽ آخرت ۾ ابدي نعمتن جو سچو واعدو ٿيل آهي. تنھن ڪري ڪامل مرشد سان پڪي نسبت هجڻ بي حد ضروري آهي.

هر ڪہ او بي مرشدي در راه شد
اوز غولان گمرهي درچاه شد

(جنھن بہ بنا مرشد جي واٽ ورتي، اُهو گمراهيءَ جي کوھ ۾ ڪريو)

❀ جيڪڏهن ڪي ماڻھو اسان جي مٿين هدايتن تي عمل نہ ڪندا ۽ اسان جي جد امجد بزرگوار حضرت پير سائين روضي وارن عليه الرحمة والغفران يا سلسلہ قادريہ جي ٻين بزرگن کان روحاني استعانت ۽ مدد گھرندا تہ انھن جي اھا اُميد هرگز مقبول نہ ٿي سگھندي. ڇو تہ ڪامل مرشد جي ڏسيل دڳ ۽ فڪر کي ڇڏي، ٻيو رستو وٺڻ سان منزل حقيقي جو موتي هٿ اچڻ ناممڪن آهي. حضرت شيخ سعدي جي بقول:

ترسم نہ رسي بہ ڪعبہ اي اعرابي
ڪہ اين رہ ڪہ تومے روي بہ ترڪستان ست.

(اي اعرابي، ڪعبي کي نہ پُھچي سگھندين، ڇو تہ جيڪا واٽ ورتي اٿئي، سا تہ تُرڪستان ٿي وڃي)

❀ خانقاھ عاليہ راشديہ قادريہ جا اعليٰ ادنيٰ، ننڍا وڏا سڀئي مريد هنن هدايتن کي پنھنجي پوري ڌيان ۽ سچائيءَ سان ٻڌن ۽ عمل ڪن ۽ هر هڪ عام مؤمن مسلمان کي بہ نيڪ هدايتن تي عمل ڪري دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو ٿيڻ گھرجي.

www.maktabah.org

نصيحت كنمت بشنو و بهانه مگير
هر آنچه گويد ناصح مشفق بپذير.
(توکي جيڪا نصيحت ٿو ڪريان، اُها غور سان ٻُڌ ۽ بهانا نه بناءِ، جيڪي ڪجهه ناصح چوي، اُن کي قبول ڪر)

❀ هر ڪم ۾ حضرت شافع المذنبين، رحمة للعالمين، سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جي شريعت مطهره کي اکين آڏو رکڻ گهرجي، ڇو ته شريعت مصطفيٰ ﷺ، الله تعاليٰ تائين پهچڻ جو بنيادي دڳ آهي. باقي طريقت، حقيقت ۽ معرفت ان جون شاخون آهن. طالب ۽ مريد لاءِ لازم آهي ته پهريان شريعت واري ٿڙ کي مضبوط ۽ محڪم ڪري وٺي، ڇو ته شريعت تي ڪاربند ٿيڻ سان ان جي شاخن جو حاصل ٿيڻ آسان ٿي پوندو آهي.

❀ پنهنجي مرشد جي حڪمن ۽ هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. ٻئي جي مرشد جي گلا ۽ غيبت ڪرڻ، ڄڻ پنهنجي مرشد جي گلا ڪرڻ آهي. پنهنجي مرشد يا ڪنهن به الله جي ولي جي دربار، خانقاهه، اولاد، عزيزن ۽ قريبن جو ادب ۽ حياءُ رکڻ ضروري آهي.

❀ مرشد جي سامهون دنيا جي حصول جي درخواست ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر اهو آهي ته مرشد کي فقط دُعا لاءِ باادب عرض ڪجي، ڇو ته صالحن جي دُعائن سان ئي دين ۽ دنيا جون برڪتون ۽ سعادتون حاصل ٿينديون آهن.

❀ مرشد جي بي ادبي ڪندڙ ۽ مرشد جي سامهون حجت ۽ دليري ڪندڙ، روحاني ترقي ۽ فيض جي حصول کان محروم رهندو آهي.

❀ دنيا جي زندگي تمام ٿورڙي آهي ۽ زندگي جي نعمت کي عيش پرستي ۽ خود پرستي ۾ بسر ڪرڻ بجاءِ، دنيا جي عارضي آسائشن ۾ محو ٿيڻ بجاءِ آخرت جي ابدي زندگي لاءِ نيڪ عملن جو ثمر ڳاهڻ گهرجي.

❀ دنيا ۾ هڪ اجنبي ۽ مسافر وانگر زندگي گذاريو، هڪ قيدي وانگر زندگي گذاريو، ڇو ته دنيا ۾ عيش ۽ آرام فقط ڪافرن لاءِ آهي ۽ ڪافر ئي دنيا کي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا، پر هڪ مؤمن مسلمان جو هن دنيا ۾ رهڻ فقط الله جي رضا ڳولڻ، عبادت ڪرڻ، نيڪ عمل ڪرڻ ۽ حلال رزق ڪمائڻ لاءِ آهي.

❀ جيڪڏهن رب ڪريم ڪنهن ماڻهو کي مال ۽ دولت کان محروم ڪيو آهي

www.maktabah.org

ته اُهو به صبر ۽ شڪر ڪري، جو رب ڪريم ان کي آزمائشن کان بچائي ورتو آهي. قرآن پاڪ ۾ آهي ته "بيشڪ توهان جا مال ۽ اولاد آزمائش آهن".

❀ جنهن کي رب ڪريم مال ۽ دولت ڏني آهي ته اُهو مال، ڌن ۽ دولت کي ذخيرو ڪري نه رکي، بلڪه الله جي راهه ۾ خرچ ڪري. الله جي واٽ ۾ الله جي رضا لاءِ خرچ ڪرڻ سان دولت ڪٽندي ناهي، بلڪه وڌندي آهي، الله سائين قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو ته: "مثال انهن ماڻهن جو جيڪي پنهنجا مال الله جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن، اُن داڻي وانگر آهي جنهن مان ست سنگ ڦٽندا آهن ۽ هر سنگ ۾ هڪ سئو داڻا هجن ٿا. پر الله تعاليٰ جنهن لاءِ چاهي، ثواب کي ايحان به ٻيڻو ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ ڪشادگي وارو ڄاڻيندڙ آهي". (سورت بقره آيت 261)

حضرت غوث اعظم جا فرمان

قادري طريقي جا امام، حضرت محبوب سبحاني، غوث اعظم، سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جن "غنيةالطالبين" ۾ فرمائين ٿا:

❀ الله جي محبوب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کان صحابه ڪرام ۽ صحابه کان تابعين ۽ تابعين کان تبع تابعين پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ (ظاهري ۽ باطني) تعليم حاصل ڪئي. هر هڪ نبيءَ سڳوري جو ڪو نه ڪو اهڙو اصحابي ضرور هيو، جيڪو نبيءَ جي طريقي ۽ ان جي رهنمائي مطابق زندگي جو رستو طئي ڪندو رهيو ۽ پيغمبر جو جانشين ۽ قائم رهيو. جيئن حضرت موسيٰ عليه السلام جو جاءِ نشين سندن خادم ۽ ڀائيجو حضرت يوشع بن نون هيو ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جا جاءِ نشين سندن حواري هيا ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جو جاءِ نشين حضرت سيدنا ابو بڪر صديق رضي الله عنه ۽ ان بعد حضرت عمر فاروق رضي الله عنه، حضرت عثمان ذوالنورين ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه هيا.

سيني ولين، ابدالن ۽ سچن ٻانهن جو سلسلو ائين ئي هلندو رهيو. ڪو استاد ٿيو ته ڪو شاگرد (ڪو مرشد هيو ته ڪو مريد) حضرت حسن بصري جو شاگرد حضرت عتبه ٿيو، حضرت سري سقطي جو ارادتمند حضرت جنيد

www.maktabah.org

بغدادي بڻيو. مشائخ (يعني مرشد سڳورا) ئي الله تعاليٰ تائين پهچڻ جو وسيلو ۽ ذريعو آهن ۽ الله وارن جي آستانن کان ئي بارگاهه ايزدي ۾ داخلا ملندي آهي، تنهن ڪري هر هڪ ماڻهو لاءِ مرشد جو هجڻ ضروري آهي.

شريعت ۽ طريقت ٻه الڳ شيون ناهن

حضرت نبي آخر الزمان، سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي "شريعت مطهره" کان مٿي ڪابه شيءِ ناهي. پيري مريدي جو سلسلو يا طريقت وغيره شريعت جون شاخون آهن ۽ شريعت مطهره کي پُٺي ڏيڻ وارو ڪڏهن به منزل تي پهچي نه سگهندو، بلڪ گمراهي ۾ غرق ٿي ويندو. حقيقي طريقت به شريعت کان جدا ناهي، جيڪا طريقت، شريعت مطهره (عليٰ صاحبها الصلوات والسلام) جي ابتڙ آهي، اها گمراهي آهي. ڇو ته طريقت جو مقصد ڪامل مرشد جي رهبري ۽ رهنمائي ۾، الله تعاليٰ جل شانه ۽ ان جي محبوب نبي ڪريم ﷺ جي بارگاهه ۾ مقبول ٿيڻ آهي.

❀ اسان جا مرشد پير سائين روضي ڌڻي قدس سره فرمائين ٿا ته "ظاهر وارا شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو مثال هن طرح ڏيندا آهن ته شريعت سٿڻ (شلوار) جي مثال آهي ۽ طريقت پيراهڻ جي مثال آهي ۽ حقيقت چادر جهڙي ۽ معرفت دستار وانگر سمجهڻ گهرجي. پر اسان جو مذهب ۽ طريقو هي آهي جو "شريعت" جنهن کي اهل ظاهر سٿڻ ٿا سمجهن، اُها اسان لاءِ دُستار ۽ مٿي جو ڇٽ آهي".

اي عزيز! شريعت جو لحاظ اول رکڻ کپي، ڇو ته طريقت ۽ فقيري به شريعت کان ٻاهر ڪانه آهي، جيڪو شخص شريعت تي پورو ايندو ته حقيقت پاڻهي مٿس کلي پوندي.

❀ حضرت سيدنا جنيد بغدادي قدس سره جي خدمت ۾ ڪنهن ماڻهو معرفت بابت ڳالهائيندي چيو ته حضرتا! ڇا معرفت جا صاحب اهڙي به مقام تي پهچندا آهن، جتي انهن کي عمل جي ضرورت نه رهندي آهي ۽ اهي ظاهري اعمال کي ڇڏي ڏيندا آهن؟ حضرت جنيد فرمايو "اهڙو خيال ڪرڻ يا اهڙي ڳالهه تي يقين ڪرڻ وڏو گناهه آهي، جيڪڏهن آئون هزار سال زنده رهان ته،

www.maktabah.org

فرض ۽ واجب تہ وڏيون شيون آهن، پر نفل ۽ مستحبات کي بہ ڪنهن شرعي عذر کان سواءِ ترڪ نہ ڪندس".

❀ حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ قدس سره فرمائين ٿا تہ "جيڪڏهن ڪو شخص روحاني ترقي ۾ حقيقت تائين پهچي وڃي ۽ اُتي ڪانئس ڪا خطا ٿي وڃي ۽ ان کي هيٺ ڪيرايو وڃي تہ اُهو طريقت جي مقام ۾ ڪرندو ۽ جيڪڏهن طريقت ۾ ڪا غلطي ٿي تہ اُهو شريعت ۾ ڪرندو، پر جيڪڏهن شريعت ۾ ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان کان هيٺيون درجو جهنم ئي آهي، ان ڪري بزرگن چيو آهي تہ سڀ کان اهم حفاظت شريعت جي ئي حفاظت آهي".

❀ حضرت ابو يزيد بسطامي قدس سره جن هڪ شخص سان ملاقات لاءِ ويا، جيڪو زهد ۽ ولايت جو دعويدار هيو. ان شخص حضرت بايزيد جي سامهون قبلہ شريف طرف ٿڪ اُڇلائي تہ پاڻ فوراً واپس موٽي آيا ۽ فرمايائون تہ هي شخص شريعت جي هڪ ادب جو امين ناهي تہ رحماني رازن جو ڪيئن امين هوندو؟ حضرت بايزيد وڌيڪ فرمايو تہ "جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي هوا ۾ اُڏامندي ڏسو تہ بہ ڌوکو نہ کائجو، جيستائين ان کي شريعت مطهره جي ڪَسوٽي تي نہ پرکيو".

ڪامل مرشد سان بيعت بابت

حضرت روضي ڌڻي جو مڪتوب مبارڪ

سڀ تعريفون اللّٰہ تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي يقين واري واٽ تي استقامت جي هدايت فرمائي ۽ اسان جا سينا معرفت ۽ محبت جي نُور سان کوليائين ۽ اسان کي پنهنجي ديدار واسطي عاشقن جي جماعت مان بنايائين ۽ اسان کي پنهنجي محبوب نبيءَ آخرالزمان ﷺ جي متابعت عطا فرمايائين. صلاتون ۽ سلام سندس مخلوق مان پہلي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي هجن، جيڪو انساني رازن جو خزانو آهي ۽ پڻ ان جي آل ۽ اصحابن تي رحمتون هجن، جو اُهي هدايت ۽ معرفت جا ستارا آهن.

اَمابعد!: اللّٰہ تعاليٰ فرمايو آهي تہ: "بيشڪ اُهي جيڪي تنهنجي بيعت ڪن

www.maktabah.org

ٿا، اُهي حقيقت ۾ الله سان ئي بيعت ڪن ٿا، انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي، پوءِ جنهن عهد ٽوڙيو، ان پنهنجي بُري عهد کي ٽوڙيو ۽ جنهن پورو ڪيو اُهو عهد جيڪو ان الله سان ڪيو هو ته تمام جلد الله ان کي وڏو ثواب ڏيندو".
ٻئي هنڌ به الله تعاليٰ فرمايو آهي ته: "بيشڪ الله مؤمنن کان راضي ٿيو، جڏهن اُهي وڻ هيٺان تنهنجي بيعت ڪن پيا، پوءِ الله ظاهر ڪيو جو ڪجهه انهن جي دلين ۾ هو ۽ پوءِ انهن تي اطمينان نازل ڪيائين ۽ انهن کي جلد اچڻ واري فتح جو انعام ڏنائين ۽ پڻ تمام گهڻيون غنيمتون جن کي اُهي وٺندا ۽ الله عزت ۽ حڪمت وارو آهي". اهڙيءَ طرح ٻئي هنڌ قرآن ۾ آهي ته: "اي نبي ﷺ! جڏهن توهان وٽ مسلمان عورتون، هن ڳالهه تي بيعت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿين ته الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪنديون ۽ چوري نه ڪنديون ۽ زنا نه ڪنديون ۽ نه ڪو پنهنجي اولاد کي قتل ڪنديون ۽ نه اهڙا بهتان آڻينديون، جنهن کي پنهنجي هٿن ۽ پيرن جي وچ ۾ ڪڻن (يعني پرايو ٻار کڻي مڙس کي ڏوکو نه ڏينديون ته ڪو اهو انهن جو پيٽ ڄائو آهي، جيئن جاهليت جي دؤر ۾ اُهو دستور هيو) ۽ نه ڪو ڪنهن نيڪ ڳالهه ۾ توهان جي نافرماني ڪنديون (ته پوءِ تون انهن کان ضرور بيعت وٺ) ۽ الله کان انهن لاءِ مغفرت گهر، بيشڪ الله بخشڻ وارو مهربان آهي".

ديني پيرن جي جماعت ۽ يقين واري واٽ جي طالبن لاءِ لازم ۽ واجب آهي جو هو ڏسن ته تابعداري ڪرڻ جي احڪامن کي مضبوطي سان وٺندڙ ۽ بيعت جي احڪامن تي ڀروسو ڪندڙن لاءِ رباني ڪلام جي آيتن ۾ وڏيڪ ثواب ملڻ ڏانهن اشارو (هن طرح) آهي ته انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي، جنهن پورو ڪيو، اُهو عهد، جيڪو ان الله سان ڪيو هو، ته تمام جلد الله ان کي ثواب ڏيندو ۽ الله تعاليٰ جي فرمان کان ڦرندڙن لاءِ وري هن طرح ڌمڪي ۽ للڪار آهي ته جنهن عهد ٽوڙيو، ان پنهنجي بُري عهد کي ٽوڙيو (ان ڌمڪي کي) آڻي، دل ۾ پڪي طرح ويهاري، منع ڪيل ڪمن کان روڪيو ويو. مثال طور: الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪجو، ۽ الله جل شانه تي ڪوڙ نه ٻڌجو، نه ڪو مسلمانن تي ڪوڙ ۽ بهتان هڻجو، سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي بي فرماني کان بچجو ۽ شرعي احڪامن جي پوري ڪرڻ لاءِ (يقين واري واٽ جي طالبن کي) امر ٿيل آهي ته شهادت جو ڪلمون پڙهو. پنج وقت

www.maktabah.org

نماز ادا ڪريو، رمضان جا پورا روزا رکو، زڪوات ڏيو ۽ جيڪڏهن طاقت اٿئو ته بيت الله شريف جو حج ڪريو. اهڙيءَ طرح يقين واري واٽ جي طالبن کي سلف صالحين به هنن احڪامن جي وصيت ڪئي ته شهوت ۽ دنيا جون لذتون ڇڏيو، ڏارين عورتن سان صحبت نه ڪريو، غير ضروري دنياوي اسباب گڏ ڪرڻ ڇڏي ڏيو ۽ رات ڏينهن (هر وقت) الله جي ذڪر ۾ مشغول رهو، جيئن فرمان خداوندي آهي ته "بيشڪ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو ته تون قيام ڪرين ٿو، (رات جو جاڳين ٿو) ڪڏهن رات جي ٻن حصن جيترو، ڪڏهن آڌي رات جيترو، ته ڪڏهن ٽهائي جيترو" يعني رات جي ٽئين حصي ۾ تهجد جي نماز ادا ڪرڻ کان بعد ذڪر ذڪر ۾ مشغول رهو ۽ ڏينهن جي پهرين يا پوئين چوٿائي ۾ ذڪر فڪر يا (نيڪن جي) صحبت ۽ وعظ ونصيحت ۾ مشغول ٿي (انهن احڪامن کي) بجا آڻيو. هن مضبوط رسي کي چنبڙي، دل ۽ جان سان ان جي طلب ڪندڙ ۽ خواهش ڪندڙ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن وقت، ڪنهن به فرد کان انهن احڪامن منجهان ڪو به ڪم قضا ٿي وڃي ته الله تعاليٰ جي فرمان موجب ته "اي ايمان وارؤ! الله ڏانهن اهڙي توبهه ڪريو جيڪا توبهه سچي هجي" مخفي معاملن جي توبهه بروقت مخفي طرح سان ۽ ظاهري معاملن جي توبه به بروقت ظاهري طرح سان ۽ پشيمان ٿي تائب ٿيڻ گهرجي.

پيمان مشڪن ڪه هر پيمان بشڪست
از پاءِ در افتاد و برون رفت ازدست
آن راڪه بود درست پيمان الست
نشڪست بيهيچ حال هر عهد ڪه بست

(انجام نه پيچ، چاڪاڻ ته جنهن به انجام ڀڳو، اُهو (گويا) پيرن ڀر ڪريو ۽ هٿن مان ويو، الست وارو انجام جنهن جو درست آهي، اُهو ڪنهن به حال ۾ ڪو به واعدو نه ڀڃندو)

ياالله! اسان کي آخرالزمان نبي ﷺ جي چڱي طرح متابعت نصيب فرماءِ ۽ اسان کان نبي ڪريم ﷺ ۽ سندس آل جي طفيل راضي ٿيءُ. اي وڏيڪ رحم فرمائڻ وارا، انهن سيني تي گهٽي کان گهٽا هميشه سلام موڪلندو رهه.

www.maktabah.org

مريدن کي زيارت ڪرائڻ ۾
حضرت غوث اعظم جو طريقو

حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحمةالله عليه پنهنجي ڪتاب "عوارف المعارف" ۾ لکن ٿا ته: حضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحمةالله عليه وٽ جڏهن ڪو درويش يا فقير ملاقات ۽ زيارت لاءِ ايندو هو ته پهريان خادم وٽي ڪين اطلاع ڪندو هو، پوءِ پاڻ پنهنجي حُجري جو ٿورو دروازو کولي ٻاهر ايندا هئا ۽ ان فقير سان هٿ ملائي سلام ڪري واپس هليا ويندا هئا ۽ ان وٽ ويهندا ڪونه هئا. مگر جڏهن ڪو غير فقير (يعني عام دنيادار ماڻهو) ساڻن ملاقات لاءِ ايندو هو ته پاڻ ان سان ويهندا ۽ ڪچهري ڪندا هئا. هڪڙي فقير کي سندن اهو طريقه ڪار پسند نه آيو ته پاڻ مريد ۽ فقير سان ته نٿا ويهن بلڪه هڪ عام ماڻهو (غير فقير) سان ويهن ٿا. فقير جي دل ۾ پيدا ٿيل اها ڳالهه حضرت غوث اعظم کي ڪشف ذريعي معلوم ٿي وئي ۽ پاڻ فوراً فرمايائون "هڪ درويش، فقير ۽ مريد سان اسان جو دلي تعلق ۽ روحاني رشتو آهي ۽ اهو اسان جي اهل منجهان آهي، ان ڪري فقيرن سان اسان جو اهو دلي تعلق ڪافي آهي ۽ اسان دلي موافقت تي ئي اڪتفا ڪندا آهيون، مگر جيڪي فقيرن ۽ ظاهري رسمن ۽ سواءِ دينيدار ۽ عام ماڻهو آهن، ته انهن سان ظاهري رسمن ۽ معاشرتي طرز مطابق پيش ايندا آهيون، ڇو ته انهن سان اسان جو ڪوبه روحاني رشتو ناهي". تنهن ڪري حقيقت جي طالب لاءِ ضروري آهي ته مرشد سان ادب جي حدن جو لحاظ رکندي پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي سينگاري.

اي عزيز! حضرت غوث اعظم جي فرمان مان ظاهر آهي ته هڪ سچي مريد ۽ فقير جو پنهنجي مرشد سان روحاني تعلق ۽ رشتو هوندو آهي ۽ مريد جو ظاهري ۽ باطني حال ڪامل مرشد کان مخفي ناهي هوندو ۽ سچي ارادتمند ۽ ويساهه واري فقير سان مرشد جي روحاني امداد هميشه گڏ هوندي آهي.

www.maktabah.org

مرشد ۽ مريد جي آداب بابت مختلف اقوال

❀ حضرت ذوالنون مصري قدس سره فرمائي ٿو تہ "جڏهن ڪو بہ مريد ادب ۽ حيا جو خيال نٿو رکي تہ اُهو معرفت جي منزل تي پهچڻ بجاءِ انهيءَ ساڳي جڳهہ تي پهچي ٿو، جتان هليو هيو".

❀ حضرت عبدالله بن مبارڪ قدس سره فرمائي ٿو تہ: "اسان کي گهڻي علم حاصل ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ ٿورڙي ادب حاصل ڪرڻ جي وڌيڪ ضرورت آهي".

❀ حضرت ابو علي رودباري قدس سره فرمايو تہ: "ٻانهو ادب جي ذريعي الله تعاليٰ سان ملندو آهي ۽ اطاعت جي ذريعي جنت تائين پهچندو آهي".

❀ امام محمد بن محمد غزالي عليہ الرحمة فرمائي ٿو تہ: "مرشد" اُهوئي ٿي سگهي ٿو جيڪو دنيا جي محبت ۽ دنياوي عزت ۽ مرتبي جي محبت کان خالي هجي ۽ ان جو سلسلو سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تائين پهچندو هجي ۽ ان ۾ عبادت الاهي جي تعميل سان گڏ سهڻا اخلاق بہ هجن ۽ صبر، شڪر، توڪل، يقين، سخاوت، قناعت، امانت، بردباري، انڪساري، فرمانبرداري، سچائي، حياءُ، وقار ۽ سڪون جي نعمتن سان مالامال هجي ۽ حسد، ڪنجوسي، بغض، لالچ، ڪاوڙ، سرڪشي ۽ دنيا جي محبت کان عاري هجي. جنهن بہ مريد کي اهڙو مرشد ملي وڃي تہ پوءِ مريد لاءِ ضروري آهي تہ مرشد جي تعليم تي عمل ڪرڻ سان گڏ مرشد جو ظاهري ۽ باطني ادب ڪري.

❀ امام عبدالوهاب شعراني قدس سره فرمائي ٿو تہ: "مرشد جي محبت جو مثال ڏاڪڻ وانگر آهي، جنهن جي ذريعي ٻانهو الله تعاليٰ جي بارگاهہ تائين پهچندو آهي، جيڪو مريد، مرشد جي محبت جي دعويٰ باوجود گناهہ نٿو ڇڏي تہ اُهو ڪوڙو مريد آهي".

❀ حضر شيخ عبدالرحمن عليہ الرحمة فرمائي ٿو تہ: "اي ماڻهوئو، توهان سچائي ۽ يقين سان بزرگن جي صحبت اختيار ڪيو، جيڪڏهن اُهي ڪنهن ظاهري سبب کان سواءِ بہ توهان تي ڪا زيادتي ڪن تہ بہ صبر ڪيو ۽ الله

www.maktabah.org

وارن وٽ عاجزي سان اچو ته ڪامياب ٿيندؤ“.

❀ حضرت علي هجويري قدس سره فرمائي ٿو ته ”حضرت سيدنا جنيد بغدادي عليه الرحمة جو هڪ مريد ڪائنس ناراض ٿي ويو ۽ اُهو سمجهڻ لڳو ته ان کي معرفت جو مقام حاصل ٿي ويو آهي، هاڻي مرشد جي ضرورت ناهي. هڪ ڏينهن اُهو مريد حضرت جنيد بغدادي کان امتحان وٺڻ لاءِ آيو. حضرت جنيد ان جي دل جي ڪيفيت کان واقف ٿي ويا. ان شخص ڪائنس ڪا ڳالهه پڇي، پاڻ جواب ڏنائون ته تنهنجي ڳالهه جو لفظي جواب هي آهي ته جيڪڏهن تون پنهنجو امتحان ڪري وٺين ها ته منهنجي امتحان جي لاءِ نه اچين ها ۽ معنوي جواب هي آهي ته: آئون توکي ولايت کان خارج ٿو ڪريان. سندن انهيءَ جملي چوڻ کان فوراً بعد ان شخص جو چهرو ڪارو ٿي ويو ۽ حضرت جنيد فرمايو: توکي خبر ناهي ته الله جا ولي رازن کان واقف هوندا آهن“.

❀ حضرت علي مرصفي قدس سره فرمائين ٿا ته: ”مريد لاءِ ضروري آهي ته ڪڏهن به مرشد جي دربار ڏانهن پير ڊگها نه ڪري، رات هجي يا ڏينهن هر گهڙي مرشد ۽ مرشد سان نسبت رکندڙ شين جو ادب ڪري. گهڻن سچن مريدن کي ڏٺو ويو آهي ته هو مرشد جي ڳوٺ يا شهر ۾ ادب خاطر پيرَ اُگهاڙا ڪري هلندا آهن، مرشد جي موجودگي ۾ باوضو رهندا آهن ۽ مٿو ڍڪي هلندا آهن ۽ اهي سڀئي ڳالهيون مرشد جي ادب ۽ حياءَ ۾ شمار ڪيون وينديون آهن“.

❀ حضرت سيد علي بن وفا قدس سره فرمايو آهي ته: ”اي عزيز! توکي الله تعاليٰ جي واٽ ڏيکارڻ وارو تنهنجو ڪامل مرشد هڪ اهڙي اک آهي جنهن جي ذريعي الله تعاليٰ توڏانهن رحمت سان ڏسندو آهي ۽ اهڙو چهرو آهي جنهن جي ذريعي الله تعاليٰ توڏانهن توجهه جي مهرباني فرمائيندو آهي ۽ مرشد جي رضا سببان توتي راضي ٿيندو آهي ۽ ان جي ناراضگي سببان ناراض ٿيندو آهي“.

❀ امام عبدالوهاب شعراني قدس سره فرمائين ٿا ته: ”مرشد جي روبرو وڃڻ ۽ حجت ڪرڻ کان بچندا رهو، ڇو ته الله جي ولين جون دليون بادشاهن جي

www.maktabah.org

دلين وانگر هونديون آهن، جيڪي حلم ۽ بردباري کان ناراضگيءَ ۽ سزا ڏانهن بہ منتقل ٿينديون آهن. حضرت شيخ سعدي بہ فرمائين ٿا تہ: "سمنڊ جي پيٽ ۾ بيشڪ وڏا خزانا ۽ نفعا آهن، پر سلامتي ان ۾ آهي تہ ڪناري تي هجي".

❀ سيد علي بن وفا قدس سره جن فرمائين ٿا تہ: "مرشد جي ظاهري شفقت، حوصلہ افزائي ۽ نوازشن ڪي مرشد جو رضامندو نہ سمجهو، بلڪ هر حال ۾ ادب، حياءُ ۽ نيڪ نيتيءَ سان ڪنڌ جهڪائيندا رهجو، ڇو تہ مرشد جي نگاهہ ڪڏهن وڏ ڦڙي مينهن وانگر وسندي آهي، تہ ڪڏهن وڄ وانگر ساڙي بہ ڇڏيندي آهي".

❀ حضرت سلطان باهو قدس سره فرمائين ٿا تہ: "عارف ۽ عاشق مرشد اُهو آهي جيڪو باطني توجهہ سان باطني طالب جي وجود مان چئن پکين کي ذبح ڪري، يعني شهوت جو مرغ، زينت جو مور، حرص جو ڪانوَ ۽ خواهش جو ڪبوتر. ان کان پوءِ طالب کي چار شيون عطا ڪري: نفس جي پاڪائي، قلب جي صفائي، روح جي روشنائي ۽ راز جي حفاظت".

❀ شيخ ابوالعباس مرسي قدس سره فرمائين ٿا تہ: "مريد اُهو ناهي، جيڪو پنهنجي مرشد تي فخر ڪري، پر مريد اُهو آهي جنهن تي مرشد فخر ڪري".

❀ سيد ابراهيم دسوقي عليہ الرحمة فرمائين ٿا تہ: "اي منهنجا مريد، جيڪڏهن تون مونسان سچو آهين ۽ مونسان ڪيل واعدن کي پورو ڪندڙ آهين تہ پوءِ ڪٿي بہ هُجين آئون تنهنجي اکين ۾ آهيان. آئون تنهنجي ظاهري ۽ باطني حواسن ۾ آهيان، پر جيڪڏهن تون سچو ناهين تہ آئون ويجهو هوندي بہ تو کان گهڻو پري آهيان".

❀ حضرت شيخ عبدالرحمن الجيلي قدس سره فرمائين ٿا تہ: "مرشد جي سامهون ادب ۽ احترام سان اچو، ڇو تہ جنهن بہ مرشد وٽ بي ادبي ڪئي، ان جو نالو مريدن جي دفتر مان ميٽجي ويو ۽ اُهو هميشه نامراد ٿي ويو".

www.maktabah.org

مرشد ۽ مريدن جا آداب

امام العارفين، حضرت مرشدنا پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره "ملفوظات شريف" ۾ فرمائين ٿا ته:

❀ حضرت سرور ڪائنات، سيدالمرسلين ﷺ جي دؤر مبارڪ ۾ ۽ اصحابن سڳورن جي وقت شريف ۾ رڳي صحبت هوندي هئي ۽ صحبت کان سواءِ ٻيو ذڪر فڪر نه هو، اسان جي طريقي ۾ به صحبت آهي.

❀ مؤمن دوزخ جي مٿان رکيل پل صراط تان قيامت جي ڏينهن اچي لنگهندا، تڏهن دوزخ فرياد ڪندو ته اي مؤمن، جلدي لنگهي وڃ، ڇو ته تنهنجو نُور منهنجي باهه اجهايو ٿو وڃي. دنيا وارن جا خيال به دوزخ جي مثال آهن، پوءِ جڏهن ڪنهن اهل ڪمال جي صحبت ۾ ٿا اچن، تڏهن سندن واهيات خيالن وارو دوزخ به ڪمال وارن جي صحبت واري نُور سان اجهامي ٿو وڃي. اهڙن ڪماليت وارن لاءِ حديث شريف ۾ فضيلت بيان ڪيل آهي ته: "سندن ڏسڻ سان الله تعاليٰ جل شانه ياد ايندو آهي".

❀ طالب کي مرشد جي حضور ۾ اهڙو ٿي ويهڻ گهرجي، جو جيڪڏهن مٿان آسمان اچي ڪڙڪيس ته به اک نه ڦيرائي ۽ هيڏي هوڏي نه نهاري.

❀ طالب کي پنهنجي مرشد جي صحبت لازم ڪري وٺڻ گهرجي، بنا ضرورت جي هڪ گهڙي به ان کان جدا نه ٿئي.

❀ محراب فقير سنجراڻي حضرت پير سائين روضي وارن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضرتا، ڪهڙو سبب آهي جو ڪي فقير ذڪر جي تلاوت به گهٽي پيا ڪن ۽ حضور مبارڪ ۾ سندن اچ وڃ بہ گهٽي آهي، پر مَنجهن باطني فيض جو ڪو خاص اثر ڪونه پيو ڏيکارجي؟ پاڻ فرمايائون ته: اي يار، رڳو ذڪر ته ملان به گهڻو ٿا ڪن ۽ اچ وڃ ۽ پنڌ ۾ قاصد به رات ڏينهن مشغول ٿا رهن، پر الله تعاليٰ سان واصل ٿيڻ لاءِ نفساني سڌن جو ڪپجڻ ضروري آهي، سو ماڻهن کان نفساني حرص ۽ خواهشون رڪجن ئي ڪونه ٿيون، تن ڪين مقصد کان روڪي ڇڏيو آهي. فقير عرض ڪيو ته: قبلا، نفساني سڌن جي ڪَپجي وڃڻ جو ڪهڙو رستو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته

www.maktabah.org

"مرشد جي صورت هر وقت ڌيان ۾ رکڻ" فقير عرض ڪيو تہ مُرشد جي صورت هر وقت ڌيان ۾ رکڻ ڪهڙي طرح حاصل ٿي سگهندي؟ پاڻ فرمايائون تہ "مرشد جي گهڻي صحبت ڪرڻ سان، جا ڪبريت احمر ۽ اڪسير بي مثل آهي".

❀ مريد بہ مرشد جي اولاد آهي، جنهن مريد پير ڪان تلقين ورتي سو پٽ جي مثال آهي ۽ جيڪو پير جي خليفي ڪان مشغول آهي تہ اُهو پوٽي وانگر سمجهڻ گهرجي.

❀ جنهن مريد کي ذڪر فڪر جو گهڻو شوق هوندو ۽ عبادت ۽ رياضت جي مشغولي ۾ بہ ڪٽي محڪم هوندو، پر پنهنجي مرشد ڏانهن سندس ويساهہ پورو ۽ ثابت قدم نہ هوندو تہ اُن مريد کي ڪڏهن بہ فيض جو ڀاڱو نہ پهچي سگهندو، پر جي ڪو مريد سچي ويساهہ ۽ محڪم عقيدي وارو هوندو ۽ ذڪر فڪر ۾ قصور پيو ڪندو تہ اُهو مريد بہ نيت فيضياب ٿي ويندو.

❀ مريد کي پنهنجي مرشد سان اهڙو تہ رابطو محڪم ڪرڻ کپي ۽ همت ۽ استعداد پيدا ڪرڻ گهرجيس، جو سندس ظاهري شڪل ۽ صورت بہ پير جي صورت جهڙي ٿي وڃي. جيئن هڪڙو شخص خواجہ عبيدالله احرار قدس سره جو مريد هو. جنهن جي صورت خواجہ ، جي صورت سان مشابهہ هوندي هئي، پوءِ جڏهن خواجہ صاحب هن دنيا مان رحلت فرمائي تہ، انهيءَ مريد جي شڪل مٿجي عين صورت خواجہ جي ٿي وئي.

❀ مرشد ڪامل جي ظاهري صورت حضرت يوسف عليہ السلام جي پهراڻ مثل آهي، جنهن جي وسيلي حضرت يعقوب عليہ السلام کي اکين تي وجهڻ سان بصارت حاصل ٿي پئي هئي، پر شرط اهو آهي تہ مريد کي پنهنجي مرشد سان ارادت ۽ صداقت ۽ محبت جو اهڙوئي حال هجي، جهڙو حضرت يعقوب عليہ السلام جو حضرت يوسف عليہ السلام جي عشق ۾ هيو، تہ پوءِ مرشد جي صورت اُن لاءِ ساڳي قميص جي مثال آهي، پوءِ جڏهن ڪمال شوق ۽ محبت سان ان کي دل وارين اکين تي رکندو تہ، اندر جي بصارت ڪُلي کيس حاصل ٿي ويندي ۽ پوءِ کيس هر شيءِ ۾ مرشد جي صورت ۽ جَلوو نظر ايندو.

www.maktabah.org

❀ مرشد سان پڪي نسبت واري مريد جي نشاني اها آهي جو ڪٿي بہ پنهنجي پير ڀائي (جماعتي ڀاءُ) کي ڏسندو تہ ازخود سندس دل ان ڏانهن ڇڪجي ويندي.

❀ ڪامل مرشد ڪڪرن وانگر آهي، جيئن ڪڪر درياهہ مان پاڻي پيئي وسندا آهن، تيئن مرشد ڪامل بہ غيب الغيب درياهہ ڏانهن موتي، وحدت جا اسرار حاصل ڪري ٻين کي فيض بخشي ٿو.

❀ مرشد عالم اَمر ۽ عالم خلق جو جامع آهي، جيڪو غيب جي خزاني مان راز ۽ اسرار حاصل ڪري، وري عالم خلق ۾ طالبن اڳيان ظاهر ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ عشق ۽ شوق جي ٻاهہ سندن ساهہ جي رڳن ۾ وجهي عالم اَمر ڏانهن ڪين وٺي وڃي ٿو.

❀ مرشد ڪوهہ وانگر آهي ۽ جيڪو ڪوهہ ۾ پاڻي آهي اُهو خدا جي نُور وانگر آهي ۽ مريد دلي وانگر آهي ۽ ان جو ارادو رسي مثال آهي، جيڪڏهن هن دلي کي رسي سان ڪوهہ ۾ وجهبو تہ پاڻي سان ڀرجي ايندو.

❀ سيني مريدن جا روح ڪامل مرشد جي مٺ ۾ هوندا آهن ان ڪري اُهي اڳئي واقف آهن.

❀ مريد جڏهن گهڻي مسافري ڪري پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿئي ٿو، تہ ان وقت ئي ان تان سفر وارو حڪم لهي ويو ۽ هاڻي اُهو مقيم آهي، ان کان پوءِ جڏهن واپس وڃڻ جي اجازت وٺندو، ان وقت مسافرن مان ٿي پوندو.

❀ جيڪا بہ ڏڳي يا مينهن آهي، سا کير ڏيڻ وقت پنهنجي ڦرڙي کي سڃاڻي، ان لاءِ جيڪي بہ کير سندس جسم ۾ هوندو، سو لاهي ايندي.. پوءِ ان کان ٻيا ماڻهو کير ڏهي وٺندا آهن، باقي ٻئي جي ڦر تي ڪڏهن بہ سندس ٿڻن ۾ کير نہ لهندو.

اي عزيز! ڦر مان مراد صاحب نسبت مريد آهي، ڇو تہ اُهو جنهن وقت پنهنجي مرشد جي حضور ۾ ٿو اچي تہ سندس اچڻ ڪري مرشد جي دل خوشي ۽ فرحت ۾ ڀرجي ٿي وڃي، پوءِ انهيءَ مريد لاءِ غيبي علم ۽ الاهي فيض مرشد تي وارد ٿين ٿا. جن کي مرشد انهيءَ مريد مٿان پلٽيندو آهي ۽ انهيءَ مريد جي طفيلي ٻيا حاضر مجلس جيڪي ماڻهو هوندا آهن، سي بہ انهن مان فيضياب ٿيندا آهن.

www.maktabah.org

مريدن لاءِ مرشد جي تڪليف جو سبب

اي عزيز! پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جن هڪ پيري سفر تي نڪتا ۽ سفر جي تڪليف فرمائي، چند نوان مريد ڪرڻ لاءِ ديهه گوٺا ٽري آيا ۽ اُتي نوَ (9) ڄڻا سندن حلقهءِ ارادت ۾ داخل ٿي دست بيعت ٿيا. جڏهن پاڻ واپس آيا ته خليفي عارف بالله محمود فقير عرض ڪيو ته: قبلا، رڳو نوَ ڄڻن لاءِ حضور جن ايڏي تڪليف فرمائي؟ پير سائين روضي ڌڻي فرمايو: اي خليفا. هيترن کي ٿورو ٿو سمجهين؟ پوءِ پاڻ نقل بيان ڪندي فرمايائون ته: هيڪر حضرت جبرئيل عليه السلام کي غيب مان "لبيڪ يا عبدي" جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته حيران ٿي ويو ته هي پيار مان سڏ جو جواب ڪنهن کي پيو ٿئي؟ ته ايتري ۾ هڪڙو ٻانيڻ نظر آيو جو هڪڙي بت جي اڳيان ويٺي "يا صنم يا صنم" جو وظيفو پڙهيائين، پر ڪنهن مهل ننڊ جي غلبي ڪان پُل ۾ "يا صمد" جو لفظ سندس وات مان نڪري وڃي پيو، انهيءَ جي ئي جواب ۾ الله سبحانه وتعاليٰ جي طرفان "لبيڪ يا عبدي" جو خطاب پيو اچي. جبرئيل عليه السلام جناب باري عزاسمه ۾ عرض ڪيو ته يا رب، هي ٻانيڻ غفلت ۽ سهو جي ڪري توکي سڏ تو ڪري، نه ڪه دل جي قرب سان؟ مٿان حڪم آيو "جيڪڏهن هو غفلت ۽ سهو جي ڪري اسان کي سڏي ٿو ته اسان ته غافل ۽ سهو ڪندڙ ڪونه آهيون". اهو نقل بيان ڪرڻ بعد پير سائين روضي ڌڻي فرمايو ته جيڪڏهن هڪڙي هندو ٻانيڻ جي سَهو واري سَڏ تي الله سبحانه وتعاليٰ "لبيڪ يا عبدي" سان ورندي ٿو ڏئي ته پوءِ هي نوَ ڄڻا فقير، جڏهن ڇتيهه هزار ذڪر جا ڪندا، تن مان ڪيڏو نه وڏو فائدو حاصل ٿيندو".

سبحان الله، حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جن فقط الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ ئي ڏورانهين سفر جون صعوبتون برداشت ڪندا هيا، ته جيئن حق جي وات کان ڀٽڪي ويل ۽ دربار خداوندي کان ڪٽجي ويل مخلوق، پنهنجي مٺڙي رب ڪريم سان واصل ٿئي. سندن نظر مبارڪ سفر جي تڪليفن تي ڪڏهن به نه رهي. بلڪ پاڻ نتيجي تي نظر ٽا رکن ته اهي نوَ مريد جڏهن سچي دل سان الله جي ذڪر جي تسبيح ڪندا ته رب رحمان

www.maktabah.org

جي ڪيڏي نہ وسيع رحمت شامل حال ٿيندي. اي عزيز، حضرت روضي ڌڻي قدس سره جن جي انهيءَ تلقين ۽ فڪر ۾ غور ۽ عمل ڪرڻ ۾ئي سچن مريدن جي ڪاميابي آهي.

فيض ڪان محرومي

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره فرمائين ٿا تہ: اڳين طالبن ۾ اهڙو اخلاص ۽ نيت جي سچائي ۽ ويساه هوندو هو، جو اُنن مان بہ الله تعاليٰ جل شانہ جي معرفت حاصل ڪري وٺندا هئا ۽ هن دؤر جا ماڻهو ويساه نہ هجڻ ۽ اوليائن سڳورن ۽ ڪامل مرشدن جي بي ادبي ڪرڻ ۽ حق بجا نہ آڻڻ سبب، فيض وارا نٿا ٿين، بلڪ محروم ۽ بدنصيب رهجي ٿا وڃن. اهڙن بي ادبن بابت قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ " اي پيغمبر ڪريم ﷺ اُهي بي ادب ماڻهو ظاهر ۾ تہ توڏي نهارين پيا، پر حقيقت ۾ هو توکي بلڪل ڪونہ ٿا ڏسن" جو تہ سندن اندر واري اک ۽ بصيرت گم ٿيل آهي ۽ اهڙن ماڻهن جي بي نصيبي جو هي سبب آهي تہ سندن دليون ۽ نيتون صاف نہ هونديون آهن، حالانڪ الله تبارڪ وتعاليٰ جي نظر ٻانهن جي دلين ۽ نيتن تي آهي، نہ ڪ ظاهري عملن جي مٿان. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ: "بيشڪ الله پاڪ توهان جي صورتن ۽ اوهان جي عملن ڏانهن ڪو نہ ٿو نهاري، بلڪ سندس نظر اوهان جي دلين ۽ نيتن جي مٿان آهي". ٻئي هنڌ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو آهي تہ: "مؤمن جي نيت سندس عمل ڪان وڌيڪ موچاري آهي".

حضرت روضي ڌڻي جو طريقو

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جن وصال وقت پنهنجي صاحبزادن ۽ خليفن کي وصيت ڪندي فرمايو تہ:

❀ حاضر ۽ غائبن کي خبر هجي تہ اسان جو طريقو محمدي طريقو (عليٰ صاحبها الصلوات والسلام) آهي، جيڪو جهالت ۽ بدعت ڪان پاڪ آهي، جيڪڏهن هن سلسلي ۾ ڪو بدعتي ٿي پوي تہ انهيءَ کي جماعت مان خارج رکجو ۽ سائس ڪو لاڳاپو نہ رکجو ۽ انهيءَ هدايت تي عمل ڪجو ۽

www.maktabah.org

استقامت رکجو.

❀ هڪ ڀيري پير سائين روضي ڌڻي قدس سره ڪنهن سفر ۾ ٻن پهرن جو هڪ هنڌ منزل انداز هيا ۽ فقيرن جي سموري جماعت ننڊ پئي هئي، پاڻ اُتي ويٺا هئا ته ايتري ۾ هڪڙو اڻ واقف ماڻهو حضور ۾ لنگهي آيو ۽ پير سائين کان پڇيائين ته اي فقير، توهان جو پير اوهان کي ڪهڙي تلقين ڪندو آهي؟ پير سائين جواب ڏنو ته: پير اسان کي هي تلقين ڪندو آهي ته روزانو پنج وقت نماز ۽ چار هزار ذڪر جا پڙهندا ڪيو ۽ ٿلهي ماني کائي، مٽي هيٺيان هٿ رکي سمهي پوندا ڪريو.

❀ هيڪر پير سائين روضي وارن قدس سره جمعي نماز کان پوءِ ڪرسي تي ويهي وعظ فرمايو، جنهن ۾ ذڪر "لاالہالاالله" جي پلائي ۽ درودشريف جي فضيلت بابت بيان هو، پاڻ جڏهن وعظ کان واندا ٿي ڪرسي تان هيٺ لٿا تڏهن فرمايائون: "اي يارو، ٻڌو، الله تبارڪ وتعاليٰ اسان سان واعدو ڪيو آهي ۽ اسان اوهان سان واعدو ٿا ڪريون ته: جيڪو شخص هميشه ذڪر جي تلاوت ڪندو رهندو ته سڪرات مهل توڙي قبر ۽ قيامت ۾ اُن جي ايمان ۽ بخشش جا ضامن اسين آهيون".

نفس جي خراب عادتن کان بچو

امام العارفين حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جن مرشد سان بيعت ڪرڻ بعد، هڪ سچي مريد لاءِ اها تلقين فرمائيندا هيا ته حقيقي منزل ملڻ واري راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ نفس جي خراب عادتن جو هجڻ آهي. جيستائين طالب مان اُهي نفساني خراب عادتون ختم نه ٿينديون، تيستائين منزل مقصود جو گوهر هٿ اچي نه سگهندو، تنهن ڪري سچن مريدن لاءِ ضروري آهي ته انهن خراب عادتن کان پاڻ بچائن، اُهي هي آهن:

❀ انهن مان هڪ هي آهي جو، نفس هميشه سڌن ۽ حرص جو پوڄاري رهندو آهي، چاڪاڻ ته نفس هميشه اهو پيو گهرندو آهي ته پنهنجو قدم شهوتن ۽ لذت وارين شين ڏانهن وڌائي ۽ طبعي مرادن کي بغل ۾ جهلي ۽ سڌن جي

www.maktabah.org

پوري پوري اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ ڪمربستہ ڪندو آهي. ان سببان حق تعاليٰ جي عبادت ۾ غير کي شريڪ ڪندو آهي، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ" ڇا تو ڏٺو اُن کي، جنهن پنهنجي خواهش کي معبود بنايو" نفس مان اها بڇڙي عادت، سواءِ زهد ۽ محبت الاهي جي نہ ويندي.

❀ نفس جي ٻي خراب عادت هي آهي، جو ان ۾ منافقي هوندي آهي، ان جو ظاهر، باطن جي موافق نہ هوندو آهي. ماڻهن جي سامهون ۽ پريپٺ هڪ جهڙو نہ هوندو آهي، انهن جي سامهون تہ سچائيءَ جو اظهار ڪندو آهي، ليڪن انهن جي پريپٺ وري ان جي اُبتڙ ڪندو آهي، نفس مان اها خراب عادت صدق (سچائي) کان سواءِ ڪانہ نڪرندي.

❀ نفس جي ٽئين خراب عادت رياءَ آهي، جو هو هميشہ هن خيال ۾ هوندو آهي تہ پاڻ کي ماڻهن جي نظر ۾ واڪاڻ سان سينگاري ۽ اُهي ڪم توڙي جو الله تعاليٰ کي پسند نہ هجن ۽ هو حتي المقدور پنهنجي عيبن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ خوبين کي وري ظاهر ڪندو آهي. سندس بُرائيون، اهل حقيقت ۽ بصيرت وارن کان رياءَ جي ڪري مخفي ڪو نہ هونديون آهن. البتہ گهٽ نظر وارن ۽ ٻاراڻي طبيعت وارن جي نظر کان مخفي ٿي سگهن ٿيون. بصيرت وارن کي تہ ان جي بُڇڙائي گهٽي ڏسڻ ۾ ايندي، ان رياءَ واري ماڻهوءَ جو مثال ان بد صورت پوڙهي عورت جهڙو آهي، جيڪا پاڻ کي ڳهڻ ڳٺن ۽ سُٺن ڪپڙن ۽ ميندي ۽ خضاب سان سينگاري ٿي ٻارن کي ان پوڙهي عورت جو سينگار تہ سُٺو ڏسڻ ۾ ايندو، پر عقلمندن کي اُن کان نفرت پئي ايندي.

❀ نفس جي چوٿين خراب عادت رئيس ۽ وڏي هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ آهي. نفس هميشہ ان ڳالهہ جو خواهشمند رهندو آهي تہ ماڻهو سندن چوڻ آڪڻ ۾ رهن ۽ سندس ئي صحبت ۾ رهن ۽ ٻئي ڪنهن ڏانهن بہ نہ ڏسن ۽ ان کان ئي ڊڄندا رهن ۽ هر قسم جي ڏک ۽ مصيبت ۾ ماڻهو ان جا محتاج ٿي، سندس رحمت واري پلاند کي جهلين. جيئن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي (مصيبت ۽ ڏک جي وقت ۾ پنهنجي رحمت واري پلاند جهلڻ لاءِ) فرمائيندو آهي تہ هن جو نفس بہ ائين ئي چاهيندو آهي. اها صفت "الہ" هجڻ جي

www.maktabah.org

دعــويٰ واري مـعنيٰ ۾ آهـــي ۽ الله تعـالـــيٰ ســان جنگ ڪرڻ جي برابر آهي. نفس جي اها بڇڙي صفت، صـفات الاهي جي تجلين حـاصل ڪرڻ کان سواءِ نه وينديي.

❀ نفس جي پنجين خراب عادت (فخر تڪبر) ۽ پاڻ پـائڻ آهي. نفس هميـشه پنهنجي خـوبين کي پـنهنجي نـظر ۾ وڏو ڏسندو رهندو آهي. ان جي هٿـان ڪنهن کي ڪا ٿوري شيءِ ملي ته ان کي هو تـمام وزنـي سمـجـهندو آهي ۽ سالن جا سال ان کي نه وساريندو آهي ۽ ان شخص کي احسـان ۾ ڳهيل پيـو ڄاڻيندو، پر جيـڪڏهن ٻئي جي هٿان ڪيس ڪيتري به گـهڻي چڱائي پهتي هوندي ته ان کي هو ڪنهن به اعتبار ۾ نه آڻيندو. جيـئن سرور ڪائنات ﷺ فـرمايو آهي ته: "ٽي شيـون انسـان کي هلاڪ ڪندڙ آهي: (1) حرص جيٰ تابعداري (2) سَڌن جي پٺيـان لڳڻ (3) مرد جو پاڻ کي پائڻ. عـارفن جوٰ چوڻ آهي: نفس ڏانهن پنهنجي نظر رکڻ شرڪ آهي ۽ ان کان نظر ڪٽڻ عبـادت آهي، نفس جي اها بد صفت پاڻ کي گـهٽ (حقيـر) سمجـهڻ سان ئي ختم ٿيندي.

❀ نفس جي ڇهين خراب عـادت بخل ۽ هٿ بند رکڻ جي آهي. اُهو خـواهش ۽ مـال واسبـاب ۾ شهوت جي حد تائين چنبـا وجهندو آهي، ان لاءِ ته جيـئن ٻين کان مـال گهڻو گڏ ڪري ۽ فخر ڏيکاري يا وري محتاجي ۽ سُڃي ٿيڻ جي خوف سببـان مـال مان هٿ نٿـو ڪڍي. نفس ۾ جڏهن اها صـفت زور وٺندي آهي ته ان مـان حسـد پيـدا ٿي پوندو آهي، چاڪاڻ ته حاسد، جڏهن ڪنهن مـاڻهوءَ کي ڪنهن نعـمت سان مـالا مـال ڏسندو آهي ته اُن جي ختم ٿـيڻ جي طلب ڪندو آهي ۽ هو نه گـهـرندو آهي تـه ڪا شيءِ ڪنهن وٽ هجي، پوءِ اهڙيءَ طرح هو ٻين جي مال ۾ به بخل ڪندو آهي، جڏهن اها صـفت مضبوط ٿيندي آهي ته ڪينو ۽ بغض پيدا ٿي پوندو آهي، پوءِ جڏهن ڪنهن شخص کي دنيـاوي نعمتن ۾ پاڻ جهڙو يا پاڻ کـان وڌيـڪ ڏسندو آهي تـه هر وقت ان جـو زوال چاهيندو آهي. نفس جي اها خراب عادت يـقين واري نُور جي غلبي سان ئي ختم ٿيندي آهي.

❀ نفس جي سـتين خراب عادت حـرص ۽ لالچ آهي، نفس هميـشـه شهـوتن ۽

www.maktabah.org

لذتن ڏانهن لاڙو ڪندڙ ۽ چڪائيندڙ هوندو آهي. اعتدال ۽ وچٿري حد تي ڪيس ٽڪاءُ نہ هوندو آهي ۽ سندس حرص واري گُجي ڪنهن بہ شيءِ سان نٿي ڀرجي، جيسين هلاڪت (موت) ڪي وڃي پهچي. نفس جي اُها بد صفت تقويٰ ۽ پرهيزگاري کان سواءِ ختم نہ ٿيندي.

❀ نفس جي اٺين خراب عادت ڪاوڙ ۽ جلدبازي آهي، ان حالت ۾ هو ڪنهن بہ شيءِ تي اطمينان ڪونہ ڪندو آهي. دلي شهوتن ۽ قولي، فعلي سڌن جي خيالن اچڻ وقت انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي دير نہ ڪندو آهي ۽ چاهيندو آهي تہ هاڻي جو هاڻي سندس مرادون پوريون ٿين ۽ پوءِ مرادن جي نفعي لاءِ جهڳڙو ۽ جلدبازي بہ ڪندو آهي، نفس مان اها خراب عادت صبر کان سواءِ نہ ويندي.

❀ نفس جي نائين خراب عادت جلدي غمگين ٿيڻ آهي، ان کي (انهن شين کان جيڪي سندس مرضي موافق نہ هونديون) جلد بيقراري ٿي پوندي آهي، ڪوڙو گمان ڪيس اهڙو ڏيکاءُ ڏئي ٿو تہ هُو حال وارا ڪم ڇڏي ڏئي ۽ صرف قال وارا ڪم ئي سندس لاءِ جمعيت قرار ۽ بي پرواهي جو سبب ٿيندا، پر ڪيس اها خبر نہ آهي تہ اهڙي قسم جا گمان ڪيس ڪڏهن بہ مقصود تائين ڪونہ پهچائيندا ۽ گهڻو ڪري اهي گمان مرادن جي خلاف واقع ٿي پوندا آهن، جيڪڏهن اتفاقيہ هڪ ڀيرو ڪابہ سندس مراد پوري ٿي بہ پوي تہ سندس ساڳئي پسنديده مراد ان لاءِ خوفناڪ ٿي پوندي. ان مصيبت کان ڇوٽڪاري جي صورت مستقل شڪراني کان سواءِ نہ ٿيندي.

❀ نفس جي ڏهين خراب عادت سستي آهي، ڇاڪاڻ تہ نفس جهڙي طرح شهوتن ۽ مرادن کي حاصل ڪرڻ ۾ تکڙ ڪندو آهي، تيئن وري عبادت ۽ چڱن ڪمن ۾ سست ۽ دير ڪندڙ هوندو آهي.اها بد صفت نفس مان گهڻي رياضت ۽ سخت مجاهدن ڪرڻ کان سواءِ نہ ويندي، ڇاڪاڻ تہ طبيعت ۾ جيڪا پيدائشي تذائي ۽ خشڪي آهي، ان کي گهڻي رياضت ۽ سخت مجاهدن ڪرڻ سان ئي ختم ڪبو آهي، پڻ اُهي (رياضت ۽ مجاهدو) ان کي امرن قبول ڪرڻ ۽ احڪامن جي تابعداري ڪرڻ لاءِ نرم ڪندا.

www.maktabah.org

ڪامل مرشد جي صحبت جي اهميت

اي عزيز، مريد لاءِ مرشد جي صحبت ۾ رهڻ نهايت ضروري آهي، ان سان نه رڳو مرشد جو رضامندو حاصل ٿيندو آهي. بلڪ مريد به روحاني فيض جي نعمتن کان مالامال ٿيندو آهي. اسان جي مرشد حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جو خليفو ميان اُميد علي فقير هڪ ڀيري درگاهه تي سندن خدمت اقدس ۽ صحبت بابرڪت ۾ ٽي راتيون رهڻ بعد جڏهن موڪلائڻ لڳو ته پير سائين جن فرمايو ته: موڪلائڻ ۾ڇو تڪڙ ٿو ڪرين؟ خليفي اُميد علي عرض ڪيو ته: حضرتا، حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابوهريره رضي الله عنه کي فرمايو هيو ته: اي ابوهريره "زرغبا تزدد حبا" يعني: "روزانو نه بلڪ وٿيرڪو ايندو ڪر، ته محبت وڌندي وڃي". حضرت پير سائين قدس سره جن جواب ۾ فرمايو ته اها حديث حضرت ابوهريره رضي الله عنه جي حق ۾ ته آهي پر حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي حق ۾ ناهي. جيئن مولانا رومي رحمةالله عليه فرمائي ٿو ته:

نيست زرغبا وظيفه ماهيان،
زانڪه بي دريا ندا رند انس وجان.

يعني: جيڪي سچا عاشق پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ اهڙا آتا ۽ درماندا هوندا آهن، جيئن مڇي درياءَ جي پاڻي لاءِ، ته اهڙن قربائتن ۽ سڪايلن لاءِ "زرغبا" جو حڪم نه آهي، بلڪ مڇي وانگر هو به پنهنجي محبوب جي رفاقت کان سواءِ دنيا ۾ هڪ پَل به جيءُ نه سگهندا آهن.

اي سچا مريدؤ، حضرت روضي ڌڻي قدس سره جي انهيءَ فرمان کي بار بار پڙهو ۽ صحبت جي اهميت ۽ حقيقت کي سمجهو، ڇو ته جيڪو شخص ڪامل مرشد جي صحبت کان ڪٽجي ويو، اُهو دين، دنيا ۽ آخرت ۾ به ڀٽڪي ويو.

صحبت سڀيرين جي هي پڻ وڏي هاج،
قضا ڪج نماز جو وقت وارڻ ويجهڙو.

www.maktabah.org

جي مرشد جي صحبت نہ ملي

پير سائين روضي ڌڻي قدس سره فرمائين ٿا تہ: "جيڪو طالب پنهنجي مرشد جي صحبت ۽ حضور ۾ حاضر ٿو رهي تہ روز بروز هڪ تہ جيتري صفائي سندس دل ۾ حاضر ٿيندي ويندي آهي ۽ تہ جيتري ڪارنهن سندس دل تان لهندي ويندي آهي. تنهن ڪري سندس صحبت ڪان جُدائي اصل نہ ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن مرشد جي صحبت ميسر نہ هجي تہ پوءِ روزانہ اڍائن ايمن جيتري مرشد جي "ملفوظات" مان پڙهي يا ٻڌي تہ پوءِ پڙهندڙ چاهي ٻڌندڙ جي دل تي تہ جيتري بہ ڪارنهن جاءِ نہ وٺندي، پر تہ جيتري صفائي جو حاصل ٿيڻ بہ مرشد جي صحبت ڪان سواءِ محال آهي".

حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ رحمةالله عليه بہ "فوائدالفواد" ۾ فرمائين ٿا تہ: "ڪامل مرشد جي ظاهري صحبت ميسر نہ ٿئي، تہ پوءِ فيض جي حصول لاءِ پنهنجي مرشد جا ملفوضات ۽ ارشادات مطالعي ۾ رکجن، جنهن سان فيوض ۽ برڪات جو حاصل ٿيڻ يقيني ڳالهہ آهي".

اي عزيز، تنهن ڪري سچي طالب ۽ مريد لاءِ اهو ضروري آهي تہ روزانو عبادت الاهي مان مستفيض ٿيڻ بعد، قرآن پاڪ، الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ درودشريف جي تلاوت سان گڏوگڏ ڪامل مرشد جي ارشادات ۽ ملفوظات جو بہ مطالعو ڪندو رهي، جنهن سان نہ رڳو صراط مستقيم تي استقامت جو درجو حاصل ٿيندو، پر گمراهي ۽ بي ديني جي کڏ ۾ ڪرڻ کان بچاءَ ۽ ڪنجي ويل قلب جي صفائي ۽ پاڪيزگي جي نعمت عظميٰ بہ نصيب ٿيندي آهي ۽ مرشد جي محبت ۽ صحبت وارو لطف پڻ حاصل ٿيندو آهي.

حضرت پير سائين تجر ڌڻي جا فرمان

حضرت شيخ المشائخ، فخر اولياءَ، خليفةالله پير سائين سيد صبغت الله شاهہ اول تجر ڌڻي قدس سره پنهنجي ملفوظات "خزانةالمعرفت" ۾ فرمائين ٿا تہ:

❀ طالب کي گهرجي تہ پاڻ کي ڪامل مرشد جي نظر کان پري نہ سمجهي، بلڪ حضور ۽ دوري کي هڪ جهڙو ڄاڻي ۽ مرشد جي دربار ۾ بي ادبي نہ

ڪري، ڇو تہ بي ادبي منزل مقصود تي پهچڻ ۾ رڪاوٽ آهي. جيڪي دل جي سچائي سان مرشد ڪامل سان ڳنڍيل آهن، بظاهر پري هجڻ باوجود حقيقت ۾ تمام ويجها آهن ۽ جيڪي فاسد ارادت وارا جيتوڻيڪ ويجها آهن، اُهي حقيقت ۾ پري آهن.

❀ طالب جيتوڻيڪ پنهنجي مرشد جو ٿي عقيدتمند، محب ۽ مخلص هجي پر ڪيس گهرجي تہ طريقي جي ٻين اڳوڻن ۽ بزرگن جو انڪار نہ ڪري، ڇو تہ مشائخ جو انڪار ڪيس مرشد ڪان معنوي فيض حاصل ڪرڻ ڪان مانع ۽ بدنصيبي جو ذريعو ٿيندو. جيڪڏهن ڪو ڪنهن هڪڙي وليءَ سڳوري جي بي ادبي ڪري ٿو تہ اُهو ڄڻ سمورن ولين سڳورن جو بي ادب ٿئي ٿو. پنهنجي مرشد بابت عقيدو درست ۽ صحيح هجڻ گهرجي، پر بي ادب ڪنهن بہ وليءَ سڳوري جو نہ ٿجي.

❀ جيڪڏهن ڪنهن مريد، پنهنجي پير طريقت مرشد ۾ دنيوي لالچ رکي تہ اُهو معنوي فيض حاصل ڪرڻ جي سعادت ڪان محروم ۽ بي نصيب رهندو ۽ جڏهن مرشد، مريد ۾ دنيا جي لالچ رکي تہ بہ اهڙي مرشد ڪان مريد کي ڪوبہ نفعو نہ ملندو.

❀ هاري ڏڳن کي ڳاهہ ۾ ٻڌندا آهن پوءِ جيڪو ڏڳو نيهہ کي ويجهو هوندو آهي، اُهو هڪ ٻن وکن ۾ چڪر ڪٽي ويندو آهي ۽ جيڪي ڏڳا نيهہ ڪان پري هوندا آهن، اُهي ڪيترو بہ تکو هلن تہ بہ ويجهي ڏڳي جي هوريان واري رفتار سان پُڄي نہ سگهندا آهن. مرشد ڪامل جي درگاهہ ۾ مريد بہ قرب ۽ ڏورانهين جي واسطي سان ائين هوندا آهن، جيئن ڳاهہ ۾ ڏڳا.

❀ جيڪڏهن ڪنهن شخص پنهنجي مرشد ڪان پهرين پيري تلقين وٺي، معنوي فيض حاصل ڪيو هجي ۽ وري هَوَس جي خيال ڪان پير مرشد جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري تہ مان نئين سر وري تلقين حاصل ڪندس تہ اُهو شخص ايترو ڇوڻ سان پهرين مليل سڄي فيض ڪان قطعي محروم ٿي ويو.

❀ مرشد هزار پيرا ڪٽي مريد کي چوي تہ تون اسان جو مريد ناهين، جڏهن تہ مريد وحدت واري ڏوريءَ سان مرشد سان ڳنڍيل آهي تہ اُهو مريديءَ جي سلسلي مان خارج نہ آهي، پر جي مريد هڪ پيرو بہ زبان سان چوي تہ مان

www.maktabah.org

مريد ناهيان. جيتوڻيڪ انهيءَ جو اهو چوڻ خوش طبعي ۾ هجي ته به مريديءَ ۽ معنوي فيض کان محروم ٿي ويندو.

❀ اسان چاڻون ٿا ته مريد جو مرشد کان سواءِ ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي، توهان مريد اسان جي قلب ۾ ياد آهيو، جيڪڏهن ڪو پنهنجي قلب کي وساري سگهي ٿو ته توهان به اسان کان وسري ويندؤ.

❀ جيڪڏهن ڪو ٻڪرو وڏي وڻ مٿان ٽنگيل نظر اچي ته يقين سان اهو سمجهڻ گهرجي ته اُهو ٻڪر ڪنهن شينهن جو اچلايل هوندو، نه ڪي اُهو پاڻ وڻ مٿان چڙهي ويو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو طالب بلند مقام تي پهچي ٿو ته يقين سان ڄاڻڻ گهرجي ته اُها سندس پير طريقت جي همت جي عظمت ۽ بلندي آهي ۽ مريد جي پنهنجي ڪوشش جو نتيجو نه آهي.

❀ جيڪو مرشد ٻن مُريدن کي هڪ ئي رستي سان حق سان ملائي، اُهو مرشد ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ بلڪ، مرشد اُهو آهي جيڪو لکين مريدن کي جدا جدا رستن سان منزل تي پهچائي ۽ الله تعاليٰ وٽ پهچڻ جا رستا مخلوقات جي ساهه کڻڻ جي انداز سان آهن.

❀ "المجاز قنطرة الحقيقة" يعني مجاز حقيقت تائين پهچڻ جي پُل آهي. عشق مجازي مان مراد مرشد جي صورت جو عشق آهي ۽ اها ئي حقيقت جي ڏاڪڻ آهي.

❀ مريد تي مرشد جا ٻتيهه حق آهن ۽ مريد جا مرشد تي ڇٽيهه حق آهن، مريد جو سمورو توجهه هر وقت مريد جي واسطي مشغول رهندو آهي ۽ مرشد جا سمورا حق مريد کي معاف ٿي سگهن ٿا، مگر هڪڙو جنهن جي ادائگي واجب ۽ ضروري آهي، اُهو هي آهي ته جنهن وقت به مريد، مرشد جي حضور ۾ حاضر ٿئي ته دل جي حضور سان ويهي ۽ ٻيو ڪو به خيال دل ۾ نه آڻي.

❀ مريد جڏهن مرشد جي درگاهه ۾ پهچي ته مرشد سان ائين متحد ٿي وڃي جيئن مرشد جي زيارت سان مرشد ۾ فنا ٿي سگهي ۽ سندس روح سان باقي رهي. جيڪڏهن اُهو مقام حاصل نه ٿي سگهي ته پوءِ ان کان ٻيو درجو جيڪو پهرين کان گهٽ آهي، انهيءَ سان شرفياب ٿئي. اُهو هي ته مرشد معظم کي پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏئي، جيڪڏهن انهن ٻنهي درجن کان خالي آهي ته پوءِ اُهو مريد نه آهي.

www.maktabah.org

ڪامل مرشد جو عجيب مثال

حضرت پير سائين تجر ڏٺي قدس سره جن هڪ ڏينهن "مثنوي شريف" پڙهندي فرمايو ته: هڪڙي ولايت ۾ سقمونيا نالي گاهه ڄمندو آهي، جڏهن جهرڪي ان جو ٻج کائيندي آهي ته مست ۽ بيهوش ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ نانگ اُها جهرڪي کائي بيهوش ٿي ويندو آهي، پهاڙي ٻڪر نانگ جو ويري سو ان نانگ کي کائي بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ ان نانگ کي وري شينهن اچي کائيندو آهي، پوءِ اُهو شينهن مست ٿي جبل تي چڙهي سج سان مقابلي لاءِ ڇلانگون ۽ ٽپ ڏيندو آهي ۽ آخرڪار سج جي گرمي ۾ مري هيٺ ڪرندو آهي ۽ ڳري گندو ٿي ويندو آهي، تنهن بعد ان کي ڪيڙا کائيندا آهن. ايستائين جو اُهي ڪيڙا هڪ ٻئي کي کائي ويندا آهن، آخر ۾ انهن مان هڪڙو قداور جانور بچندو آهي، قد ۾ نانگ جيترو، پير شينهن جهڙا، پر پکين وانگر ۽ سنڱ پهاڙي ٻڪر وانگر، ان کي ازدها يا شاهينگ بلا سڏيندا آهن. اُهو جيڪڏهن ڪنهن تي حملو آور ٿئي ته انهيءَ کي تباهه ڪرڻ کان سواءِ نه ڇڏي. ان سان مقابلي جي ڪنهن کي به طاقت نه هوندي آهي. مرشد ڪامل مڪمل به انهيءَ وانگر مختلف ۽ جامع صفتون رکندڙ هوندو آهي، جنهن تي فيض جي توجهه پرتي، ته انهيءَ کي معنوي فيض بخشي ڇڏيندو آهي.

حڪايت: حضرت مرشدنا پير سائين تجر ڏٺي قدس سره فرمائين ٿا ته: هڪڙو صاحب ڪمال بزرگ پنهنجي هڪ مريد سان سفر تي نڪتو، جڏهن درياءَ جي ڪناري تي پهتو ته بزرگ پاڻي تي قدم رکيو ۽ الله جي پاڪ اسم جي ورد جي هميشگي جي برڪت سان پاڻي تي هلڻ لڳو. مريد کي تڪرار سان پنهنجي نالي (مرشد جي نالي) وٺڻ جي هدايت ڪيائين. اهڙيءَ طرح ٻئي درياءَ پار ڪرڻ لڳا. جڏهن وچ درياءَ ۾ پهتا ته مريد کي خيال آيو ته منهنجو مرشد ته الله تعاليٰ جو اسم پاڪ پڙهندو هلي ٿو، مان به جيڪر الله جو اسم پڙهان. انهيءَ خيال آڻڻ شرط اُهو مريد ٻڏڻ لڳو ۽ رڙ ڪيائين. مرشد ڪيس فرمايو ته شايد دل ۾ ڪو فاسد خيال آندو اٿئي يا منهنجي حڪم کان مُنهن موڙيو هوندئي؟ مُريد پنهنجي غلطي جو اقرار ڪيو ۽ مُرشد فرمايس ته تون اڃان منهنجي نالي وٺڻ

www.maktabah.org

جي لائق نہ ٿيو آهين ۽ نہ منهنجي سڃاڻپ جو. الله تعاليٰ جو اسم پاڪ تہ نهايت وڏي ڳالهہ آهي. ني الحال تون منهنجو نالو وٺندو هل تہ جيئن هن ڪُن مان سلامتي سان نڪري سگهين. حضرت پير سائين فرمايو تہ درياءَ مان مراد دنيا آهي ۽ مرشد مان مراد طريقي جو پير يا رهبر آهي، جيڪو بہ مريد طريقي جي پير جي اطاعت ڪندو. اُهو دنيا جي حادثن جي ڪُن مان صحيح سلامت پار پوندو ۽ جنهن بہ ڪهڙيءَ اطاعت کان غافل رهيو. انهيءَ وقت حادثن جي حوالي ٿي ويندو. طالب کي گهرجي تہ مرشد جي صورت کان پاڻ کي ڪڏهن بہ غافل نہ رکي، جيئن سندس متابعت ۽ صورت جي تصور سان هن دنيا جي ڪُن مان محفوظ ۽ صحيح سلامت پار پوي.

حڪايت: حضرت پير سائين تجر ڏٺي قدس سره فرمائين ٿا تہ: هڪڙي بزرگ جا چار مريد هئا. جن کي بزرگ صاحب ٻين مريدن کان وڌيڪ محبت ۽ عزت ڏيندو هو. هڪري ڏينهن بزرگ انهن کان سندس مريديءَ ۽ محبت بابت تفصيل سان پڇيو. هڪڙي مريد محبت جو سبب بزرگ جي اکين کي ٻڌايو. ٻئي مريد کي بزرگ جي حسن، جمال، ٽئين مريد بزرگ جي گفتگو کي ۽ چوٿين مُريد حقيقت کي. هڪ ڀيري اُهو بزرگ چئني سائين کي پاڻ سان درياءَ تي وٺي هليو ۽ سمورا ٻيڙي ۾ سوار ٿيا، جڏهن درياءَ جي وچ ۾ پهتا. تڏهن ونجهہ پاڻي ۾ وڃي، اکين جي حسن سبب پير سان محبت ڪرڻ واري کي هڪدم فرمايائون تہ: اچ پاڻي ۾ ٽٻي هڻون، پر ونجهہ کي مضبوطي سان پڪڙي رکجان، جيستائين ونجهہ نہ چوريان ٻاهر نہ ايندي، ٽٻي هڻڻ کان ٿوري دير بعد اُهو شخص بزرگ جي حڪم جي خلاف ونجهہ چورڻ کان اڳ ۾ ٻاهر نڪري آيو. بزرگ کيس فرمايو تہ: حڪم جي برخلاف تون ڇو ٻاهر نڪري آئين؟ عرض ڪيائين تہ: حضرت جن جي اکين جي زيارت کان سواءِ پاڻي ۾ بيتاب ٿي ويس ۽ صبر نہ ڪري سگهيس. ٻئي ۽ ٽئين نمبر وارا مريد بہ حڪم موجب ٽٻي هڻي ٻاهر نڪري آيا ۽ ساڳيو عذر بيان ڪيائون. جڏهن چوٿون شخص ٽٻي هڻي پاڻي ۾ لٿو تہ اُهو آرام سان پاڻيءَ ۾ اندر رهيو. ميرٻحر کي موڪليائون تہ ٻاهر وٺي اچينس تہ بہ نہ نڪتو، آخرڪار بزرگ صاحب پنهنجي هٿن سان کيس ٻاهر ڇڪي آندو. پڇيائونس تہ: پاڻي مان ٻاهر ڇو نہ نڪتين؟ جواب ڏنائين تہ توهان

www.maktabah.org

جي حقيقت اُتي بہ مون سان شامل هئي، جنهن مان اُهو ساڳيو ذوق ۽ شوق حاصل پئي ڪيم، جيڪو حضرت جن جي حضور ۾ رهي حاصل ڪندو آهيان.

مرشد جي مريد تي توجهہ جو مثال

هڪ ڀيري حضرت پير سائين صبغت الله شاهہ اول تجر ڌڻي "مثنوي شريف" جي تلاوت ۾ مشغول هيا، سندن فرزند حضرت پير سائين سيد علي گوهر شاهہ "بنگلي ڌڻي" سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنهن کي پاڻ فرمايائون تہ: بابا تون وڃ ۽ پنهنجي علم پڙهڻ ۽ سکڻ ۾ لڳ. پير سائين بنگلي ڌڻي اُتان اُٿيا، اُن وقت هڪ لغڙ هوا ۾ اُڏاميو پئي. لغڙ جي سرڙاٽ ٻُڌڻ سان سيني فقيرن اوڏانهن نهاريو. حضرت پير سائين تجر ڌڻي بہ ان لغڙ طرف نهاريندي فرمايو تہ "مريد بہ مرشد جي توجهہ ۾ ائين آهي، جيئن لغڙ اُڏاريندڙ جي هٿ ۾. اُڏاريندڙ ڏوري ڍري ڇڏي لغڙ کي مٿي اُڏاري ٿو، پر جي ڏوري سوڙهي ڪري تہ لغڙ هيٺ لهي ايندو پر جي تيز هوا جي ڪري ڇڄي پوي تہ درياءَ يا ڪنڊن ۾ ڦاسي پنهنجو وجود وڃائي ويهندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن مريد ڪا نافرماني ڪري رابطي يا تعلق واري ڏوري، جيڪا پير جي هٿ ۾ آهي توڙيندو تہ گمراهہ ٿيندو".

قلب سليم جون ڪيفيتون ۽ ذڪر جي ڀلائي

مرشدنا حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمةالله عليه پنهنجي هڪ "مڪتوب مبارڪ" ۾ قلب سليم جي ڪيفيتن ۽ "لاالٰہالاالله" جي ذڪر شريف جي ظاهري ۽ باطني فائدن ۽ مريد ۽ مرشد جي تعلق جو ذڪر فرمائيندي لکيو آهي تہ قلب سليم ظاهري ۽ باطني ذڪر سان حاصل ٿيندو آهي يا ايمان سان، اُهو ايمان زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ دل سان ان جي تصديق ڪرڻ آهي. تفسير ديلمي ۾ لکيل آهي تہ: سلامتيءَ وارو قلب اُهو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي ارادي کان سواءِ ٻي هر شيءِ کان خالي هجي ۽ الله تبارڪ تعاليٰ جي ارادي ۽ رضامندي سان ڀريل هجي "رسالہ قشيري" ۾ لکيل آهي تہ قلب سليم وارو اُهو شخص آهي جيڪو گمراهي کان سلامت رهيو. تنهن کان پوءِ ٻئي طرف

www.maktabah.org

هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ کان بہ بچيو. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ شيون آفتون آهن، جن کان وڏن بزرگن پاڻ بچايو آهي، پر نئدا بزرگ بہ انهن ذريعي آزمايا ويا آهن.

قلب سليم جي معنيٰ لاءِ ڪن هي بہ چيو آهي تہ "قلب سليم أهو آهي، جيڪو نفس جي سلامتي جي ڪري بچڻ ارادن کان بچيل رهي". علامہ ڪاشيءِ جي تصنيف "اصطلاحات صوفيہ" ۾ آهي تہ قلب سليم انهن ڪاملن جو قلب آهي جيڪي "اهل تمڪين" جا آهن. اهو انهن کي مختلف درجن مطابق عطا ٿيل آهي ۽ قلب سقيم (يعني بيمار قلب) اهو ناقصن جو قلب آهي جيڪي اهل اضطرار جا آهن. نقص کان بچي ڪماليتن تائين پهچڻ فناءِ ڪلي تي موقوف آهي ۽ سقيم مان مراد جسماني ۽ روحاني تعلقات سان وابستگي آهي ۽ سليم مان مراد انهن تعلقات کي قطع ڪرڻ آهي جنهن جو پيو نالو "خلومتخيلہ" بہ آهي. ڇاڻن گهرجي تہ نبي ڪريم ﷺ جي فرمان مطابق قلب گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي، جنهن جي صحيح هجڻ سان جسم صحيح رهندو آهي ۽ ان جي خراب هجڻ سان جسم خراب ٿيندو آهي ۽ دل وارن وٽ قلب هڪ جوهر آهي جو عالم اَمر کان جامع حقيقت انسانيت جي آهي جيڪو روح ۽ نفس جي وچ ۾ واسطو آهي ۽ انسانيت جو ان تي دارومدار آهي ۽ حديث قدسي ۾ آهي تہ "قلب اندر دل آهي ۽ دل اندر روح آهي" ۽ دل مان مراد أهوئي جوهر وارو قلب آهي ۽ حڪماءِ (فلاسفر) ان کي نفس ناطق (مادي کان خالي جوهر) چوندا آهن، ان جو باطن روح آهي ۽ نفس حيواني (طبعي جسم) ان جو مرڪب آهي جيڪو ظاهر قلب ۽ جسم جي وچ ۾ واقع آهي. هن حديث مان (انسان جي) "حقيقت جامعہ" مراد آهي ۽ صوفين جي اصطلاح ۾ قلب کي ڪبوتر ۽ عقل اول چوندا آهن ۽ طبيعت ڪليہ کي شڪاري باز چون ٿا. ان کي عقل اول ڪڏهن جسماني پستي ۽ عالم سفلي کان ۽ عالم علوي ۾ ۽ فضاءِ قدسي جي اوج ڏانهن شڪاري باز وانگر مٿي ڪٽي ٿو وڃي ۽ طبيعت ڪلي ڪنهن وقت ان کي بلڪہ گهڻو ڪري نفساني خواهش ۾ ڦاسائي عقاب وانگر عالم سفلي ڏانهن وٺي ٿي وڃي ۽ پوءِ سمجهڻ گهرجي تہ انساني روح مردن جي مثال آهي ۽ نفس حيواني عورت جي مثال آهي ۽ انهن ٻنهي جي ازدواجي ميلاپ سان فرزند

www.maktabah.org

قلب جاڻو. پر ان قلب ۾ استعداد ڪدڙي وانگر ٻنهي پاسن. عالم علوي ۽ عالم سفلي سان آهي، پوءِ جيڪڏهن قلب جو لاڙو عالم علوي ڏانهن ٿي پيو ته مردن جي مرتبي کي ماڻيندو ۽ مردن واري ميراث هٿ ڪندو ۽ جيڪڏهن ان جو لاڙو عالم سفلي ڏانهن ٿي پيو ته زالن جي ٽولي ۾ داخل ٿيندو ۽ زالن واري ميراث وٺندو. جو اهو بهشت آهي، ڇو ته مولىٰ تعالىٰ جو طالب مرد آهي ۽ آخرت جو طالب عورت آهي ۽ مردن جي ورثي بابت (حديث ۾ آيل) آهي ته اُهو اهڙو هوندو، جنهن کي نه اکين ڏٺو هوندو نه ڪنن ٻُڌو هوندو. نه وري ڪنهن جي دل ۾ ان جهڙو تصور ئي آيو هوندو. اُهو حق سبحانه وتعالىٰ جي بي ڪيف جمال جو پرتوو آهي. ان ڳالهه ڏانهن هن آيت سڳوري ۾ ارشاد آهي : "اي انسانو! ڊڄو پنهنجي رب کان. جنهن اوهان کي هڪ نفس مان خلقيو آهي". هتي نفس مان مراد نفس ناطق آهي. جيڪو ساري جهان جو قلب آهي ۽ اُهوئي آدم حقيقي آهي. اڳتي ارشاد آهي "۽ خلقيائين ان مان ان جي جوڙي زال کي" هتي زال مان مراد نفس حيواني آهي، جيڪو ان مان پيدا ٿيل آهي. ڪي چون ٿا ته اهو جوڙو يعني حضرت حَوا ڪاٻي پاسيريءَ مان پيدا ڪئي وئي آهي. يعني اهڙي طرف کان جيڪا عالم موجودات سان مليل آهي، پوءِ اُهو طرف حق تعالىٰ سان مليل طرف کان. ڪمزور طرف آهي. جيڪڏهن آدم عليه السلام ان سان نه پرڻجي ها ته. جيڪر هن دنيا ڏانهن لهي نه اچي ها. جيئن مشهور آهي ته ابليس اڳ ۾ حضرت حوا کي ڀلايو، پوءِ ان کي آدم جي ڀلائڻ لاءِ وسيلو بنايائين. اڳتي ارشاد آهي "۽ پکيڙيائين انهن ٻنهي (آدم ۽ حوا) مان گهڻائي مرد" هتي مردن مان مراد اهل دل شخص آهن. جيڪي پنهنجي پيءُ ڏانهن ٿا ڇڪين. اڳتي ارشاد آهي ته پکيڙيائين انهن مان گهڻيون ئي زالون. زالن مان مراد نفس پرست ۽ طبيعت پرست انسان آهن. جيڪي پنهنجي ماءُ ڏانهن ڇڪ رکن ٿا. ڪتاب "سلڪ سلوڪ" ۾ آيل آهي ته: الغرض "قلب سليم" اُها دل آهي، جيڪا ويهن خراب خصلتن کان خالي هجي ۽ ويهن نيڪ خصلتن سان ڀريل هجي. ويهه خراب خصلتون هي آهن: شرڪ. نفاق. عداوت. دنيا جي رغبت، حرص. جهل. دنيا سان تعلق. طمع. ڊگهيون اُميدون رکڻ. بي صبري، تڪبر، حسد. بدگماني، بخيلي، هٺ ڪرڻ. پاڻ کي وڏو سمجهڻ. نااُميدي، خدا جي

عذاب کان بي خوف رهڻ، خدا تعاليٰ کي وساري ڇڏڻ.

۽ ويهه نيڪ خصلتون هي آهن: توحيد، خلوص دل، خيرخواهي، پرهيزگاري، قناعت، يقين، علم، معاملات الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ، ماڻهن کان نااميد رهڻ، اميدون گهٽائڻ، صبر، موت ياد ڪرڻ، نفس کي بُک ڏيڻ، چڱو گمان رکڻ، سخاوت، توبهه، نوڙت، خوف، اُميد، الله تعاليٰ جو يادگيرو ۽ سندس محبت.

پورو قلب جو بيمار يا تندرست هجڻ، انهن خصلتن جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ تي منحصر آهي. جڏهن قلب سليم جي صفت معلوم ٿي ويئي تہ پوءِ ڄاڻڻ گهرجي تہ قلب مان خراب عادتن جو ختم ٿيڻ، الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ سان وابستہ آهي. خاص ڪري "لااله‌الاالله" سان جيڪو افضل ذڪر آهي. تفسير ديلمي وارو "فاذڪروني اذڪرڪم" واري آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو تہ توهان مون کي ياد ڪريو تہ مان توهان کي ياد ڪريان. يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مون کي اهڙيءَ طرح ياد ڪريو جو توهان جو قلب ۽ خيالات هميشه مون ڏانهن متوجهہ هجن، پوءِ آئون بہ اوهان کي ياد ڪندس. يعني اوهان جي دلين کي ۽ سرن (رازن) کي بصيرت ڏيندس تہ جيئن اوهان منهنجي ذات ۽ صفات کي ڏسو، پوءِ اوهان کي منهنجي معرفت حاصل ٿي پوندي ۽ پڻ "فاذڪروني" جي معنيٰ هي بہ آهي تہ" اوهين منهنجو پنهنجي زبانن سان ايترو تہ ذڪر ڪريو جو اوهان جي قلبن ۽ اسرارن جي مشاهدي تائين رسائي ٿئي".

اي طالب! ڄاڻ تہ بيشڪ زبان سان ذڪر ڪرڻ، قلب ۽ روح جي مشاهدي ڏانهن جلدي وٺي ويندڙ آهي. اهو ذڪر "لااله‌الاالله" جو آهي، جيڪو تمام گهڻو آزمايل آهي ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ طيب ڪلمو، پاڪ وڻ جي مثال آهي، اهو ڪلمو بہ "لااله‌الاالله" آهي.

مون مرشد حقيقي دام برڪاتہ جي مڪاشفي جي برڪت سان ان ڪلمہ کي هڪ عجيب وڻ جي صورت ۾ ڏٺو. جيڪو زمين کان وٺي آسمانن تائين بلند هيو، ان جي ٽارين جا مختلف رنگ هئا ۽ هر هڪ ٽاري تي قسمين قسمين پڪي ۽ قسمين قسمين حُورون ۽ غلمان ويٺل ڏٺم. جن جو حسن ۽ جمال بيان نٿو ڪري سگهجي. تن سيني زبان سان ڪلمي " لااله‌الاالله" جو ورد پئي ڪيو ۽

هر گهڙي ان وڻ مان اهڙي قسم جون ٽاريون ۽ اهڙي قسم جون حُورون غلمان نڪرندا ٿي رهيا ۽ آسمان ڏانهن چڙهندا ٿي ويا، پوءِ وري ٻئي هنڌان ٿي نڪتا. جيڪي آسمان ڏانهن وڌندا ٿي ويا، اهو مشاهدو، ان ابتدائي دؤر جو آهي، جڏهن ذڪر "لااله‌الاالله" جو ورد شروع ڪيو هيم، پوءِ اهڙيءَ طرح اهو مشاهدو ڪيترا سال ٿيندو رهيو.

پوءِ اي طالب، ڄاڻ ته الله تعاليٰ جو اهو ذڪر نفس کي خراب وصفن کان پاڪ ڪرڻ ۾ روشن اثر رکي ٿو ۽ اهو تمام گهڻو آزمايل آهي ۽ بيشڪ اسان اهو به مشاهدو ڪيو ته ان ذڪر "لااله‌الاالله" سان جڏهن نفس مان خراب وصفون گهٽجڻ ۽ جدا ٿيڻ لڳيون ٿي ته اُهي ماڻهن ۽ ناپاڪ جانورن جي شڪلين ۾ ٿي نڪتيون، جهڙوڪ ڪُتي، خنزير، ٻلي، خچر جي شڪل ۾ ٿي ڪري نڪتيون. جنهن ان ذڪر کي آزمايو هوندو، سو اسان کي ان ڳالهه ۾ سچو ڄاڻندو، پوءِ غير حق جي خيالات کان جيترو قلب کي تصفيو حاصل ٿو ٿئي. اوترو ئي نفس کي برائين کان تزڪيو حاصل ٿيندو آهي. تزڪيه نفس مان، نفس جي پاڪائي مراد آهي، جڏهن ته تصفيو ۽ تزڪيه ٻئي ڪامل محنت سان حاصل ٿين ٿا، پوءِ نفس اُن وقت سهڻ اخلاقن جي عادت وٺندو، پوءِ انهن ٻنهي (تصفيي ۽ تزڪيي) کان پوئتي هٽڻ نٿو جڳائي، ڇاڪاڻ ته رنگ جي مٿان رنگ نه چڙهندو آهي. پوءِ هن آيت سڳوري "لايمسه‌الاالمطهرون" (نه هٿ لائين هن قرآن مجيد کي مگر پاڪ) جو مقصد به هي آهي ته: قرآن ڪريم جي اسرارن ۽ اخلاقن کي به اُهو ڇُهي، جنهن جي دل غير جي ڏسڻ کان پاڪ هجي، جيڪو قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ ڏانهن پاڻ کي محتاج ٿو ڄاڻي. "خلقه‌القرآن" ۾ به ان ڏانهن اشارو ٿيل آهي.

اي عزيز! پوءِ جيڪو شخص دل جي پاڪائي سان هڪ ڀيرو ذڪر ڪندو ته ان کي سُٺا اخلاق حاصل ٿيندا ۽ جيڪو بار بار ڀيو ذڪر ڪندو ته ان کي قلب استحڪام پيدا ٿيندو ۽ جڏهن قلب ۾ استحڪام پيدا ٿي ويو ته (سمجهه) قلب سلامت رهندو، جو وري ان ۾ گنديون عادتون موٽي نه ايندين، جيئن چوڻي آهي ته: "ما رجع من رجع الاعن الطريق" (منزل مقصود تي پهچي ڪوبه ڪونه موٽيو آهي، بلڪ جيڪو موٽيو سو اڌ واٽ مان موٽيو) ان مرتبي

حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيو طريقو به آهي، جيڪو رابطي سان لاڳاپيل آهي. ڪامل مڪمل مرشد سان، مريد جي دلي ڳانڍاپي ڪي رابطو چئبو آهي، ڇاڪاڻ ته عام رسمي حڪمت جو قاعدو آهي ته مفيض (فيض ڏيندڙ) ۽ مستفيض (فيض وٺندڙ) ٻنهي ۾ مناسبت جو هجڻ ضروري شرط آهي. مثال جيئن ته باهه جو طبيعت خشڪ آهي ته اُها اثر به خشڪ شيءِ تي ڪندي ۽ آلي شيءِ ڪي نه وٺندي.

نسبتي پاڪان درست کن يا پئي ايشان مرو،
غرق شد فرعون بدريا بود موسيٰ پيشرو.

(الله وارن پاڪ ٻانهن سان نسبت صحيح رک، يا انهن جي پٺيان نه وڃ (غلط نسبت جي ڪري) فرعون به درياهه ۾ ٻُڏي ويو، توڙي هو موسيٰ عليه السلام جي پٺيان ئي ويو).

مريد ۽ مرشد جي وچ ۾ مناسبت سچو اعتقاد ۽ سچي دوستي آهي. اعتقاد به اهڙو هجي جو مرشد جي ڪنهن به ظاهري ڪم تي اعتراض نه ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن اعتراض ڪندين ته "هذا فراق بيني وبينک" (هي تنهنجي ۽ منهنجي جدائي جو وقت آهي) جو اعلان ٻڌندين.

فسحت ميدان ارادت بيار،
تا بزند مرد سخن گوئي گوءِ.

(ارادي جو ميدان ڪشادو آڻ، ته جيئن سخن گو (قابل) ماڻهو (ارادي واري ميدان ۾) اتي اچلائي هٽي).

دوستي ايتري قدر هجڻ گهرجي، جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي ته: "توهان مان تيستائين ڪو به مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين آئون ان ڪي سندس جان، مال، اولاد، پيءُ، ماءُ ۽ سمورن ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه هجان" مولانا رومي فرمائين ٿا ته:

دانشان رامي ستاند جان زجان،
ني زراه دفتر ني از زبان.

(انهن جي سمجهه روحاني علم ڪي روح سان حاصل ڪري ٿي، نه ڪتاب جي رستي سان ۽ نه زبان سان).

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمةالله عليه "شرح صراط مستقيم"

www.maktabah.org

۾ آندو آهي ته (اي طالب!) ڪوشش ڪر ته جيئن تنهنجي دل ۾ ڪامل مرشد جي جاءِ ٿي پوي يا تون مرشد جي اندر ۾ پنهنجي جاءِ ڪرين. جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ مرشد جي جاءِ ٿي پوندي ته ان جي نورانيت، تنهنجي اندر کي روشن ڪري ڇڏيندي. الله تعاليٰ جو نور يا اُهو ڪامل مرشد پاڻ هوندو يا ان ڪامل مرشد ساڻ هوندو، اُهو تنهنجي دل جي ڪٽيل آئيني کي اڇو اجرو ڪندو. جيڪڏهن توکي ان ڪامل مرشد جي اندر ۾ جاءِ ملي وڃي ته پوءِ ان ڪامل جو اندر، نزول رحمت جي جڳهه آهي، اتي الله تعاليٰ جي مهربانين واريون نظرون نازل ٿينديون رهن ٿيون، جڏهن توکي ان جاءِ تي موجود ڏسنديون ته ضرور ان جي رحمتن واري نظر جو پرتوو توتي به پوندو، پر ايترو جيتري قدر تون ان سان نسبت، محبت، پنهنجائپ ۽ اتفاق رکندين ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي هن حديث پاڪ ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته "مرد ان سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪندو". بس تو ڪريان جو سياڻن لاءِ اهو ڪافي آهي.

روحاني سڪون جا ذريعا

عبادت، ذڪر، فڪر، درود ۽ وظيفا

ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ رب ڪريم، پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ انسان ذات جي تخليق جو اصل مقصد بيان ڪندي ارشاد فرمايو آهي ته:

"وما خلقت الجن والانس الاليعبدون"

(سورة ذاريات آيت 56)

(يعني انسانن ۽ جنن جي پيدا ٿيڻ جو مقصد، الله جي عبادت ڪرڻ آهي).

اي عزيز، ڪلام پاڪ مان اهو به واضح آهي ته هي دنيا عارضي ٽڪاڻو آهي ۽ مستقل منزل آخرت آهي. دنيا جي هر شيءِ امتحان ۽ آزمائش آهي، دنيا جي هر شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي، ليڪن پوءِ به انسان هن دنيا کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ٿو ۽ دنيا جون راحتون، آرام ۽ عيش حاصل ڪرڻ لاءِ خوب محنت ۽ ڪوشش ڪري ٿو. پنهنجي ذات، گهر، اولاد ۽ مال لاءِ ڏينهن رات جائز يا ناجائز جفاڪشي ۽ جاکوڙ ۾ مصروف آهي، پر افسوس جو اسان

www.maktabah.org

ايڏين محنتن ۽ تڪليفن سهڻ باوجود، هڪري شيءِ ڪان محروم آهيون ۽ اُها آهي روحاني سڪون ۽ آرام. اسان دنيا جي حصول لاءِ ته پنهنجي زندگي ان ڊوڙ ڊُڪ ۾ صرف ڪري ڇڏي، مگر "خالق دنيا" کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ٻه چار گهڙيون به وقت ناهي. اسان دنيا لاءِ ته روزانو وقت جي پابندي سان محنت ڪيون ٿا، مگر خالق دنيا لاءِ ڪا واندڪائي ناهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جيترو دنيا ڏانهن مشغول ٿيا آهيون، اوتروئي ڪائنات جي ڌڻي کان پري ٿيندا ويا آهيون ۽ اها به يقيني ڳالهه آهي ته ڪنهن به ماڻهو کي، ڪٿي به ۽ ڪڏهن به "دنيا ۽ دولت" مان حقيقي سڪون نه ملندو، بلڪه هر گهڙي، ذات، گهر، اولاد ۽ مال جو فڪر دل ۽ دماغ تي سوار رهندو. ذهني پريشاني، دماغي دٻاءُ، بي چيني، دلي بي آرامي، مستقبل جون سوچون وغيره انسان جي اندر ۽ روح کي اڌوهي وانگر کائي کوکلو ڪري ڇڏينديون آهن. جڏهن اسان هر طرف کان مايوس ۽ حقيقي سڪون کان محروم ٿيندا آهيون ته لاچاري ۾ مهربان رب ڪريم ڏانهن رجوع ٿيڻ جي بجاءِ دنيا جي محبت ۾ محو هجڻ ڪري، اخلاق سوز ۽ ناجائز ڪمن ۾ سڪون ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، ليڪن اسان جو حال سڌرڻ جي بجاءِ ڏينهون ڏينهن بدترين ٿيندو رهندو آهي، ڇاڪاڻ ته الله جي ڪلام پاڪ جو اٽل فيصلو آهي ته:

"الابذڪرالله تطمئن القلوب "

(سورة رعد آيت 28)

(خبردار، الله جي ذڪر (ياد) ۾ئي دلين جو اطمينان ۽ سڪون آهي).

اي عزيز! الله جي ذڪر مان مراد هر اُهو فعل آهي، جنهن جي ڪرڻ ۾ الله جي ياد مقصود هوندي آهي، جنهن کي "عبادت" چئبو آهي ڪي عبادتون اسان تي فرض آهن جيڪي هر حال ۾ ادا ڪرڻيون آهن ۽ ڪي عبادتون نفلي آهن جيڪي الله جا فرائض پورا ڪرڻ بعد، اضافي ڪبيون آهن، جن جي ذريعي قرب خداوندي جي نعمت حاصل ٿيندي آهي. الله جون بي انتها رحمتون ۽ برڪتون شامل حال ٿينديون آهن، ظاهري باطني بيمارين، مصيبتن، پريشانين ۽ مشڪلاتن کان نجات ملندي آهي ۽ روحاني سڪون ۽ آرام حاصل ٿيندو آهي. الله تعاليٰ جي ڪامل ۽ سچن ٻانهن به هميشه فرائض خداوندي جي

www.maktabah.org

تڪميل بعد نفلي عبادتن ۽ ذڪر ۽ فڪر جي نہ رڳو پاڻ پابندي ڪئي بلڪہ انهن عام خلق کي بہ ترغيب ڏياري آهي.

تنبيهہ: اي عزيز، تمام گهڻن ماڻهن کي ڏٺو ويو آهي تہ اُهي الله جي فرائض کي بلڪل ڇڏي فقط نفلي عبادتن کي ترجيح ڏيندا آهن. مثال طور: پنج وقت نماز تہ نہ پڙهندا آهن. باقي نفلي نمازون شوق سان پڙهندا آهن. الله جو فرض زڪوات تہ ادا ڪونہ ڪندا آهن، باقي خير خيراتون ۽ صدقات گهڻا ڪندا آهن. ان لاءِ چاڻ گهرجي تہ جيستائين الله جو قرض ۽ فرض ادا نہ ڪنداسون تہ نفلي شيون اسان لاءِ ڪارگر ثابت نہ ٿينديون ۽ قيامت جي ڏينهن سخت پڇاڻو بہ فرائض ۾ ڪوتاهي سبب ٿيندو! حقيقي لطف تہ تڏهن ملندو جڏهن فرائض جي ادائيگي کان پوءِ نفلي عبادتن کي ترجيح ڏجي ۽ نفلي عبادتن، رياضتن ۽ مجاهدن سان قرب خداوندي ۽ تسڪين قلب جون نعمتون حاصل ٿينديون آهن.

نفلي نمازون

الله سبحانه وتعاليٰ جي پاڪ اسم جي برڪتن کي شامل حال ڪندي هتي چند نفلي عبادتن جو ذڪر ۽ طريقہ ڪار بيان ڪجي ٿو تہ جيئن عام مسلمان انهن تي عمل ڪندي رب ڪريم ۽ محبوب ڪريم ﷺ جو رضامندو ۽ قرب حاصل ڪري دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو ٿين.

تهجد جي نماز: الله تعاليٰ جي خاص قرب حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو "تهجد جي نماز" آهي، جنهن جي پڙهڻ جو الله تعاليٰ پنهنجي محبوب نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي حڪم فرمايو . تهجد جي نماز آڌيءَ رات کان پوءِ پڙهجي، ڪل ڇهہ نفل يعني ٻارهن رڪعتون پڙهجن. پهرين نفل جي پهرئين رڪعت ۾ "الحمد شريف" کان پوءِ ٻارنهن ڀيرا "قل هوالله" پڙهجي ۽ ٻي رڪعت ۾ "الحمد شريف" کان پوءِ يارهن ڀيرا "قل هوالله" پڙهجي. اهڙيءَ طرح هر رڪعت ۾ هڪ هڪ ڀيرو گهٽائيندو رهي ۽ آخري رڪعت ۾ "الحمد شريف" بعد هڪ ڀيرو "قل هوالله" شريف پڙهندو.

نماز تهجد پڙهڻ بعد، بهتر آهي تہ الله تعاليٰ جي ذڪر جون چار تسبيحون (لاالهالاالله - الاالله - الله ۽ هُو) ڪيون وڃن.

www.maktabah.org

اشراق جي نماز: سج اُڀرڻ کان (گهٽ ۾ گهٽ ويهه منٽ) بعد ۾ ٻه نفل يعني چار رڪعتون نماز پڙهڻ کي اشراق چيو ويندو آهي.

ترمذي شريف ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو : جيڪو شخص فجر جي نماز باجماعت ادا ڪرڻ بعد، الله جو ذڪر ڪندو رهي، ايستائين جو سج متي نڪري اچي ۽ پوءِ ٻه رڪعتون (اشراق) پڙهندو ته ان کي هڪ ڪامل حج ۽ عمري جو ثواب ملندو.

چاشت جي نماز: اها نماز به سنت آهي، جنهن کي "نماز ضحيٰ" به چئبو آهي، ان جي به تمام وڏي فضيلت آهي. اها نماز اشراق کان پوءِ ۽ زوال کان اڳ ۾ ڇهه نفل يعني ٻارنهن رڪعتون پڙهڻ گهرجي.

آوابين نماز: مغرب (سانجهي) نماز ادا ڪرڻ کان بعد ڇهه نفل يعني ڇهه رڪعتون پڙهڻ کي "اوابين" چيو ويندو آهي. ابن ماجه ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته: جيڪو شخص مغرب جي نماز کانپوءِ ڇهه رڪعتون نفل پڙهي ۽ وچ ۾ ڪابه دنياوي ڳالهه نه ڪري ته ان جون اهي ڇهه رڪعتون، ٻارنهن سالن جي عبادت برابر لکيون وينديون.

نماز تحية المسجد: جيڪو شخص مسجد ۾ داخل ٿئي ته ان کي ٻه رڪعتون نماز مسجد ۾ ويهڻ کان اڳ پڙهڻ گهرجن. ان کي تحية المسجد چئبو آهي.

نماز تحية الوضو: نماز لاءِ وضو ڪرڻ کان پوءِ عضون جي سڪڻ کان اڳ ۾ ٻه رڪعتون پڙهڻ مستحب آهي، جنهن کي تحية الوضو چيو وڃي ٿو.

ذڪر جي فضيلت

الله تبارڪ وتعاليٰ جي اسم مبارڪ جو ذڪر ڪرڻ، انتهائي برڪتن ڀريو عمل آهي. جنهن سان الله تعاليٰ جو قرب حاصل ٿيندو آهي، عملن جي دفتر ۾ نيڪين جو اضافو ٿيندو آهي، گناهه معاف ٿيندا آهن ۽ گناهن جي گهٽائي سبب ڪٽجي ڪاري ٿيل دل، روشن ۽ منور ٿيندي آهي ۽ قلب کي روحاني سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿيندو آهي.

www.maktabah.org

❀ ترمذي شريف ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو : سڀني ذڪرن ۾ افضل ذڪر "لااله الاالله" آهي.

❀ ابوداٶد ۽ نسائي شريف جي روايت آهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو جيڪو شخص هر نماز کان پوءِ 33 ڀيرا "سبحان الله" 33 ڀيرا "الحمدلله" ۽ 33 ڀيرا "الله اڪبر" ۽ آخر ۾ سؤ پورو ڪرڻ لاءِ "لااله الاالله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو علي ڪل شي قدير" پڙهندو رهندو ته ان جا سمنڊ جي جَهڳ ۽ قطرن جيترا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن.

❀ بخاري شريف ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو : ٻه ڪلما الله تعاليٰ کي انتهائي محبوب آهن، زبان تي تمام هلڪڙا آهن، پر ميزان ۾ (ثواب جي لحاظ سان) تمام ڳرا آهن، اُهي هي آهن: "سبحان الله وبحمده سبحان الله العظيم"

درود شريف جي فضيلت

حضرت حبيب ڪريم، رؤف رحيم، رحمة للعالمين، سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن مٿان درود ۽ سلام ڪثرت سان پڙهڻ، برڪتن جي حاصل ٿيڻ، الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب جي قرب ۽ روحاني ترقي جي حصول جو تمام بهترين ذريعو آهي ۽ درود شريف جي برڪت ۽ فضيلت لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته الله تعاليٰ ۽ ان جا فرشتا محبوب ڪريم ﷺ تي درود وسلام پڙهن ٿا. الله تعاليٰ هر عبادت جو وقت مقرر فرمايو آهي، پر درود شريف جي پڙهڻ جو ڪوبه وقت مقرر نه آهي. فقط مڪروهه جڳهن کان سواءِ باقي هر وقت ۽ هر هنڌ درود ۽ سلام پڙهي سگهجي ٿو. سچي ايمان ۽ يقين وارن کي درود ۽ سلام جي ڪثرت ۽ محبت سببان ديدار مصطفيٰ ﷺ جي نعمت عظميٰ به نصيب ٿيندي آهي. حضور سَرور عالم ﷺ فرمايو قيامت جي ڏينهن مون کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو دنيا ۾ منهنجي مٿان تمام گهڻو درود ۽ سلام پڙهندو هوندو. جنهن منهنجي مٿان هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو، الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي، ان جا ڏهه گناهه معاف ڪندو آهي ۽

www.maktabah.org

جنت ۾ ان جا ڏهه درجا بلند ڪندو آهي. اوهان پنهنجي محفلن کي درود وسلام سان سينگاريو. اُهو درود قيامت جي ڏينهن اوهان لاءِ نُور هوندو. جمعي جي ڏينهن ۽ رات ڪثرت سان درود شريف پڙهندا ڪيو، جو اوهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. محبت وارن جو درود مان محمد ڪريم ﷺ پاڻ ٻڌندو آهيان ۽ بنا محبت وارن جو درود مون تائين ملائڪ پهچائيندا آهن. اُهو شخص وڏو بخيل آهي ۽ رحمت کان پري آهي جيڪو منهنجو نالو ٻڌي درود شريف نٿو پڙهي. جيڪو به مقصد وارو ڪم الله جي نالي ۽ ذڪر ۽ منهنجي مٿان درود وسلام پڙهڻ کان سواءِ شروع ڪيو ويو، ته اُهو بي برڪت ۽ ٻلائي کان ڪٽيل رهجي ويندو آهي. جنهن شخص منهنجي مٿان درود ۽ سلام پڙهڻ وساري ڇڏيو، تحقيق ان جنت جي رستي کي وساري ڇڏيو.

حضرت روضي ڌڻي جا ورد ۽ وظيفا

حضرت مرشدنا پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمةالله عليه فرمايو" طالب کي پهريان زباني ذڪر ۾ ذوق پيدا ٿيندو آهي، پوءِ قلبي ذڪر سان، پوءِ فڪر سان، پوءِ قرآن مجيد جي تلاوت سان، پوءِ صلوات سڳوري (درودشريف) سان ۽ پوءِ تهليل سان، يعني "لااله‌الاالله" جي ذڪر سان"
حضرت روضي وارن قدس سره فرمايو: جيڪو منهنجي مريدن مان ڏسيل ذڪر هميشه ڪندو رهندو ته ان جي ايمان جو ذمو قيامت جي ڏينهن اسان تي آهي، پوءِ پاڻ پنهنجي زبان سان ٽي ڀيرا ورجائي فرمايائون ته جيڪو ڏسيل ذڪر هميشه ڪندو رهندو ته قيامت جي ڏينهن سندس ايمان جو ذمو اسان تي آهي ۽ جيڪو ذڪر نه ڪندو ته اُهو اسان جو مريد نه آهي. جيڪو ڏهه ڀيرا ڪلمه توحيد فجر ۽ سانجهي جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ورد ڪندو، ان کي الله تعاليٰ قبر جي تنگيءَ کان امن ۾ رکندو. جيڪڏهن ڪوبه وظيفو پاڻ تي مقرر ڪجي ته ان کي هميشه لازم سمجهي ۽ ڪڏهن به ناغو نه ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪان مقرر ورد ڪرڻ وسري وڃي ته اُهو "سبحان الله عدد ما خلق" هڪ سؤ ڀيرا ورد ڪري ته ان جي قضا ادا ٿي ويندي.

اي عزيز، حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمة الله عليه جن روزانو

www.maktabah.org

پنج وقتي نماز ۽ تهجد وغيره کان بعد وظيفا ۽ ورد پڙهندا هيا. انهن جو مختصر بيان هتي ڪجي ٿو.

سندن پنج وقتي وظيفا

حضرت پير سائين قدس سره جا اُهي وظيفا جيڪي پاڻ روزانو تهجد نماز کان پوءِ ۽ هر فرض نماز کان پوءِ پڙهندا هئا: وضو ڪرڻ کان پوءِ مصلي تي ويهي ڏهه ڀيرا الله اڪبر، ڏهه ڀيرا الحمدلله، ڏهه ڀيرا سبحان الله وبحمده، ڏهه ڀيرا سبحان الملک القدوس، ڏهه ڀيرا استغفرالله، ڏهه ڀيرا لااله‌الاالله، ڏهه ڀيرا اللهم اني اعوذبک من ضيق الدنيا يوم القيامة پڙهندا هئا. ان کان پوءِ اُٺي ڇهه نفل تهجد جا پڙهندا هئا. پوءِ ويهي ٻارنهن ڀيرا آيت شريف: ان في خلق السموات والارض (آخرتائين)، ڏهه ڀيرا آيت شريف ان ربکم الله الذي خلق السموات والارض (آخر تائين) ۽ سؤ ڀيرا: اللهم اغفرلي و تب علي انک انت التواب الرحيم ۽ سؤ ڀيرا: اللهم انک عفو تحب العفو فاعف عني، چاليهه ڀيرا: لااله الاانت سبحانک اني کنت من الظالمين، پنج ڀيرا: سيد الاستغفار ۽ هڪ ڀيرو وڏو استغفار پڙهندا هئا.

فجر جي وقت:

سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ فرض کان اڳ ايڪتاليهه ڀيرا سورت فاتحه، فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ پير ڦيرائڻ کان اڳ، ٽي ڀيرا الله اڪبر، ٽي ڀيرا استغفرالله، هڪ ڀيرو اللهم انت السلام ومنک السلام و اليک يرجع السلام تبارکت يا ذوالجلال والاکرام، ڏهه ڀيرا لااله الا الله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو علي کل شيءِ قدير ۽ پوءِ پير ڦيرائي هڪ ڀيرو آيت الڪرسي، ٽيٽيهه ڀيرا سبحان الله، ٽيٽيهه ڀيرا الحمدلله، ٽيٽيهه ڀيرا الله اڪبر ۽ هڪ ڀيرو لااله‌الاالله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو علي کل شيءِ قدير پڙهندا هئا. ان کان پوءِ ستاويهه ڀيرا اللهم اغفرلي وللمومنين والمومنات والمسلمين والمسمات، ويهه ڀيرا سورت الحمدلله رب العالمين، ويهه ڀيرا بسم الله الرحمن الرحيم، ويهه ڀيرا رب اغفرلي و تب علي انک انت العفوالغفور، ايڪيهه ڀيرا بسم الله الرحمن الرحيم، ويهه ڀيرا اللهم صل

www.maktabah.org

علي سيدنا محمد وعلي آل سيدنا محمد وبارک وسلم پڙهندا هئا. ان کان پوءِ ٽي ڀيرا بسم الله الذي لا يضر مع اسمه شي في الارض ولافي السماءِ وهو السميع العليم، ٽي ڀيرا اعوذ بکلمات الله التامات من شر ما خلق، ٽي ڀيرا سلام علي نوح في العالمين، ٽي ڀيرا اعوذ بکلمات الله التامات من غضبه وعقابه ومن شرعباده ومن همزات الشياطين اعوذ بک ان يحضرون پڙهندا هئا. پوءِ هي سورتون قل يا ايها الکافرون، اذا جاءَ نصرالله، قل هوالله احد، قل اعوذ برب الفلق، قل اعوذ برب الناس، بسم الله شريف سان هڪ هڪ ڀيرو پڙهندا هئا.

اشراق جي وقت:

هِه نفل اشراق جا ۽ هِه نفل ضحيٰ جا پڙهندا هئا. ان کان پوءِ: اللهم اغفرلي وترحمني انک انت التواب الرحيم پڙهندا هئا. پوءِ ٻه رکعتون استخاره جي نفل جون پڙهندا هئا ۽ سلام کان پوءِ استخاره جي دُعا پڙهندا هئا.

ٻيپهري جي وقت:

ٻيپهري نماز جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا الله اکبر، ٽي ڀيرا استغفرالله، هڪ ڀيرو اللهم انت السلام ومنک السلام واليک يعود السلام تبارک يا ذالجلال والاکرام ۽ هڪ ڀيرو آيت الکرسي پڙهندا هئا. ان کان بعد سنتون ادا ڪري ٽيٽيهه ڀيرا سبحان الله، ٽيٽيهه ڀيرا الحمدلله، ٽيٽيهه ڀيرا الله اکبر، ۽ هڪ ڀيرو لااله الا الله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو علي کل شيءِ قدير، ويهه ڀيرا سورت فاتحه، ويهه ڀيرا رب اغفرلي وتب علي انک انت العفوالغفور، ايکويهه ڀيرا بسم الله الرحمن الرحيم ۽ ويهه ڀيرا اللهم صلي علي سيدنا محمد وعلي آل سيدنا محمد وبارک وسلم پڙهندا هئا.

ٽيپهري جي وقت:

ٽيپهري نماز جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا الله اکبر، ٽي ڀيرا استغفرالله ۽ هڪ ڀيرو اللهم انت السلام ومنک السلام واليک يعودالسلام تبارکت يا ذالجلال والاکرام.

www.maktabah.org

شام جي وقت:

مغرب جي نمازجي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا الله اڪبر، ٽي ڀيرا استغفرالله ۽ هڪ ڀيرو اللهم انت السلام ومنک السلام واليک يعودالسلام تبارکت يا ذالجلال والاکرام پڙهي. ڏهه ڀيرا ڪلمو توحيد پڙهندا هئا. ان کان پوءِ هڪ ڀيرو آيت الکرسي، ٽيٽيهه ڀيرا سبحان الله، ٽيٽيهه ڀيرا الحمدلله، ٽيٽيهه ڀيرا الله اڪبر ۽ هڪ ڀيرو لااله الاه الله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو علي کل شيءِ قدير پڙهندا هئا. ان کان پوءِ ستاويهه ڀيرا اللهم اغفرلي وللمومنين والمومنات والمسلمين والمسلمات، ڏهه ڀيرا سورت فاتحه، ويهه ڀيرا رب اغفرلي وتب علي انک انت العفوالغفور، ويهه ڀيرا اللهم صل علي سيدنا محمد وعلي آل سيدنا محمد وبارک وسلم پڙهندا هئا. ان کان پوءِ استخاره جو نفل پڙهي استخاره جي دُعا پڙهندا هئا. ان کان پوءِ ٽي ڀيرا بسم الله الذي لايضرمع اسمه شي في الارض ولا في السماءِ وهو السميع العليم، ٽي ڀيرا اعوذ بکلمات الله التامات من شرما خلق، ٽي ڀيرا سلام علي نوح في العالمين، ٽي ڀيرا اعوذ بکلمات الله التامات من غضبه وشر عباده ومن همزات الشياطين واعوذ بک رب ان يحضرون پڙهندا هئا ۽ پوءِ سورتون: قل يا ايهاالکافرون، اذا جاءِ نصرالله، قل هوالله احد، قل اعوذب برب الفلق ۽ قل اعوذب برب الناس، بسم الله شريف سان هڪ هڪ ڀيرو پڙهندا هئا.

سومهڻي جي وقت:

سومهڻي نمازجي وقت سنت ادا ڪرڻ کان پوءِ ۽ فرض کان اڳي، سؤ ڀيرا سبحان الله والحمدلله ولااله الاالله ولله اڪبر ولا حول ولا قوة الابالله العلي العظيم، سؤ ڀيرا سبحان الله عدد ماخلق، چاليهه ڀيرا لااله الاانت سبحانک اني کنت من الظالمين پڙهندا هئا. فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا الله اڪبر، ٽي ڀيرا استغفرالله ۽ هڪ ڀيرو اللهم انت السلام ومنک السلام واليک يعود السلام تبارکت يا ذوالجلال والاکرام پڙهي، ٽيٽيهه ڀيرا سبحان الله، ٽيٽيهه ڀيرا الحمدلله، ٽيٽيهه ڀيرا الله اڪبر ۽ هڪ ڀيرو لاالهالاالله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو علي کل شيءِ قدير، ويهه ڀيرا سورت فاتحه، ويهه ڀيرا رب اغفرلي وتب علي انک انت العفوالغفور، ايڪويهه ڀيرا

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم، ويه ٻيرا اللهم صل علي سيدنا محمد وعلي آل سيدنا محمد وبارک وسلم ۽ صلوات شريف پڙهندا هئا. سمهڻ وقت وضو تازو ڪري، هڪ ڀيرو سورت ياسين، ٽيٽيه ڀيرا سبحان الله، ٽيٽيه ڀيرا الحمدلله، چوٽيه ڀيرا الله اکبر، ٽي ڀيرا سورت اخلاص، هڪ ڀيرو معوذتين (يعني سورة فلق ۽ سورة ناس) پڙهي پنهنجي بدن تي ڦوڪاري، سڄي پاسي، قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي پوندا هئا. پڻ هيءَ دعا: باسمک ربي وضعت جنبي فاغفرلي ذنبي استغفرالله الذي لااله الا هوالحي القيوم واتوب اليه پڙهندا هئا ۽ ننڊ کان سجاڳ ٿي، الحمدلله الذي احياني بعد ما اماتني واليه النشور پڙهندا هئا.

❀ وما علينا الا البلاغ المبين ❀

☆☆☆
☆☆
☆

www.maktabah.org

قاطع البدعة
في
انتباه الغافلين

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

الحمدلله علي ذالک حمدا کثيرا والصلوات والسلام علي رسوله الذي جاءَ بالحق بشيرا ونذيرا وعلي آله واصحابه واهل بيته وذرياته اجمعين

اَما بعد: اسان جو پيارو دين "اسلام" دين فطرت آهي، جنهن کي خود رب العالمين پسند ڪندي ارشاد فرمايو:

"ان الدين عندالله الاسلام"

(سورت آل عمران آيت 19)

(بيشڪ الله تعاليٰ وٽ (پسنديده) دين "اسلام" آهي).

دين اسلام جي تعليم، ترويج ۽ تبليغ لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب، آخري نبي، شفيع المذنبين، رحمةللعالمين حضرت محمد ﷺ کي معبوث فرمايو ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي آمد جو اعلان ڪندي، الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

"اي محبوب، اسان توکي سيني جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي". (سورت انبياءِ آيت 107)

الله تعاليٰ پنهنجي محبوب نبي ﷺ جي نبوت ۽ رسالت جي دليل طور ۽ قيامت تائين اُمت جي رهنمائي لاءِ پنهنجو پاڪ ڪلام "قرآن مجيد" نازل ڪري ارشاد فرمايو:

"۽ اسان قرآن نازل ڪيو، جيڪو مؤمنن لاءِ شفا ۽ رحمت آهي".

(سورت اسراءِ آيت 82)

اي عزيز، هڪ مؤمن مسلمان لاءِ اهو ضروري آهي ته هو پنهنجي زندگي جا سيئي معاملا ۽ مسئلا "دين اسلام" جي پاڪ تعليم جي روشني ۾ حَل ڪري. اسان مسلمانن لاءِ سرور انبياءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي زندگي مبارڪ پڻ هڪ بهترين نمونو آهي، ڇو ته محبوب ڪريم ﷺ جي سڄي زندگي قرآني تعليم جو عملي نمونو هئي. جيئن مؤمنن جي ماءُ، حضرت

www.maktabah.org

عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان سوال ڪيو ويو تہ: محبوب ڪريم ﷺ جا اخلاق مبارڪ ڪيئن هيا؟ بيبي صاحبہ فرمايو: "ڪان خلقه القرآن" يعني قرآن پاڪ کولي ڏسو، جيڪو محبوب ﷺ جي اخلاقن سان ڀريل آهي.
الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

"وانک لعلي خلق عظيم"

(سورت القلم آيت 4)

(اي محبوب، بيشڪ تون عظيم اخلاقن وارو آهين)

اي عزيز، اهوئي سبب آهي جو الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي محبوب جي زندگي جي هر گهڙي ۽ هر لمحي کي، اسان لاءِ هڪ آئينو ۽ نمونو بڻائي ارشاد فرمايو:

"لقد کان لکم في رسول الله اسوة حسنه"

(سورت احزاب آيت 21)

(تحقيق اوهان جي لاءِ، الله جي رسول جي زندگي ۾ بهترين نمونو آهي).

تنهن ڪري حضور پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ جن جي شريعت مطهره کان جيڪي بہ ڪم، ريتون، رسمون ۽ رواج ٻاهر آهن ۽ انهن جي جواز جي قلب سليم ۽ انساني عقل بہ اجازت نٿو ڏئي تہ اُهي بدعت ۾ شمار ڪيا ويندا آهن. بدعت جي لفظي معنيٰ آهي "نئين شيءِ" يعني اسلامي معاشري ۾ اهڙا ڪم ڪرڻ، جيڪي قرآن، سنت، اجماع صحابہ وامت ۽ اولياءالله جي طريقن جي برخلاف آهن. اهڙن ڪمن کي "بدعت سيئہ" چئبو آهي، ڇو تہ جيستائين هڪ مسلمان پنهنجي ديني ۽ دنياوي ڪمن، ريتن، رسمن ۽ خواهشن کي شريعت ۽ سنت محمدي عليٰ صاحبها الصلوات والسلام جي تابع نٿو ڪري تيستائين اُهو ڪامل مؤمن نٿو بڻجي سگهي، جيئن محبوب ڪريم ﷺ فرمايو آهي: "اوهان مان ڪوبہ ايستائين مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي خواهشن کي منهنجي آندل شريعت جي تابع نٿو بڻائي".
باري تعاليٰ جو ارشاد آهي:

فلاوربک لايؤمنون حتيٰ يحکموک فيما شجر بينهم

(سورت نساءِ آيت 65)

www.maktabah.org

(اي محبوب) تنهنجي رب جو قسم، اهي ايستائين مؤمن نٿا ٿي سگهن، جيستائين پنهنجي اختلاقن ۾ تو کي پنهنجو حاڪم نٿا مڃن.

ان ڪري هن مختصر رسالي اندر زماني ۾ مروج انهن غلط ڪمن ۽ ريتن رسمن جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي شريعت مطهره کان خارج ۽ "بدعت سيئہ" ۾ داخل آهن تہ جيئن غافل انسان سجاڳ ٿين ۽ پنهنجي زندگي، ڪم ڪار، ريتون، رسمون ۽ طور طريقا، اسلامي تعليم مطابق ادا ڪري، الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي رضامندي جي نعمت سان مالامال ٿي، دين، دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿين.

شادي جون رسمون

✪ نڪاح جو اعلان ڪرڻ ۽ نڪاح جي محفل مسجد شريف ۾ رکڻ مستحب آهي، جيئن ترمذي ۽ مشڪوات شريف ۾ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو:

"اعلنوا هذا النكاح واجعلوه في المساجد"

(انهن نڪاحن جو عام اعلان ڪيو ۽ انهن کي مسجدن ۾ ادا ڪيو)

✪ محرم شريف يا صفر وغيره جي مهينن ۾ شادي ڪرڻ ۾ ڪوبہ حرج ناهي.

✪ نڪاح جي خوشي ۾ وليمہ جي دعوت ڪرڻ ۽ مٽن مائٽن، عزيزن ۽ دوستن کي کاڌو کارائڻ سنت آهي.

✪ وليمي ۾ ڪارڪون ۽ اٽي ۽ گيهہ جون سٽون ورهائڻ بہ سنت آهي.

✪ وليمي جي دعوت ۾، اميرن کي گهرائڻ ۽ غريبن کي دعوت نہ ڏيڻ تمام خراب آهي، جو تہ مسلم شريف ۾ آهي: "سڀ کان خراب کاڌو ان وليمي جو آهي جنهن ۾ مالدارن کي تہ دعوت ڏني وڃي ٿي پر غريبن کي دعوت نٿي ڏني وڃي".

✪ کاڌي جي دعوت ڏيڻ ۽ دعوت قبول ڪرڻ سنت آهي ۽ بنا دعوت جي وڃڻ مڪروهہ آهي. ابوداؤد شريف ۾ حديث آهي تہ حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو: "جنهن کي دعوت ڏني وئي ۽ ان دعوت قبول نہ ڪئي تہ ڄڻ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي نافرماني ڪيائين ۽ جيڪو بنا سڏائڻ جي دعوت ۾

www.maktabah.org

ويو، ته اُهو ڄڻ چور ٿي داخل ٿيو ۽ ڦورو بڻجي ٻاهر نڪتو“.

✪ فخر ۽ مقابلي طور، بي تحاشا خرچ سان دعوت ڪرڻ مڪروه آهي ۽ حضور جن اهڙي دعوت جي ماني کائڻ کان منع ڪئي آهي.

✪ فتاويٰ شامي ۾ لکيل آهي ته وليمي جي دعوت جو مقصد سنت مصطفيٰ ﷺ جي ادائيگي جي نيت هجڻ گهرجي، پر فخر ۽ دنيا جي ڏيکاءُ واري دعوت ۾ شريڪ نه ٿيڻ بهتر آهي.

✪ هدايه ۽ درمختار ڪتابن ۾ آهي ته جنهن دعوت ۾ ڳائڻ وڄائڻ، ساز سرود، غير شرعي ڪم ۽ ٻيا خرافات هجن ته، اهڙي دعوت ۾ به نه وڃڻ گهرجي.

✪ شادي جي موقعي تي موڙ ٻڌڻ، لائون ڏيڻ ۽ سهرا ڇوڙڻ جائز آهي. شادي جي موقعي تي هوائي فائر ڪرڻ، بيڪار ۽ مالي جاني نقصان جو سبب آهي.

✪ ناچ ڪرڻ، تاڙيون وڄائڻ ۽ هر قسم جو ساز وڄائڻ ناجائز آهي.

✪ شادي جي تقريبن ۾ ساز سرود وڄائڻ، ڳانا ڳارائڻ، ناچو ڇوڪرن مٿان پئسا گهورڻ، زالن ۽ مردن جو جُهمر هڻڻ ناجائز آهن. هر قسم جا ساز ۽ ڍُهل وڄائڻ شيطاني ڪم آهي، جن جو انتظام ڪندڙ، تعاون ڪندڙ ۽ ٻُڌندڙ سڀئي گنهگار ٿين ٿا ۽ شادي جي موقعي تي شيطاني ڪم ڪرڻ سان يقيناً الله تعاليٰ ۽ ان جو محبوب نبي ڪريم ﷺ جن ناراض ٿين ٿا.

اي عزيز، انسان کي خوشيون عطا ڪرڻ وارو رب ڪريم آهي ۽ هڪ مؤمن مسلمان لاءِ ضروري آهي ته هو خوشي جي موقعي تي الله تعاليٰ جي ڪلام ۽ رسول الله ﷺ جي صفت ۽ ثنا جي محفل منعقد ڪري ته جيئن الله تعاليٰ جون مزيد رحمتون ۽ برڪتون شامل حال ٿين ۽ رحمت جا فرشتا به ان بابرڪت محفل ۾ شريڪ ٿيندا آهن، پر جنهن محفل ۾ ساز سرود ۽ بي حيائي وارا ڪم ٿيندا، اُتي يقيناً رحمت جا ملائڪ ته نه ايندا آهن بلڪ الله ۽ ملائڪن جي لعنت وسندي آهي. (معاذالله)

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو ته:

ومن الناس من يشتري لهو الحديث ليضل عن سبيل الله بغير علم وتخذها هزو اولئک لهم عذاب مهين (سورت لقمان آيت 6)

(۽ ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن جيڪي بيڪار ڳالهيون خريد ڪن ٿا ته جيئن بي

www.maktabah.org

علمي سببان مائهن کي الله جي راهه کان گمراهه کن ۽ ان کي يوگ بڻائن، اُهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ خواري وارو عذاب آهي).

قرآن پاڪ جي مٿئين آيت بابت حضرت ابن مسعود ۽ مفسرن جي امام حضرت ابن عباس جو شاگرد حضرت مجاهد فرمائي ٿو ته: "لهو الحديث" مان مراد "ساز سرود" آهن. اهڙيءَ طرح حضرت عڪرمه، حضرت خراساني، حضرت واقدي، صاحبِ "ڪشاف" ۽ ٻين مفسرن به ان مان ساز سرود ۽ طبلا مراد ورتا آهن، ان ڪري هر قسم جو ساز وڄائڻ ۽ ٻُڌڻ حرام آهي.

حديث ۾ آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو:

"لاتصحب الملائكة رفقة فيها كلب ولاجرس"

(جنهن گهر ۾ ڪُتو يا گهنڊ هوندو ته ان گهر ۾ رحمت جا ملائڪ نه ايندا آهن).

ٻئي حديث شريف ۾ آهي: "الجرس مزامير الشيطان"

(ڇڙو يا گهنڊ وڄائڻ به شيطاني ساز آهي).

تنهن ڪري ڍُهل، طبلا، تنبورا وغيره وڄائڻ شريعت مطهره ۾ حرام آهن.

"فقه" جي معتبر ڪتاب "فتاويٰ قاضي خان" ۾ آهي ته:

استماع صوت الملاهي حرام ومعصية لقوله ﷺ استماع الملاهي معصية والجلوس عليها فسق والتلذذ بها من الكفر انما زالک علي الشديد وان سمع بغتة فلااثم عليه ويجب عليه ان يجهد كل الجهد حتي سمعها لما روي ان رسول الله ﷺ ادخل اصبعيه اذنيه

(ساز ۽ سرود ٻُڌڻ حرام ۽ گناهه آهي، ڇو ته الله جي رسول ﷺ فرمايو آهي ته ساز ۽ سرود ٻُڌڻ حرام آهي ۽ اهڙي محفل ۾ ويهڻ گناهه آهي ۽ ان مان لذت حاصل ڪرڻ ڪفر آهي، پر جيڪڏهن ساز سرودن جو آواز اچانڪ ڪنن تي پهچي وڃي ته گناهه ڪونهي، پر لازم آهي ته اهڙي محفل کان پري رهجي ته جيئن انهن جو آواز ٻُڌي نه سگهي، ڇو ته هڪ ڀيري حضور ﷺ جن اصحابن سڳورن جي سَٿ ۾ وڃي رهيا هئا ته اچانڪ سندن ڪنن مبارڪن تي ساز سرودن جو آواز پيو ۽ پاڻ پنهنجيون آڱريون مبارڪ ڪنن ۾ وڌائون. جڏهن پاڻ گهڻو

www.maktabah.org

اڳتي نڪري ويا ته اصحابن سڀني کان پڇيائون، هاڻ سازن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو؟ جواب ڏنائون ته نه. اِن کان پوءِ حضور ﷺ جن پنهنجيون آڱريون مبارڪ ڪنن مان ڪڍيون).

✪ اي عزيز، مشائخن سڀني فرمايو آهي ته جيڪو شخص پنهنجي ڪنن سان توجهه ڏيئي ساز سرود ٻڌي ٿو ته قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ لوهي سيخون تپائي وڌيون وينديون ۽ اهو هميشه ان عذاب ۾ مبتلا رهندو.

✪ بنا سازن جي راڳ ڪرڻ، ڪافيون چوڻ ۽ اهڙا مولود پڙهڻ، جن ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو ذڪر، نبين، ولين ۽ صالحن جي مدح ۽ تعريف هجي، جائز آهي.

✪ حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي فرمايو آهي ته عالمن جو "دف" وڄائڻ جي مسئلي ۾ اختلاف آهي، ڪن مباح مطلق چيو آهي ته ڪن مڪروهه "لامطق" چيو آهي.

✪ مولانا عبدالحي صاحب لکنوي "شرح وقايه" هيٺ لکيو آهي ته راڳ ڪرڻ حرام ناهي، بلڪ راڳ جي حرمت جو سبب غير شرعي اوزارن ۽ ساز سرودن جو هجڻ آهي، جيئن سارنگي، طبلہ، ستار، نڙ يا ڍهل وغيره باقي دف جي اجازت ضرور آهي، پر جيڪڏهن دف وڄائڻ جي ڪري ڪنهن شخص کي نفساني ۽ شهواني خيال وارد ٿين يا ڪي ٻيا غير شرعي فساد پيدا ٿين ته پوءِ دف وڄائڻ کان به پاسو ڪجي ته بهتر آهي. جيئن اڄ جي پرفتن دؤر ۾ ماڻهن جا حال ڏسڻ ۾ ٿا اچن.

✪ حضرت بابرڪت عارف معارف، صاحب العلم صوري ومعنوي، جناب پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي ملفوظات شريف ۾ نقل آهي ته هيڪر حضرت پير سائين جن قلعه جيسلمير کان ٽيهه ڪوهه اُپرندي طرف ريگستان جي مڪان لاثي ۾ منزل انداز ٿيا هئا ۽ فقير به گهڻي پنڌ سبب ٿڪجي پيا هئا ۽ هڪڙي فقير ڪافي چئي ته پير سائين جن فرمايو ته: ڪو راڳي وٽي اچو ته راڳ ٻڌائي. فقيرن جواب ڏنو ته قبلا هڪ لنگهو آهي جيڪو تمام پيلو راڳ ڪندو آهي، پوءِ پير سائين جي طلبڻ تي اُهو لنگهو آيو، پر پاڻ سان سارنگي ڪنيو آيو. پير سائين جن فرمايو ته: اسان

www.maktabah.org

سارنگي سان گڏ راڳ نہ ٻُڌنداسون. ان لنگهي چيو تہ قبلا، سارنگي کان سواءِ راڳ نٿي سگهندو. مگر پير سائين جن اجازت نہ ڏني ۽ فرمايائون تہ: اهو غير شرعي ڪم آهي ۽ اسان ساز سان راڳ نہ ٻُڌنداسون، پوءِ بنا ساز جي ان شخص هڪ سنڌي ۽ ٻيو هندي ۾ بيت پڙهيو.

اي عزيز! تنهن ڪري هر مؤمن مسلمان لاءِ لازم آهي تہ راڳ رنگ جي محفلن ۽ غير شرعي ڪمن کان پاڻ بچائن، ڇو تہ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي نافرماني واري عيش کان آخرت جو عذاب ڏاڍو سخت ۽ خوفناڪ آهي. الله سائين پاڪ ڪلام ۾ فرمايو آهي تہ: " ۽ جنهن الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي نافرماني ڪئي ۽ ان جي حدن کان لنگهيو، اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو. ان ۾ هميشه رهندو ۽ ان لاءِ خواري وارو عذاب آهي". (سورت نساءِ آيت 14)

تنبوري جو مريد

اي عزيز، مٿي اهو بيان ٿي چڪو آهي تہ قرآن، حديث جي روشني ۾ هر قسم جا ساز سرود حرام آهن ۽ مرشدنا حضرت روضي ڌڻي قدس سره بہ سازن سرودن کان سخت نفرت ڪندا هئا. جيئن ملفوظات جي منڍ ۾ نقل آهي تہ پير سائين جي چند مريدن کي فقيرائڻ بيتن ٻُڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪڙي فقير خيال ڪيو تہ جيڪر هڪ تنبورو نهرائي ان سان راڳ ڪجي، پوءِ هڪ ڏينهن اُهي فقير حضرت پير سائين جن وٽ وينا هيا تہ هڪڙي ٻئي فقير پير سائين جن کي فتح محمد شاعر طرفان سلام ڏنا ۽ پيغام ڏنائين تہ: حضرتا، فتح محمد عرض ڪيو آهي تہ آئون درگاهہ جو مريد آهيان، هن ٻانهي کي پنهنجي توجهہ کان فيضياب فرمايو. (فتح محمد شاعر بہ هو ۽ سانڍس هڪ تنبورو بہ گڏ هوندو هيو، جنهن سان راڳ ڪندو هو). حضرت پير سائين روضي وارن ان فقير کي جواب ۾ فرمايو تہ فتح محمد اسان جو مريد نہ آهي بلڪہ تنبوري جو مريد آهي. اسان سان سندس ڪو لاڳاپو ڪونهي. انهيءَ ڪلام فيض انجام ٻُڌڻ بعد فقيرن جي دلين مان بہ تنبوري نهرائڻ جو خيال بلڪل نڪري ويو.

اي عزيز، صادق مريد جو ڪم آهي، ڪامل مرشد جي هدايت ۽

www.maktabah.org

حڪمن تي عمل ڪرڻ، جيڪو مريد سڏرائڻ باوجود مرشد جي طريقي جي اُبتڙ هلندو آهي، اُهو حقيقت ۾ پنهنجي ڳڇيءَ مان ڪامل مرشد سان نسبت ۽ مريديءَ وارو پٽو لاهي ڇڏيندو آهي.

حضرت روضي ڌڻي جي مريدن جو طريقو

عارفن جي امام حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جن جي طريقي ۾ هر قسم جي ساز ۽ خاص طرح ڍُهل وڄائڻ جي سخت منع آهي. اهوئي سبب آهي جو پير سائين جا سچا مريد انهيءَ بدترين بدعت کان بچيل آهن. اڳيان ويساهه وارا مريد ڍُهل جو آواز ٻڌي جهيڙي لاءِ به تيار ٿي ويندا هئا ۽ شرعي حڪم موجب "طاقت ۽ زبان" سان روڪڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيئن پير سائين جي ملفوظات ۾ آهي ته: هڪ ڏينهن حضرت روضي وارن جي خدمت ۾ ڪجهه ماڻهو آيا ۽ اچي دانهن ڏنائون ته سائين جن جا فلاڻا مريد جيڪي اسان سان گڏ وينل آهن، سي اسان سان شادين ۾ ڍُهل وڄائڻ تي جهيڙو ٿا ڪن. تنهن ڪري سائين جن ڪين حڪم فرمائن ته اسان سان جهيڙو نه ڪن. پاڻ فرمايائون ته اوهان سان جهيڙو نه ڪندا. تڏهن انهن وري عرض ڪيو ته سائين، انهن ڪي هي به سمجهايو ته اسان ڪي ڍُهلن وڄائڻ ڪان جهلن به نه .پاڻ فرمايائون ته اسين اوهان سان گناهه ۾ ڀائيوار ڪونه ٿينداسون، باقي هيترو سمجهائينداسون ته توهان سان جهيڙو نه ڪندا.

حضرت سلطان باهو جو فرمان

حضرت سلطان باهو رحمة الله عليه فرمائين ٿا ته: "جڏهن طالب الله جي پاڪ ذڪر ڏانهن رجوع ڪندو آهي ته پوءِ ان لاءِ ساز سرود ٻڌڻ ڪفر آهي، ڇو ته سرود اهل زنار ڪافرن جو طريقو آهي. جيڪي ٻُتن آڏو مندرن ۾ سرود ڪندا آهن، جن تي الله جي لعنت آهي. بلاشڪ سرود وارا لعنتي ۽ حق اليقين کان محروم هوندا آهن. پر ذڪر ڪرڻ وارو عارف جيڏانهن به ڪن ڪندو آهي ته ان کي اسم ذات "الله" کان سواءِ ڪجهه به ٻُڌڻ ۾ نه ايندو آهي، جيڪو "الله" جي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ۽ غرق آهي، ان کي "سُرود" جهڙي شيطاني ڪم سان ڪو سروڪار ناهي".

www.maktabah.org

دين ۽ دنيا جون رسمون

اي عزيز، هر مؤمن مسلمان لاءِ اهو ضروري آهي ته هو دين ۽ دنيا جي ريتن رسمن ۽ طور طريقن ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب كريم ﷺ جي تعليم ۽ تربيت كي پيش نظر ركي ۽ جن كمن ۽ رسمن كي شريعت مطهره مستحب، مباح ۽ جائز كيو آهي. انهن تي عمل كري ۽ جن شين كي شريعت مكروهه، ناجائز ۽ حرام كيو آهي، انهن كان نه رڳو پاڻ بچي، بلك پنهنجي اهل وعيال ۽ جيكي ماتحت آهن. انهن كي به بچائي. معاشرتي زندگي جي هر شعبي ۾ هر كم الله جي پاك كلام ۽ رسول الله ﷺ جن جي سنت پاك جي روشني ۾ ادا كيو وڃي نه ته رڳو دنياوي كاميابي حاصل ٿيندي، بلك آخرت جون ابدي نعمتون پڻ حاصل ٿينديون آهن. حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ فرمايو: "جنهن به مؤمن مسلمان اُمت جي فساد واري دؤر ۾ منهنجي هك به سنت كي زنده كيو (يعني ان تي عمل كيو) ته ان لاءِ هك سؤ شهيدن جو ثواب آهي" ۽ پاڻ كريمن عليه الصلواة والسلام اهو به فرمايو آهي ته "جنهن ماڻهو منهنجي سنت كان مُنهن موڙيو، اُهو منهنجي طريقي تي ناهي" تنهن كري اسان سيني مسلمانن ۽ خاص طرح خانقاهه حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جي مريدن كي هدايت ٿا كريون ته پنهنجي روز مره جي زندگي ۾ خوشي يا غمي جي هر موقعي تي دين اسلام ۽ شريعت مطهره جي دائري اندر رهي ريتون رسمون ادا كجن. حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره جي ملفوظات شريف جو مطالعو كيو ته اوهان كي معلوم ٿيندو ته سندن سموري زندگي شريعت محمدي عليٰ صاحبهاالصلواة والسلام جي متابعت ۾ گذري ۽ پاڻ جماعت كي به هر موقعي تي شريعت پاك جي تبليغ ۽ شريعت تي عمل جي تلقين كندا رهيا. اسان به هن كتاب ۾ عام مسلمانن جي ڀلائي ۽ رهنمائي لاءِ روزانو جي زندگي ۾ پيش ايندڙ نيكي ۽ برائي جي كمن جو ذكر كيون ٿا ته جيئن حضرت محبوب محمد كريم ﷺ جن جا اُمتي انهن ڳالهين ۽ مسئلن تي عمل كري دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو ٿين. (بتوفيق الله تعاليٰ)

www.maktabah.org

مستحب ۽ مڪروهه شين جو بيان

❀ ڪاڌي پيتي ڪان اڳ هر سُني ۽ جائز ڪم شروع ڪرڻ وقت ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ مهل "بسم الله شريف" پڙهڻ سنت آهي.

❀ ساڄي هٿ جي (گهٽ ۾ گهٽ) ٽن آڱرين سان کاڌو کائڻ سنت آهي.

❀ گهٽن ماڻهن جي عادت هوندي آهي جو تمام گهڻي ماني کائڻ بعد زور سان اوڳرايون ڏيندا آهن، اهو مڪروهه آهي. ترمذي شريف ۾ حديث آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن هڪ شخص جي وڏي آواز سان اوڳرائين ڪي ٻُڌي فرمايو ته "قيامت جي ڏينهن وڌيڪ بکايل اُهو شخص هوندو، جيڪو دنيا ۾ وڌيڪ پيٽ ڀريندو هوندو".

❀ ڪاڌي جي حلال شين مان عيب نه ڪڍڻ گهرجي.

❀ سڙي ويل گوشت کائڻ حرام آهي.

❀ ماني کي ڇري سان ٽڪرا ڪري کائڻ نصارن جو طريقو آهي.

❀ فرش تي ويهي ماني کائڻ سنت آهي.

❀ پاڻي، بسم الله ڪري پيئڻ، ويهي پيئڻ، ٽن ساهن ۾ پيئڻ ۽ آخر ۾ الحمدلله چوڻ سنت آهي.

❀ هٿ جي ٻڪ ۾ پاڻي پيئڻ سنت آهي. "ابن ماجه" ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور ڪريم ﷺ فرمايو "حضرت عيسيٰ عليه السلام جا برتن سندس هٿ هيا، وٽس فقط هڪ پيالو هو، اُهو به دنيا جو سامان سمجهي اُڇلائي ڇڏيائين. تنهن ڪري هٿن کان وڌيڪ پاڪ برتن ٻيو ڪونهي".

❀ پاڻي، لوڻ ۽ باهه ڪنهن کان به روڪڻ نه گهرجي، ڇو ته "ابن ماجه" شريف ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي ته "جيڪڏهن ڪنهن ڪاڌي وغيره لاءِ پاڙيسري کي باهه ڏني، ان ڄڻ اُهو سڄو ڪاڌو خيرات ڪيو، جيڪو ان باهه سان پچايو ويو، جنهن ڪنهن کي بنا معاوضي لوڻ ڏنو، ڄڻ ان اُهو سڄو ڪاڌو صدقو ڪيو، جيڪو ان لوڻ مان ٺاهيو ويندو، جنهن ڪنهن مسلمان کي پاڻي پياريو، جتي پاڻي ملي ٿو ته ڄڻ ان هڪ ٻانهو آزاد ڪيو،

www.maktabah.org

پر جتي پاڻي نٿو ملي، اُتي ڪنهن مسلمان کي پاڻي پياريائين، ڄڻ اُن ڪنهن بي جان کي زندگي بخشيائين“.

❀ وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زم زم بيهي پيئڻ گهرجي، باقي پاڻي ويهي پيئڻ گهرجي.

❀ مسلمان مرد لاءِ سڀ کان بهترين لباس ”سفيد“ (اڇو) آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته” سفيد لباس پائيندا ڪيو، بيشڪ اهو پاڪ لباس آهي ۽ مُردن کي ڪفن به سفيد لباس ۾ ڏيو“.

❀ سفيد دستار ٻڌڻ سنت آهي ،پر دستار هيٺان ٽوپي ضرور پائڻ گهرجي ڇو ته ترمذي شريف ۾ حديث آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو ”اسان ۽ مشرڪن جي پٽڪن ۾ اهو فرق آهي جو اسان دستار ٽوپي مٿان ٻڌندا آهيون ۽ مشرڪ بنا ٽوپي جي پٽڪو ٻڌندا آهن“ ۽ ان دستار جو ترهو پٺي تي ٻنهي ڪُلهن جي وچ تي ايترو لڙڪائڻ گهرجي، جو ويهڻ سان زمين کي نه لڳي، گهڻا ماڻهو دستار جو پويون ترهو نه ڏيندا آهن، اهو مڪروهه آهي ۽ سنت جي خلاف آهي.

❀ مرد کي سون ۽ ريشمي ڪپڙن جو استعمال حرام آهي.

❀ عورت کي سون ۽ ريشم جي اجازت آهي.

❀ مرد فقط چانديءَ جي هڪ منڊي استعمال ڪري سگهي ٿو، جيڪا وزن ۾ ساڍن چئن ماسن کان گهٽ هجي.

❀ لوهه، پتل، ٽامي يا جست جون منڊيون پائڻ مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ ناجائز آهن.

❀ ريشمي مصلي تي نماز پڙهڻ جائز آهي.

❀ مرد کي ڳچيءَ ۾ يا هٿ ۾ سون چاندي يا لوهه وغيره جي زنجير پائڻ جائز ناهي.

❀ شلوار قميص پائڻ بهتر لباس آهي.

❀ اڄ ڪلهه ڪارو لباس سوڳ ۽ غم جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو، تنهن ڪري ڪارو لباس نه پائڻ گهرجي.

❀ ٻئي جي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اجازت گهرڻ ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ بعد

www.maktabah.org

سلام ڪرڻ ضروري آهي.

❀ هٿ جي اشاري يا آڱرين سان سلام جو جواب ڏيڻ يهودين جو طريقو آهي.

❀ السلام عليڪم جي بجاءِ، هاءِ، آداب يا اهڙا لفظ چوڻ سنت جي خلاف آهن.

❀ ياڪر پائي ملڻ مسنون آهي. حديث شريف ۾ آهي ته" ٻه مسلمان جڏهن ياڪر پائي خوش ٿي ملندا آهن ته ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان اڳ انهن جي بخشش ٿي ويندي آهي".

❀ ماءُ پيءُ استاد ۽ عالم دين يا مرشد کي پيرين پئي ملڻ ۽ سندن هٿ چُمڻ جائز آهي.

❀ ملڻ وقت ٻئي هٿ ڏيڻ سنت آهي. هڪ هٿ ڏيڻ مڪروه آهي.

❀ پنج وقت نمازون ۽ عيدن کان پوءِ هڪ ٻئي سان ياڪر پائي ملڻ ۽ هٿ ڏيڻ مستحب آهي.

❀ دنياوي مسئلن جي ڪري مسلمان ڀائرن ۽ عزيزن سان جهڳڙو ڪرڻ، گاريون ڏيڻ ۽ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ عرصي تائين نه ڳالهائڻ حرام آهي. ابو دائود شريف ۾ روايت آهي ته "ڪنهن مسلمان لاءِ اهو حلال ناهي ته هو پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ڪاوڙ ڪري، پوءِ جيڪو ٽن ڏينهن کان وڌيڪ عرصي تائين مسلمان ڀاءُ سان نٿو ڳالهائي ته اُهو جهنمي آهي".

❀ انسان کي ڇڪ يا نڇ الله جي طرفان ايندي آهي، تنهن ڪري ڪيس "الحمدلله" چوڻ گهرجي ۽ ٻئي مسلمان کي "يرحمڪ الله" چوڻ گهرجي.

❀ اوٻاسي شيطان جي طرفان هوندي آهي، تنهن ڪري اوٻاسي وقت ساڄي هٿ جي تري يا ڪاٻي هٿ جي پٺي وات تي ڏجي ۽ "لاحول ولا قوة الابالله العلي العظيم" پڙهڻ گهرجي.

❀ ڪنهن بيمار جي طبع پرسي، عيادت ۽ خدمت ڪرڻ ثواب آهي.

❀ انسان جي "نظر" حق آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي نظر لڳي ته پوءِ ان تي قرآني سورتن يا وظيفن جو دم ڪرائڻ جائز آهي.

❀ مرض، بيماري جو علاج ڪرائڻ سنت آهي، پر حرام شين دوا طور استعمال ڪرڻ ناجائز آهن، ڇو ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته:

www.maktabah.org

حرام شين ۾ شفا نہ هوندي آهي.

❀ ماکيءَ ۽ کلونجي کي گڏي، هر مرض لاءِ استعمال ڪرڻ سنت آهي.

❀ شطرنج، چوسر ۽ ٻيون اهڙيون رانديون ڪرڻ ناجائز آهن، جن ۾ دين ۽ دنيا جو ڪو فائدو ناهي، بلڪہ الله جي ياد کان غفلت ۽ وقت جي زيان جو ذريعو آهن.

❀ فقط گهوڙي سواري، تيز اندازي ۽ پاڻي ۾ ترڻ سکڻ جائز آهن.

❀ جانور ۽ پکي پاڻ ۾ وڙهائڻ، مثال طور: ڪڪڙن جي ويڙهہ، رڇ ڪُتي کي ويڙهائڻ، تتر وڙهائڻ وغيره شريعت ۾ سخت حرام آهن ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ تباهي ۽ عذاب جو ذريعو آهن.

❀ مٽن مائٽن، عزيزن، قريبن، دوستن ۽ احبابن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ضروري آهي. مستدرڪ حاڪم جي حديث ۾ حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ " جنهن ماڻهو کي هي ڳالهہ پسند آهي تہ ان جي عمر ڊگهي ٿئي، رزق روزي ۾ ڪشادگي ۽ برڪت پئي ۽ سڪرات سولي ٿئي تہ ان کي گهرجي تہ مٽن مائٽن ۽ عزيزن سان سهڻو سلوڪ ڪري".

❀ پاڙي وارن کي ايذائڻ، تنگ ڪرڻ، حق تلفي ڪرڻ حرام آهي، مسلم شريف ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ "اهو شخص هرگز جنت ۾ نہ ويندو، جيڪو پاڙيسري کي تڪليف ۽ اذيت پهچائي ٿو".

❀ نيڪن صالحن جي صحبت ۾ رهڻ ثواب ۽ برن جي صحبت ۾ رهڻ عذاب آهي.

❀ خراب عقيدن ۽ عملن وارن ماڻهن سان محبت رکڻ ۽ صحبت اختيار ڪرڻ، الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي ناراض ڪرڻ آهي.

❀ مُڇون ننڍيون رکڻ ۽ ڏاڙهي مُٺ برابر رکڻ سنت آهي.

❀ ڏاڙهي مان سفيد (اڇا) وار چونڊي ڪڍڻ مڪروهہ آهي، ابو دائود شريف جي روايت آهي تہ حضور پاڪ ﷺ فرمايو: اڇو وار نُور آهي، ان کي نہ پٽيو.

❀ بغلن جا وار، زيرناف جا وار، هٿن پيرن جا نُنهن، مڇن جا وار گهٽ ۾ گهٽ هر هفتي ۽ وڌ ۾ وڌ چاليهہ ڏينهن اندر ڪٽڻ گهرجن.

www.maktabah.org

❀ تڙ جي حالت ۾ وار پٽڻ يا ننهن لاهڻ مڪروهه آهي.
❀ ڏاڙهي رکڻ حضور ﷺ جي سنت آهي ۽ ڏاڙهي تي ٺوڪ يا ٺلول ڪرڻ حرام آهي.
❀ رات جو سرمه جون ٽي ڪانيون يا سرائيون پائڻ سنت آهي.
❀ عورت ڪي هٿن ۽ ننهن تي ميندي لڳائڻ جائز آهي، پر مرد ڪي مٿي ۽ ڏاڙهي جي وارن کان سواءِ هٿن پيرن تي ميندي لڳائڻ ناجائز آهي.
❀ اڄڪلهه جي دؤر ۾ عورتون هٿن پيرن جي ننهن تي يا چپن تي ڳاڙهو رنگ لڳائين ٿيون، جيڪو ته ڪري جمي ويندو آهي، ان سان وضو ۽ غسل نٿو لهي، تنهن ڪري اهڙو رنگ نه لڳائجي.
❀ ڏاڙهي يا مٿي جي وارن کي ڪارو خضاب ڪرڻ حرام آهي. ابو دائود ۽ نسائي شريف ۾ حديث آهي ته حضور ﷺ فرمايو "آخري دؤر ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي ڪارو خضاب استعمال ڪندا ۽ اُهي جنت جي خوشبوءِ به نه لهندا". هڪ ٻئي حديث ۾ آهي ته ڏاڙهي ۽ مٿي لاءِ سڀ کان ڀلي ميندي ۽ ڪَتم (ميندي جو قسم) جو استعمال حضرت ابراهيم عليه السلام ڪيو ۽ سڀ کان پهريان ڪارو خضاب فرعون استعمال ڪيو.
❀ گهر ۾ ساهه دار شين جون تصويرون لڳائڻ جائز ناهن، البته غير ساهه دار شين جون تصويرون لڳائي سگهجن ٿيون.
❀ حلال رزق ڪمائڻ فرض آهي ۽ حلال روزي جي حصول لاءِ محنت ڪرڻ ثواب آهي، ايترو ڪمائڻ جو ان سان پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي گهر ٻارن جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي.
❀ حلال واپار ڪرڻ به سنت آهي ۽ ماپ تور ۾ گهٽائي ڏيڻ حرام آهي.
❀ عورتون گهر ۾ ڪپڙي لٽي جي سلائي وغيره جو ڪم ڪار ۽ خريد وفروخت جو ڪم ڪري سگهن ٿيون.
❀ حرام ظلم ۽ ناجائز طريقي سان هڪ درهم ڪمائڻ ۽ هڪ گرهه کائڻ سان، چاليهه ڏينهن دُعا ۽ عبادت قبول نه ٿيندي آهي.
❀ بي تحاشا مال ۽ ملڪيت هوندي زڪوات نه ڏيڻ، صدقات خيرات نه ڪرڻ، پاڙيسري، مسڪينن، يتيمن ۽ مظلومن جي مدد نه ڪرڻ حرام آهي ۽ مال

www.maktabah.org

ملڪيت جي تباهي ۽ زوال جو سبب آهي.

❀ ظاهر ظهور برائي، بي حيائي، ظلم ۽ ناانصافي ۽ ناجائز ڪمن کي طاقت سان روڪڻ ڪامل ايمان جي نشاني آهي ۽ زبان سان روڪڻ وچٿري ايمان جي نشاني آهي ۽ فقط دل ۾ انهن ڪمن کي خراب سمجهڻ ضعيف ۽ ڪمزور ايمان جي نشاني آهي.

❀ قبرن جي زيارت لاءِ وڃڻ جائز ۽ سنت آهي، مسلم شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: آئون توهان کي قبرن جي زيارتن ڪرڻ کان پهريان منع ڪندو هيس، پر هاڻي اجازت ٿو ڏيان ته قبرن جي زيارت ڪرڻ يلي وڃو.

❀ حضور پاڪ ﷺ جن احد جي شهيدن جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ دعائون گهرندا هئا.

❀ سومر، اربع، جمع جي ڏينهن، شب برات، شب قدر، ٻنهي عيدن جي ڏينهن، محرم ۽ ذوالحج جي عشرن ۾، قبرستان وڃڻ ۽ ايصال ثواب لاءِ دعائون گهرڻ مستحب آهي.

❀ ماءُ پيءُ، عزيزن قريبن، استاد ۽ مرشد يا الله جي ڪنهن نيڪ صالح ٻانهي جي قبر جي زيارت ۽ ايصال ثواب لاءِ وڃڻ جائز آهي.

❀ عورتن جو بنا پردي ۽ ڪنهن محرم مرد کان سواءِ قبرستان وڃڻ ناجائز آهي، پر پردي سان ۽ اهڙي ماڻهن سان گڏ وڃڻ جائز آهي، جنهن سان ان جو نڪاح ڪرڻ حرام آهي.

❀ قبرن تي ويهڻ، قبرن کي زور ڏيڻ، قبرن تي پير رکڻ، قبرن کي سجدو ڪرڻ ۽ قبرن جي چوڌاري طواف ڪرڻ ۽ عورتن جو قبرن تي يا ميت تي روڄ راڙو ڪرڻ يا پار ڪڍڻ حرام آهي.

❀ زيارت جو مستحب طريقو هي آهي ته قبر جي پيراندي کان بيهي "السلام عليڪم" چئجي ۽ پوءِ بيهي يا ويهي قرآن پاڪ، سورة ياسين يا قل شريف ۽ فاتحه پڙهي، ان جو ثواب قبر واري کي پهچائڻ لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرجي.

❀ قبر جي مٽي يا خاڪ کائڻ حرام آهي.

www.maktabah.org

❀ قبرستان ۾ ميلو ملاکڙو لڳائڻ، راند روند ڪرڻ يا ڪوبہ غير شرعي ڪم حرام آهي.
❀ ميت جي ايصال ثواب لاءِ خيراتون ڪرڻ، قرآن خواني ڪرڻ، مسجد ٺهرائڻ، غريب، مسڪين، يتيم ۽ بيواهہ جي مدد ڪرڻ افضل نيڪيون آهن.
❀ قبرستان ۾ بنا ضرورت سڄو ڏينهن ويهي رهڻ، ڪچهريون ڪرڻ، اجائي محفل قائم ڪرڻ ناجائز آهي.
❀ ڪنهن بہ قبر پرسان گذرڻ مهل، ڪجهہ گهڙيون ويهي قُل شريف پڙهي انهن لاءِ دعا گهرڻ مستحب آهي.
❀ جانورن ۽ پکين کي بنا سبب مارڻ ناجائز آهي.
❀ مال ڌارڻ ۽ چارڻ سنت آهي، خاص ڪري ٻڪريون ڌارڻ سنت ۽ برڪت جو سبب آهي.
❀ مال، سون، چاندي ۽ پئسا شرعي مقدار تي پورا ٿين تہ زڪوات ڏيڻ فرض آهي.
❀ غير مسلم هندن، ڪافرن جي مذهبي ريتن رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ ناجائز آهي.
❀ ڪافر، مشرڪ يا بدعتي، بي دين جي تعظيم ڪرڻ ناجائز آهي.
❀ اسلامي عبادتن، اسلامي رسمن ۽ الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب نبي ﷺ سان تعلق ۽ نسبت رکندڙ ڪنهن بہ شيءِ تي ٽوڪ ٺٺول ۽ تذليل ڪرڻ حرام ۽ ڪفر آهي.
❀ الله جي پاڪ ڪلام، الله جي نبين، محبوب ڪريم ﷺ جي اصحابن سڳورن، اهل بيت ڪرام ۽ ازواج مطهرات جي توهين ۽ تنقيص ڪرڻ ڪفر آهي.
❀ الله تعاليٰ جي دوستن ۽ ڪامل ولين جي پاڪ تعليم ۽ طريقي جي مخالفت ڪرڻ بي ديني آهي.
❀ ربيع الاول شريف جي مهيني ۾، حضور نبي ڪريم ﷺ جن جو (ميلاد) عرس شريف ڪرڻ جائز ۽ باعث خيروبرڪت آهي ۽ ربيع الاخر ۾ حضرت

www.maktabah.org

غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سره جي يارهين شريف ڪرڻ به جائز آهي.

❀ ٻارن جي ڄمڻ بعد، ستين ڏينهن سندس مٿو ڪوڙڻ، نالو رکڻ ۽ عقيقو ڪرڻ سنت آهي. ٻار جي وارن جي وزن برابر چانديءَ خيرات ڪجي، جيڪڏهن ڇوڪرو آهي ته عقيقي ۾ به ٻڪر ۽ ڇوڪري آهي ته هڪ ٻڪر قربان ڪجي.

❀ جهالت سببان گهڻا ماڻهو ڪنهن غير شادي شده نوجوان جي وفات بعد ان جي هٿن پيرن کي مينديءَ هڻندا آهن، اهو سخت حرام آهي.

قرض ڏيڻ ۽ وٺڻ

اي عزيز، انسان تي ڪڏهن اچانڪ ڏکيو وقت اچي ويندو آهي ۽ مالي حالت تنگ هجڻ ڪري، اُهو ڪنهن مالدار کان قرض گهرندو آهي ۽ مالدار تي لازم آهي ته هو مسلمان ڀاءُ جي ڏکئي وقت ۾ امداد ڪري يا ان کي قرض ڏئي ڇڏي ۽ وٺڻ واري لاءِ به ضروري آهي ته هو قرض وٺڻ ۽ واپس ڏيڻ وقت ان جو شڪريو ادا ڪري.

❀ قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي ته جڏهن به هڪ ٻئي کي قرض ڏيو ته ان کي باقاعدي لکي ڇڏيو.

❀ قرض ڏيڻ واري لاءِ مستحب آهي ته هو قرض جي رقم يا شيءِ واپس وٺڻ ۾ ڪجهه دير ڪري ۽ قرض واپس وٺڻ جي معاملي ۾ مقروض تي نرمي ڪري.

❀ قرض ڏيڻ واري جيڪڏهن مقروض کان ڪجهه رقم وڌائي ورتي ته پوءِ اهو وياج آهي ۽ حرام آهي، ڇو ته قرض ۾ جيتري شيءِ وٺبي آهي، اوتري ئي واپس ڪبي آهي.

❀ بنا ضرورت، عيش پرستي يا فضوليات ۽ اسراف لاءِ قرض وٺڻ جائز ناهي.

❀ حضور پاڪ ﷺ فرمائين ٿا ته جنهن کي هي ڳالهه پسند هجي ته الله تعاليٰ ان کي قيامت جي سختين مان ڇوٽڪارو ڏئي ته ان کي گهرجي ته تنگ دست قرضي کي مهلت ڏئي يا ان کي معاف ڪري ڇڏي.

❀ هڪ ڀيري حضور نبي پاڪ ﷺ مسجد ۾ ابو امامه وٽ ويا ته ڪيس

www.maktabah.org

غمگين ڏٺائون، جنهن عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ ،آئون قرضن ۾ ڦاسي ويو آهيان؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: اي ابو امامه توکي اهڙي دعا ٿو سيکاريان، جنهن کي صبح ۽ شام پڙهندو ڪر، تنهنجا سيئي قرض الله تعاليٰ لاهي ڇڏيندو، اُها دعا هي آهي:

اللهم اني اعوذ بک من الهم والحزن واعوذ بک من العجز والکسل واعوذ بک من الجبن والبخل واعوذ بک من غلبة الدين وقهر الرجال.

پرايو مال ڦٻائڻ

حضرت سعد بن زيد رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو "جيڪو ماڻهو ڪنهن جي هڪ گرانٽ زمين تي قبضو ڪندو يا ڦٻائيندو ته قيامت جي ڏينهن ان کي ڪنڌ ۾ ستن زمينن جو طوق پارايو ويندو".

شراب ۽ نشو ڪرڻ

اي عزيز، اڄ جي دؤر ۾ "شراب نوشي" هڪ رسم ۽ عام رواجي ڳالهه بنجي چڪي آهي ۽ ماڻهو شراب ۾ ڪاهي پيا آهن. دين اسلام ۾ "شراب پيئڻ" سخت حرام ۽ ڪبيره گناهه آهي. شراب پيئڻ سان انسان مان حيا، غيرت ۽ شرافت نڪري ويندي آهي، دنيا ۾ تباهي ۽ قبر ۾ سخت عذاب ۽ آخرت ۾ رسوائي ۽ خواري وارو عذاب ملندو آهي.

❀ حضور عليه الصلوة والسلام فرمايو "جنهن دنيا ۾ شراب پيتو، ان کي الله تعاليٰ جهنم ۾ نانگن جو تهڪندڙ زهر پياريندو، جنهن جي پيئڻ سان ان جي جسم جو گوشت ڳري ويندو".

❀ حضور عليه الصلوة والسلام فرمايو: "شراب ٺاهيندڙ، شراب وڪڻندڙ، شراب کي کڻي ايندڙ، شراب پياريندڙ ۽ شراب پيئندڙ ان گناهه ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ سيني تي الله ۽ ملائڪن جي لعنت آهي".

❀ الله تعاليٰ شراب جي عادي ماڻهو جي نه نماز قبول ڪندو آهي، نه روزو نه حج ۽ نه خيرخيرات، جيڪڏهن شرابي شراب جي حالت ۾ مري ويو ۽ شراب

www.maktabah.org

کان توبهہ تائب نہ ٿيو تہ اُهو جهنمي آهي ۽ جهنم ۾ ان کي بدبودار ٿڪندڙ پوڻ ۽ پياري ويندي، جنهن جي بدبوءِ کان جهنم وارا بہ پناهہ گهرندا.

❀ حضور پاڪ ﷺ فرمايو: "هر اُها شيءِ جنهن ۾ نشو آهي ۽ عقل کي ختم ڪندڙ آهي سا حرام آهي" تنهن ڪري شراب، ڀنگ، چرس ۽ آفيم وغيره بہ حرام آهن".

❀ حضور عليه الصلواة والسلام فرمايو: شراب ۽ ايمان، هڪڙي سيني ۾ گڏ نٿا ٿي سگهن، تنهن ڪري شراب کان بچو جيڪا سيني برائين جي پاڙ (ام الخبائث) آهي.

❀ شب قدر يا شب برات جهڙين ڀلارين راتين ۾، الله تعاليٰ هر قسم جي ڏوهارين ۽ گناهگارن کي بخشي ڇڏيندو آهي، پر ماءُ پيءُ جي نافرمان، قطع تعلق ڪندڙ ۽ شرابي کي نہ بخشيندو آهي.

❀ شرابي جڏهن شراب جو پيالو وات جي ويجهو آڻيندو آهي تہ ان جي جسم مان ايمان الوداع ڪري ويندو آهي.

اي عزيز، تنهن ڪري الله جي محبوب نبي ﷺ تي ڪلمہ پڙهڻ وارن مسلمانن کي (۽ خاص ڪري پير سائين جي مريدن کي) عرض ٿو ڪجي تہ ان بي حيائي جي ڪم کان باز اچو، سچي دل سان توبهہ تائب ٿيو تہ الله تعاليٰ جي رحمت تمام ڪشادي آهي. جڏهن ٻانهو ڪنهن بہ گناهہ جي ڪم کان سچي توبهہ ڪري، ان کي ڇڏي ڏيندو آهي ۽ محبوب نبي ﷺ جو وسيلو وٺي رب کان معافي گهرندو آهي تہ الله تعاليٰ بہ ان کي معاف ڪري ڇڏيندو آهي.

بي برڪتي ۽ مصيبتن جا سبب

اي عزيز، اڄ جي دور ۾ عام طرح ماڻهو پنهنجي گهر ۾ بي برڪتي، مصيبتن، پريشانين، جنات، آفتن ۽ بيمارين جي شڪايت ڪندا آهن. ان لاءِ ڄاڻڻ گهرجي تہ اسان جو ايمان آهي تہ نفعي ۽ نقصان جي چاٻي رب ڪريم جي دست قدرت ۾ آهي. مگر الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو تہ توهان کي جيڪي پريشانيون پهچن ٿيون، اُهي توهان جي ئي عملن جي ڪري هونديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن جا عمل الله ۽ ان جي محبوب نبي ﷺ جي تعليم

www.maktabah.org

مطابق آهن ته، الله تعاليٰ ان کي دنيا ۽ آخرت جون خوشيون ۽ برڪتون عطا ڪندو آهي ۽ جنهن جا اعمال الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي تعليم ۽ طريقي جي برخلاف آهن ته، يقيناً اهو دنيا ۽ آخرت ۾ پريشان ۽ مصيبت زده رهندو. جنهن به مسلمان جي گهر ۾ نه نماز، نه ذڪر هوندو، نه قرآن جي تلاوت هوندي ته يقيناً اهو گهر ويران ۽ اُجڙيل هوندو آهي.

هتي اسان ڪجهه اهڙن ڪمن جو ذڪر ڪيون ٿا. جيڪي عام طور هر گهر ۾ ۽ هر ماڻهو هتان ٿيندا آهن ۽ اهي برڪتن ۽ رحمتن جي زوال جو سبب بڻجندا آهن:

(1) ڪوڙ ڳالهائڻ (2) گلا ڪرڻ (3) ڪوڙا قسم کڻڻ (4) ترڪ جي حالت ۾ ڪاڏو ڪائڻ (5) رات جو گهر ۾ ٻهارو ڏيڻ (6) ڏندن سان نهن ڪٽڻ (7) ماءُ پيءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ (8) ٻڳل ڪَنگو، ڦٽي استعمال ڪرڻ (9) ماءُ پيءُ جو نالو وٺي سڏ ڪرڻ (10) ننڍن ٻارن تي رحم ۽ شفقت نه ڪرڻ (11) وڏن جو ادب نه ڪرڻ (12) ٻارن ۽ ڀيڻن جو حياءُ نه ڪرڻ (13) اولاد جي سُٺي تعليم ۽ تربيت نه ڪرڻ (14) ماني کان پوءِ برتن صاف نه ڪرڻ (15) گهر ۾ صفائي جو خيال نه رکڻ (16) گهر مان ڪوريئڙن جو ڄار صاف نه ڪرڻ (17) گهر ۾ گارگند ڪرڻ (18) سج اُڀرڻ کان پوءِ به ننڊ ڪرڻ (19) فجر نماز لاءِ نه اُٿڻ (20) خيرات لاءِ آيل مسڪينن کي گاريون ڏيڻ (21) گهر ۾ ساز سرود وڄائڻ يا ٻڌڻ (22) دنيا جي مسئلن سبب مٽن مائٽن سان تعلق ختم ڪرڻ (23) چاليهه ڏينهن تائين سنوارت نه ڪرڻ (24) امانت ۾ خيانت ڪرڻ (25) زڪوات نه ڏيڻ (26) گهر ۾ قرآن جي تلاوت نه ڪرڻ (27) عورتن جو بي پردگيءَ سان گهمڻ (28) عورتن جو ڏاڙين مردن سان ڳالهائڻ (29) گهر ۾ عورتن جو مٽي اگهاڙو ٿي ڪم ڪار ڪرڻ (30) عورت جو هار سينگار ڪري، ڏاڙين مردن آڏو بي پردگي سان گهمڻ (31) وهنجڻ واري جڳهه تي پيشاب ڪرڻ (32) جاڳي واٽي نماز قضا ڪرڻ (33) مسجد ۾ اچي دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ (34) قبلي شريف ڏانهن مُنهن ڪري ٿڪ اُڇلائڻ يا پيشاب ۽ پائخانو ڪرڻ (35) وضو دوران دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ (36) مهمان جي اچڻ تي خوش نه ٿيڻ ۽ مهمان جي خدمت نه ڪرڻ (37) رستي يا ماڻهن جي ويهڻ واري جاءِ تي

www.maktabah.org

پيشاب ڪرڻ (38) بالغ نياڻيون گهڻو وقت گهر ۾ ويهارڻ (39) ظلم ڪرڻ (40) چغلي هڻن (41) هر قسم جو نشو ڪرڻ (42) استاد، ماءُ پيءُ يا مرشد جي نصيحتن تي عمل نه ڪرڻ (43) هر چڱي ڪم کان اڳ بسم الله شريف نه پڙهڻ (44) فوتگيءَ تي روڄ راڙو ڪرڻ ۽ پار ڪڍڻ (45) نوجوانن جو گهر ۾ غير اخلاقي مواد پڙهڻ يا ڏسڻ. اهي سڀئي اهڙيون شيون آهن، جن جي ڪري گهر ۾ مصيبتون، پريشانيون، بيماريون ۽ آفتون ديرو ڪنديون آهن، تنهن ڪري مؤمن مسلمانن کي گهرجي ته مٿين ڳالهين کان پاسو ڪن.

گهر ۾ رحمتن ۽ برڪتن جا ذريعا

(1) پنج وقت نماز پابندي سان پڙهڻ (2) فجر مهل ۽ سانجهيءَ کان پوءِ (قادري طريقي جو) ذڪر ڪرڻ (3) گهر ۾ صبح جو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ (4) اولاد کي قرآن ۽ سنت جي تعليم ڏيارڻ (5) گهرو ماحول کي بي حيائي ۽ فحاشي کان بچائڻ (6) حال مطابق صدقو ۽ خيرات ڪرڻ (7) سائل کي خالي نه موٽائڻ (8) عورتن جو نماز ۽ ذڪر جي پابندي ڪرڻ (9) اولاد کي سهڻا اخلاق سيکارڻ (10) گهر ۾ مٿو اُگهاڙو ڪري، بي پردگي سان نه هلڻ (11) ننڍن وڏن کي تسبيح، ذڪر ۽ درود شريف پڙهڻ جي تلقين ڪرڻ (12) پاڙيسرين کي نه ايذائڻ (13) مٽن مائٽن سان بغض، حسد ۽ ساڙ نه ڪرڻ.

جهنم جي باهه ۾ داخل ٿيڻ جا رستا

اي عزيز، هر هڪ مؤمن مسلمان جي اها خواهش ۽ تمنا هوندي آهي ته اهو آخرت ۾ جنت ۾ داخل ٿئي. جنت جي ابدي نعمتن مان مستفيض ٿئي ۽ جهنم جي دردناڪ عذاب ۽ ساڙيندڙ باهه کان بچي، ان جي سڪرات سولي ٿئي ۽ قبر جي عذاب کان به محفوظ رهي، هن دنيا ۾ به آرام ۽ سڪون سان زندگي بسر ڪري ۽ دنيا ۾ الله جون رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪري. پر اهي سڀئي انعام ۽ اڪرام ڪيئن حاصل ٿيندا؟ ان لاءِ ڄاڻڻ گهرجي ته هر هڪ مؤمن مسلمان جيستائين الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب ڪريم ﷺ جي احڪامن ۽ ارشادن تي عمل نه ڪندو ۽ پاڻ کي هن دنيا ۾ "ڪبيرن گناهن" کان نه

www.maktabah.org

بچائيندو، تيستائين انهن نعمتن ۽ برڪتن جو حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي. هڪڙو ماڻهو عبادت ته ڪري ٿو، پر پاڻ کي ڪبيره گناهن کان نٿو بچائي ته ان جي عبادت به بارگاهه خداوندي ۾ قبول نه ٿيندي، تنهن ڪري جنت جي حصول ۽ جهنم کان بچاءَ جي لاءِ ڪبيرن گناهن کان بچڻ هر هڪ مؤمن مسلمان لاءِ ضروري آهي. انهن ڪبيرن گناهن جو مختصر ذڪر هتي ڪجي ٿو. شال رب ڪريم پنهنجي محبوب نبي ڪريم ﷺ جي صدقي، اسان سيني مسلمانن کي انهن ڪبيرن گناهن کان محفوظ فرمائي. (آمين)

شرڪ ڪرڻ

الله تعاليٰ جي وحدانيت، الوهيت ۽ عبادت ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ يا سمجهڻ يا الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي معبود سمجهڻ کي شرڪ چئبو آهي. جيڪو ڪبيرو گناهه آهي. ڇو ته عبادت جو حقدار فقط "الله" آهي، جيڪو اڪيلو آهي، هر شيءِ جو خالق ۽ مالڪ آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته الله تعاليٰ هر قسم جا گناهه توبهه تائب ٿيڻ سبب بخشي ڇڏيندو آهي، پر شرڪ ڪرڻ واري کي نه بخشيندو آهي. بخاري شريف ۾ روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڏو گناهه شرڪ آهي.

ڪفر ڪرڻ

دين اسلام جي ضروري شين مان ڪنهن هڪ به شيءِ جو انڪار ڪرڻ يا ان ۾ شڪ ڪرڻ يا دين جي ڪمن کي حقير سمجهڻ يا دين اسلام جي ضروري شين جي توهين ڪرڻ، اهي سيئي ڪفر آهن.

مثال طور: الله تعاليٰ جي توحيد، ذات ۽ ازلي صفتن جو انڪار ڪرڻ، الله جي نبين ۽ رسولن، آسماني ڪتابن، ملائڪن، قيامت جي ڏينهن ۽ تقدير جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي. قرآن پاڪ ۾ شڪ ڪرڻ، قرآن کي ڪتل يا وڌايل چوڻ، قرآن کي مخلوق يا فرسوده چوڻ به ڪفر آهي. الله جي رسول ﷺ کي آخري نبي نه مڃڻ، بي علم چوڻ يا رسول الله ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ ڪفر آهي. الله جي رسول ﷺ جي سيني صحابه ڪرام کي نه مڃڻ، صحابه ڪرام ،اهلبيت يا ازواج مطهرات کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ به ڪفر آهي. قبر جي

www.maktabah.org

عذاب، منڪر نڪير جي سوالن، محشر ۾ گڏ ٿيڻ، پل صراط تان گذرڻ، ميزان ۾ عملن جي تُرڻ، حوض ڪوثر ۽ رسول الله ﷺ جي شفاعت کي نہ مڃڻ، اهي سڀئي ڪفر جا ڪم آهن. الله جي عبادت، قرآن جي تلاوت ۽ رسول الله ﷺ جي قول، فعل ۽ سنت تي ٺٺول ۽ ٺوڪ ڪرڻ ۽ حقير سمجهڻ ڪفر آهن. جن بہ عقيدن ۽ عملن ۾ دين اسلام جي تڪذيب يا توهين ٿئي ٿي، اهي سمورا ڪفر آهن. جيڪو شخص مسلمان ٿي ڪري ڪفر ڪندو، اهو مرتد ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کان ڪو ڪفريہ ڪلمو سرزد ٿي وڃي تہ ان کي فوراً ڪلمو پڙهي توبهہ تائب ٿيڻ گهرجي ۽ پنهنجي زال سان ٻيو ڀيرو (تجديد) نڪاح ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن (معاذالله) ڪفر وارو بغير توبهہ جي مري ويو تہ اُهو هميشه جهنم ۾ رهندو.

مسلمان جو خون ڪرڻ

ڪنهن بہ مسلمان کي ناحق ۽ دنيا جي مسئلي سبب مارڻ بہ جهنم ڏانهن وٺي ويندڙ ڪبيرو گناهہ آهي. "سورت نساءِ" ۾ الله سائين فرمائي ٿو تہ "جيڪو ڄاڻي واڻي ڪنهن مسلمان کي قتل ڪندو تہ ان جو بدلو جهنم آهي". ترمذي شريف ۾ حضرت سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو : "جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا سڀئي گڏجي ڪنهن بہ بي گناهہ مسلمان جي خون ڪرڻ ۾ شريڪ ٿين تہ الله تعاليٰ انهن سڀني کي اونڌي مُنهن جهنم ۾ وجهندو".

زنا ڪرڻ

"زنا" سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهہ آهي. جنهن جي آخرت ۾ سزا جهنم جو عذاب آهي ۽ دنيا ۾ زاني جي سزا هڪ سؤ ڪوڙا ۽ پٿرن سان سنگسار ڪرڻ آهي. قرآن ۽ حديث ۾ زنا جي سخت ممانعت بيان ڪيل آهي. جنهن جو تفصيل "برڪات النڪاح وآفات الزنا" ڪتاب ۾ پڙهو.

لواطت (بدفعلي)

ڇوڪرن سان بدفعلي ڪرڻ کي لواطت چئبو آهي، جيڪو زنا کان بہ

www.maktabah.org

وڏيڪ خراب ۽ ڪبيرو گناهه آهي. جنهن جي شروعات حضرت لوط عليه السلام جي دؤر ۾ ڪافرن کان ٿي ۽ الله تعاليٰ انهن جي مٿان زلزلن ۽ پٿرن جو عذاب نازل ڪري کين تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. قرآن پاڪ جي سورت اعراف ۾ الله سائين فرمائي ٿو ته جڏهن لوط عليه السلام پنهنجي قوم کي چيو، ڇا توهان اُها بي حيائي ٿا ڪيو، جيڪا توهان کان اڳ ۾ ڪنهن نه ڪئي آهي، توهان عورتن کي ڇڏي مردن مان شهوت پوري ٿا ڪيو، بلڪه اوهان حد کان لنگهي چڪا آهيو. "ترمذي شريف ۾ حضرت عَمرو رضي الله عنه کان روايت آهي ته: جيڪو شخص قوم لوط وارو عمل ڪندو، اُهو لعنتي آهي".

فردوس ديلمي ۽ ڪنزالعمال ۾ حضرت ابو سعيدي خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته: آخري دؤر ۾ هڪ قوم پيدا ٿيندي جن کي "لوطيه" چئبو ۽ اُهي ٽن قسمن جا هوندا، هڪڙا اُهي جيڪي فقط ڇوڪرن جا چهرا ڇتائي ڏسندا ۽ انهن سان ڳالهائيندا ۽ ٻيا اُهي جيڪي شهوت جي ارادي سان ڇوڪرن سان مصافحه ۽ معانقه ڪندا، ٽيان اُهي جيڪي ڇوڪرن سان بدفعلي ڪندا، پوءِ انهن ٽنهي تي الله جي لعنت آهي، مگر جيڪي توبهه ڪندا ته الله انهن جي توبهه قبول فرمائيندو.

چوري

چوري ڪرڻ به ڪبيرو گناهه آهي. سورت مائده ۾ الله سائين فرمائي ٿو ته " جيڪي به مرد يا عورت چور هجن ته انهن جا هٿ ڪپيو". مسلم شريف جي حديث آهي ته: "چور جنهن وقت چوري ڪندو آهي ته ان وقت مؤمن ناهي رهندو". ڌاڙو هڻڻ، ڦرمار ڪرڻ، ڪنهن جو مال غصب ڪرڻ ۽ امانت ۾ خيانت ڪرڻ، اهي سمورا ڪم به چوري وانگر حرام ۽ عذاب ۾ گرفتار ٿيڻ جا ذريعا آهن. شريعت مطهره جو حڪم آهي ته چور جيڪڏهن ڏهه درهم يا ان کان وڏيڪ مال جي چوري ڪري ٿو ته ان جو هٿ ڪپيو ويندو ۽ ڪٽيل هٿ ان جي ڪنڌ ۾ لڙڪائي شهر جو گشت ڪرايو ويندو ته جيئن ٻيا ماڻهو ان مان عبرت حاصل ڪن.

www.maktabah.org

شراب

"شراب" پيئڻ به سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي، جنهن کي حضرت رسول الله ﷺ جن ام الخبائث يعني سڀني برائين جي پاڙ سڏيو آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته: شراب پيئندڙ جي چاليهه ڏينهن تائين نماز قبول ناهي. دنيا ۾ عادي شرابي جي سزا اسي ڪوڙا آهن ۽ آخرت ۾ جهنم جو عذاب آهي.

جُوا کيڏڻ

جُوا کرڻ ۽ جُوا مان حاصل ٿيل آمدني کائڻ حرام آهي. قرآن پاڪ جي "سورت مائده" ۾ جُوا ۽ شراب کي شيطاني ڪم سڏيو ويو آهي. ابن ماجه ۾ حضرت بريده رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ فرمايو جنهن شخص جُوا کئي، تنهن ڄڻ پنهنجا هٿ خنزير جي گوشت ۽ رت ۾ ٻوڙيا.

يتيمن جو مال کائڻ

يتيمن جو مال کائڻ به سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي. سورت النساءِ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "اهي ماڻهو جيڪي ناحق يتيمن جو مال کائن ٿا، اهي (حقيقت ۾) پنهنجا پيٽ باهه سان ڀرين ٿا ۽ عنقريب اُهي دوزخ جي ٻرندڙ باهه ۾ وڌا ويندا". مشڪوات شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: " مسلمانن جي گهرن ۾ بهترين گهر اُهو آهي جنهن ۾ ڪو يتيم رهي ٿو ۽ ان سان سُٺو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو، ۽ مسلمانن جي گهرن ۾ بدترين اُهو گهر آهي، جنهن ۾ رهندڙ يتيم سان بُرو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو".

حضرت پير سائين روضي ڌڻي قدس سره ملفوظات شريف ۾ فرمايو آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو: جيڪو شخص يتيمن جو مال بنا حق جي کائيندو ته، ان شخص کي ملائڪ قبر منجهه دوزخ جي باهه مان پٿر تپائي وات ۾ وجهندا، جيڪي وات کان هيٺ لٿا سندس مقعد کان نڪتا ويندا ۽ ڪيس چوندا ته هي پٿر به کاءِ جيئن تون دنيا ۾ يتيم جو مال کائيندو هئين.

www.maktabah.org

ماءُ پيءُ کي ايذائڻ

ماءُ پيءُ جي نافرماني، انهن کي ايذائڻ ۽ گارگند ڪرڻ سخت حرام آهي. هڪ مؤمن مسلمان لاءِ ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ، سندن ادب ۽ حيا ڪرڻ، انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ ضروري آهي. قرآن پاڪ جي سورت بني اسرائيل ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته " ۽ ماءُ پيءُ سان سهڻو سلوڪ ڪيو، جيڪڏهن اُهي ٻئي پوڙها ٿي وڃن ته، انهن کي اُف به نه چئو ۽ نه جهڙڪ ڏيو، بلڪه تعظيم سان ڳالهايو". "ابن ماجه" ۾ حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: توهان جا ماءُ پيءُ توهان لاءِ جنت ۽ جهنم جو ذريعو آهن، جيڪڏهن انهن جي خدمت ۽ انهن جا حق ادا ڪندؤ ته اوهان جنت جا مستحق ٿيندؤ پر جيڪڏهن انهن کي ايزائيندؤ ۽ انهن جي حقن جي انحرافي ڪندؤ ته جهنم ۾ ويندؤ. مشڪوات شريف ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ جنهن کي چاهي بخشي ڇڏيندو آهي مگر ماءُ پيءُ کي ايذائيندڙ ۽ نافرمان کي ناهي بخشيندو، بلڪه ائين ڪندڙن کي مرڻ کان پهريان ئي دنيا ۾ سزا ڏيندو آهي".

گلا ۽ غيبت

ڪنهن کي پر پٺ گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا ان جا عيب بيان ڪرڻ کي گلا چئبو آهي ۽ گلا به اسلام ۾ حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي. سورت حجرات ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "۽ هڪ ٻئي جي گلا نه ڪريو، ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو ته پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ يقيناً توهان کي اُهو ناپسند لڳندو، پوءِ الله کان ڊڄو". تنهن ڪري گلا جي عادت کان بچڻ گهرجي.

چُغلي

هڪڙي ماڻهو جي ڪا ڳالهه ٻئي ماڻهو تائين فساد ڦهلائڻ ۽ نقصان پهچائڻ خاطر ڪٺي وڃڻ کي چغلي چئبو آهي، جيڪا پڻ حرام ۽ وڏن گناهن ۾ شامل آهي. مسلم شريف ۾ حضور ﷺ جن جو فرمان آهي ته: چغل خور جنت ۾ داخل نه ٿيندو، ڇو ته چغلي مسلمان ڀائرن ۾ اختلاف، فساد ۽ جهيڙي جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي ۽ چغل خور جي نه معاشري ۾ عزت آهي نه الله تعاليٰ وٽ عزت آهي.

www.maktabah.org

رشوت

رشـوت ڏيڻ، وٺڻ ۽ ٻنهي جي وچ تي دلالي ڪرڻ به حـرام ۽ گناهه آهي. قرآن پاڪ ۾ به رشوت کي حرام مال چيو ويو آهي. مستدرڪ حاڪم ۾ حضوت ثوبان کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: رشوت ڏيندڙ، رشوت وٺندڙ ۽ ٻنهي جي وچ تي دلالي ڪندڙ سـڀني تـي الله جي لعنت آهي. ابودائود شريف ۾ حضرت ابو امامه رضي الله عنه کـان روايت آهي ته حضـور ﷺ جن فـرمـايو: جنهن شـخص ڪنهن ٻئي مـاڻهـو جي سفـارش ڪئي ۽ ان سـفـارش ڪرائيندڙ سفـارش ڪرڻ سـبب ان کي هديه يا تحفـو ڏنـو ۽ ان قـبـول ڪيـو تـه بيشڪ اُهو وياج جي دروازن مان هڪ وڏي دروازي ۾ داخل ٿيو.

حرام کائڻ

هڪ مؤمن مسلمان لاءِ الله جي فرضن (نماز، روزو، حج، زڪوات) کان پوءِ حلال رزق ڪمائڻ به فرض آهي ۽ ايمان واري لاءِ ضروري آهي ته حلال ڪمائي ۽ حلال کـائي ۽ حرام کائڻ کان بچي. سورت بقره ۾ الله سـائين فرمائي ٿـو تـه " اي ايـمان وارؤ، اسـان جي ڏنل حـلال روزي مان کـائو ۽ الله جـو شـڪـر ادا ڪريو". مـسند امـام احـمـد ۾ حضـرت جابر رضي الله عنه کـان روايت آهي ته حضـور ﷺ فرمايو: حـرام جي ڪمائي مان پليـل ۽ وڌيل گوشت جنت ۾ داخل نه ڪيو ويندو. مشڪوات ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حـضـور ﷺ جن فرمـايو: جنهـن مـاڻهـو ڏهه درهمن ۾ ڪپـڙو خريد ڪيـو، پر انهن ڏهن ۾ هڪ درهم حرام جو هيو ته اُهو ڪپڙو جيستائين ان جي جسم تي هوندو، الله ان جي ڪابه نـماز قـبـول نه ڪندو. مـسلم شريف ۾ حـضـرت ابن مـسعـود رضي الله کـان روايت آهي تـه رسـول الله ﷺ فرمـايو: ڪنهن شـخص جي حرام جي ڪمائي مـان نه خيـرات قبول ڪئي وينـدي آهي، نه ان ۾ برڪت ٿيندي. جيڪـو پنهنجي پويان حرام مـال ڇڏي ويو، اُهو حقيقت ۾ ان لاءِ جهنم ۾ وڃڻ جو سامان هوندو آهي، تنهن ڪري حرام ۽ ناجائز ذريعن سان ڪمايل مالن کي کـائڻ، پيئڻ، پائڻ يا نيـڪي جي ڪم ۾ استـعـمـال ڪرڻ بـه حـرام ۽ گناهه آهي، ڇـو تـه الله تعـاليٰ پاڪ آهي ۽ پاڪ مـال کي ئي پنهنجي بـارگاهه ۾ قـبـول ڪندو آهي.

www.maktabah.org

ظلم ۽ زيادتي

ڪنهن سان به ظلم، ناانصافي ۽ زيادتي ڪرڻ حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي ۽ الله جي قهر، غضب ۽ عذاب جو ذريعو آهي. سورت انبياء ۾ الله سائين فرمائي ٿو ته "اسان ظلم ڪندڙن جي ڪيتري گهوٽن ۽ آبادين کي تباهه ڪري ڇڏيو". مسلم ۽ بخاري ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: مظلوم جي دانهن ۽ فرياد کان ڊڄو، ڇو ته مظلوم ۽ الله جي وچ تي ڪو به پردو حائل نه هوندو آهي.

بهتان ۽ تهمت

ڪنهن بي ڏوهي شخص تي پنهنجي طرفان ڪو الزام گهڙي مڙهڻ، بهتان آهي، جيڪو پڻ حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي. ڪنزالعمال ۾ حضرت علي سائين رضي الله عنه کان روايت آهي ته ڪنهن بي ڏوهي شخص تي بهتان مڙهڻ، آسمانن کان به ڳرو گناهه آهي. حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: ڪنهن به پاڪ دامن ۽ بي گناهه عورت تي زنا جي ڪوڙي تهمت هڻڻ سان، هڪ سؤ سالن جا نيڪ عمل برباد ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪنهن بي گناهه ماڻهو تي چوري، ڌاڙي يا خون وغيره جو ڪوڙو الزام هڻي ڦاسائڻ به شريعت ۾ حرام آهي.

خودڪشي

پنهنجي هٿن سان پاڻ کي مارڻ يعني خودڪشي ڪرڻ وارو مسلمان خودڪشي ڪرڻ سان ڪافر ناهي ٿيندو ليڪن سخت گنهگار ۽ جهنم جي سزا جو لائق ٿئي ٿو ۽ خودڪشي ڪرڻ وارو جنهن به اوزار يا هٿيار سان پاڻ ماريندو آهي ته قبر ۽ آخرت ۾ به ان ئي شيءِ سان مٿس عذاب ٿيندو رهندو آهي. جيئن مسلم شريف ۾ حضرت ثابت رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪو شخص پاڻ کي جنهن به شيءِ سان ماريندو آهي ته الله تعاليٰ ان ئي شيءِ سان ان کي عذاب ڏيندو آهي.

www.maktabah.org

تڪبر ۽ وڏائي

نوڙت، نهٺائي ۽ عاجزي جو ضد تڪبر آهي. ڪنهن ٻئي مسلمان کي پاڻ کان حقير سمجهڻ به تڪبر آهي ۽ اهو حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي. شيطان کي به تڪبر ئي ذليل ۽ خوار ڪيو. مشڪواة شريف ۾ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: "جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي برابر تڪبر هوندو، اُهو جنت ۾ داخل نه ٿيندو". سهڻو لباس پائڻ، سهڻو گهر ۽ سامان رکڻ تڪبر ناهي، بلڪه حق کان سرڪشي ڪرڻ، پاڻ کي وڏو ۽ عزتدار ۽ ٻين کي گهٽ يا حقير سمجهڻ تڪبر آهي، جيڪو دنيا ۽ آخرت ۾ بربادي جو سبب آهي.

بخيلي

بخيلي ۽ ڪنجوسي به هڪ خراب خصلت ۽ ڪبيرن گناهن ۾ شامل آهي. سڀ ڪجهه هوندي پاڻ تي، پنهنجي اهل وعيال تي ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ مال خرچ نه ڪرڻ، بلڪه مال ميڙي رکڻ بخيلي آهي. ترمذي شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: سخي الله کي ويجهو آهي، جنت کي ويجهو آهي ۽ ماڻهن کي ويجهو آهي، پر بخيل الله ڪان پري آهي، ماڻهن ڪان پري آهي، جنت ڪان پري آهي. مگر جهنم کي ويجهو آهي ۽ جاهل سخي الله تعاليٰ کي بخيل عابد ڪان وڌيڪ پيارو آهي.

حسد ۽ ساڙ

ڪنهن جي نعمتن جي زوال ۽ تباهي جي تمنا ڪرڻ ۽ مسلمان ڀاءُ جي عزت ۽ مال وغيره تي خوش ٿيڻ بجاءِ پنهنجي ئي اندر جي باهه ۾ پچڻ کي به شريعت مطهره حرام قرار ڏنو آهي. بخاري شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو " هڪ ٻي سان حسد نه ڪيو ۽ هڪ ٻئي سان ساڙ نه رکو ۽ هڪ ٻئي ڪان تعلق نه ڇنو ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي رهو". ڪنزالعمال ۾ حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: حسد نيڪين کي ائين ختم ڪندو آهي جيئن باهه

www.maktabah.org

ڪائين ڪي ساڙي ختم ڪندي آهي ۽ حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو: مسلمان ڀائرن سان ساڙ ڪندڙ کي الله تعاليٰ معاف نہ ڪندو آهي.

ٺڳي ۽ ڌوڪو

مسلمان ڀائرن سان ڪنهن بہ معاملي ۾ ٺڳي، دغا ۽ ڌوڪو ڪرڻ سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهہ آهي. مشڪوات شريف ۾ حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ: جنهن بہ شخص ڪنهن مؤمن کي نقصان پهچايو، ان سان مڪر ۽ ڌوڪو ڪيو تہ اُهو ملعون آهي ۽ دوکي باز، بخيل ۽ احسان ڄڻائيندڙ جنت ۾ داخل نہ ٿيندا.

امانت ۾ خيانت

ڪنهن جي امانت ۾ خيانت ڪرڻ سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهہ آهي. جيئن روپين، پئسن، مال ۽ سامان ۾ خيانت حرام آهي تيئن ڳالهين ، راز، ڪم ڪار ۽ عهدن جي امانتن ۾ بہ خيانت حرام آهي. بخاري شريف ۾ حضرت عبدالله رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو "جنهن بہ ماڻهو ۾ چار عادتون هونديون، اُهو خالص منافق آهي". امانت ڏني وڃي تہ خيانت ڪري، ڳالهہ ڪري تہ ڪوڙ هڻي، واعدو ڪري تہ خلاف ورزي ڪري ۽ جهيڙو ڪري تہ گاريون ڏئي.

ميت تي روڄ راڙو ۽ پار ڪڍڻ

ڪنهن بہ ماڻهو جي وفات بعد صبر ڪرڻ ۽ فقط اکين مان پاڻي وهائڻ ڪان سواءِ مرد ۽ عورتن جو روڄ راڙو ڪرڻ ۽ پار ڪڍڻ سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهہ آهي ۽ روڄ راڙو ۽ پار ڪڍڻ سان ان ميت کي عذاب ٿيندو آهي. مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ماڻهن ۾ بہ اهڙيون شيون آهن، جيڪي ڪفر آهن. هڪ ڪنهن جي نسب ۾ طعنو هڻڻ ۽ ٻيو ميت تي پار ڪڍڻ. حضرت ابو مالڪ اشعري رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو: ميت تي روئڻ پٽڻ ۽ پار

www.maktabah.org

ڪڍڻ واري عورت جيڪڏهن توبهه تائب نٿي ٿئي ته قيامت جي ڏينهن ان کي ڏامر جو چولو ۽ خارش وارو رئو پارايو ويندو. مسلم شريف ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: ميت کي قبر ۾ عذاب، ان تي روج راڙو ۽ پار ڪڍڻ سبب به ڪيو ويندو آهي.

نماز ڇڏي ڏيڻ

هر هڪ مسلمان مرد ۽ عورت تي پنج وقت نماز پڙهڻ فرض آهي ۽ نمازن جو انڪار ڪفر ۽ نمازن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ نه پڙهڻ سخت ڪبيرو گناهه آهي ۽ جهنم ۾ وڃڻ جو ذريعو آهي. قرآن پاڪ جي سورت مدثر ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "جنتي، جهنم وارن کان سوال ڪندا". اوهان کي ڪهڙي ڳالهه جهنم ۾ وڌو آهي؟ ته اُهي جواب ڏيندا ته اسان نه نمازون پڙهندا هئاسين نه مسڪينن کي کاڌو ڪارائيندا هئاسين، "سورت ماعون ۾ الله سائين فرمائي ٿو ته جيڪي نماز ۾ رڳو سُستي ڪن ٿا، انهن لاءِ به ويل (عذاب) آهي".

جمعه نه پڙهڻ

جمعه جي نماز به مسلمان مردن تي فرض آهي. هفتي ۾ جمعه جو ڏينهن تمام بابرڪت ۽ عيد جو ڏينهن آهي ۽ جمعه جي نماز ترڪ ڪرڻ سخت گناهه آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن ماڻهو بنا عذر جي چار جمعا ڇڏي ڏنا، تحقيق ان اسلام کان مُنهن ڦيرائي ڇڏيو. ترمذي ۾ حضرت ابوجعد رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص سُستي ۾ لڳاتار ٽي جمعا پڙهڻ ڇڏي ڏنا، ته الله تعاليٰ ان جي دل تي مهر هڻي ڇڏيندو آهي.

باجماعت نماز نه پڙهڻ

الله سائين قرآن پاڪ ۾ ايمان وارن کي جماعت سان نماز پڙهڻ جو حڪم فرمايو آهي. جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ ستاويهه درجا وڌيڪ ثواب به آهي. مگر ڇاٽي واٽي ۽ سُستي سبب ۽ بنا شرعي عذر جي جماعت سان نماز نه پڙهڻ به سخت وڏو گناهه آهي. بخاري شريف ۾ حديث آهي ته حضور ﷺ

www.maktabah.org

فرمايو: الله جو قسم، مون ارادو ڪيو ته ڪاٺيون گڏ ڪرايان ۽ پوءِ نماز لاءِ اذان چورايان ۽ هڪ شخص کي امامت جو حڪم ڪيان ۽ آئون وڃي جماعت سان نماز نه پڙهندڙن جا گهر ساڙيان.

زڪوات نه ڏيڻ

مالدار ۽ صاحب نصاب ماڻهو تي زڪوات فرض آهي ۽ مال جي زڪوات نه ڏيڻ سخت ڪبيرو گناهه آهي. سورت "توبه" ۾ الله سائين فرمائي ٿو ته "جيڪي ماڻهو سون چاندي کي خزانو ڪري رکن ٿا ۽ الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪن، انهن کي جهنم جي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌايو". بخاري شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: جنهن کي الله تعاليٰ مال عطا ڪيو ۽ اهو مال جي زڪواة نٿو ڏئي ته، ان جو مال قيامت جي ڏينهن گنجي نانگ جي صورت ۾ ايندو، جيڪو ٻن قٽن وارو هوندو ۽ ان کي ڏنگيندو رهندو. حضرت احنف بن قيس رضي الله عنه کان روايت آهي ته زڪوات نه ڏيڻ واري جي مال کي قيامت جي ڏينهن پٿر جي صورت ۾ آڻي، ان کي جهنم جي باهه ۾ گرم ڪري، ان سان زڪوات نه ڏيندڙ کي ساڙيو ويندو. زڪوات بابت تفصيلي احڪامن لاءِ رسالو "الزڪوات الواجب" پڙهو.

روزا نه رکڻ

رمضان شريف جي مهيني جا روزا رکڻ به هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهن ۽ بنا عذر جي روزا نه رکڻ ڪبيرو گناهه آهي ۽ روزو رکي پوءِ ڇڏڻ سان ڪفارو ادا ڪرڻ لازمي آهي. مستدرڪ حاڪم ۾ حضرت ڪعب بن عجره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪو ماڻهو رمضان شريف جا روزا نٿو رکي ۽ الله جو رضا مندو ۽ مغفرت حاصل نٿو ڪري، اهو الله جي رحمت کان پري آهي.

حج نه ڪرڻ

جيڪو شخص ايترو مال، پئسو ۽ طاقت رکي ٿو، جو بيت الله شريف

www.maktabah.org

تائين پهچي سگهي ته ان تي سڄي عمر ۾ هڪ ڀيرو حج ڪرڻ فرض آهي، پر طاقت هوندي حج نه ڪرڻ ڪبيرو گناهه آهي. ترمذي شريف ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو: جيڪو شخص سواري ۽ خرچ پکي جي طاقت هوندي، بيت الله جو حج نٿو ڪري ته پوءِ شڪ ناهي ته اُهو يهودي ٿي مري. (معاذالله)

پاڙي وارن کي ايذائڻ

هر هڪ مؤمن مسلمان لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي پاڙي وارن سان سهڻو سلوڪ ڪري ۽ پاڙي وارن کي ايذائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ به ڪبيرو گناهه آهي. قرآن پاڪ ۾ پاڙي وارن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو حڪم مبارڪ آهي. مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: " الله جو قسم، اُهو شخص مؤمن ناهي، جنهن جي شرارتن کان ان جا پاڙيسري بيزار آهن". بيهقي شريف ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور ﷺ فرمايو: "اهو شخص مؤمن ناهي، جيڪو پاڻ پيٽ ڀري کائي ۽ ان جو پاڙيسري بکيو هجي".

دين جي دشمنن سان دوستي ۽ تعلق رکڻ

دين اسلام جي دشمن ۽ دين اسلام ۾ فساد پيدا ڪندڙن ڪافرن، مشرڪن، مرتدن ۽ بدمذهبن سان دوستي، تعلق، صحبت ۽ محبت ڪرڻ به سخت حرام ۽ جهنم ۾ داخل ٿيڻ جو ذريعو آهي. تنهن ڪري مؤمن مسلمان کي هر قسم جي بد مذهبن جي صحبت کان بچڻ گهرجي. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي ته " اي ايمان وارؤ، منهنجي ۽ پنهنجن دشمنن سان دوستي نه رکو". ٻئي هنڌ رب ڪريم فرمايو آهي ته " ۽ ظالمن ڏانهن ٿورو لاڙو به نه رکو، نه ته اوهان کي جهنم جي باهه ڇهي وٺندي".

مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول لله ﷺ فرمايو: آخري دؤر ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا، جيڪي ڪوڙا ۽ مڪار هوندا ۽ توهان وٽ اهڙيون ڳالهيون آڻيندا، جيڪي اڳ ۾ نه اوهان

www.maktabah.org

ڪڏهن پڌيون هونديون ۽ نه اوهان جي ابن ڏاڏن پڌيون هونديون. اوهان نه انهن وٽ وڃجو ۽ نه انهن کي پاڻ وٽ اچڻ ڏجو، ڇو ته اُهي اوهان کي گمراهه ڪري فتني ۾ وجهندا. ابن ماجه شريف ۾ حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: الله تعاليٰ بدمذهب، بدعتي جي نه نماز قبول ڪندو آهي نه روزو نه خيرات نه جُمعو ۽ نه عمرو، اُهو اسلام مان ائين نڪري ويندو آهي جيئن ڳوهيل اٽي مان وار. مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ فرمايو: بدمذهب بيمار ٿين ته پڇڻ نه وڃجو، جيڪڏهن مري وڃن ته جنازه ۾ نه وڃجو، جيڪڏهن اوهان کي مُنهن ۾ پئجي وڃن ته سلام به نه ڪجو ۽ انهن سان نه کائجو پيئجو، نه سڱابندي ڪجو ۽ نه انهن سان گڏ نماز پڙهجو. مشڪوات شريف ۾ حضرت ابراهيم بن ميسره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن ماڻهو ڪنهن بدعتي بدمذهب جي رڳو عزت ۽ تعظيم ڪئي ته، ڄڻ ان اسلام جي عمارت ڊاهڻ ۾ حصو ورتو. (معاذالله)

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته شال رب ڪريم سڀني مؤمن مسلمانن کي هن رسالي ۾ درج مڙني احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق فرمائي. (آمين)

وما علينا الا البلاغ المبين

☆☆☆

www.maktabah.org

بركات النكاح

و

آفات الزنا

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمدلله رب العالمين والعاقبة المتقين والصلواة والسلام علي سيد النبياءِ والمرسلين سيدنا و مولانا محمد و علي آله واصحابه اجمعين.

آمابعد: هن ڳالھ ۾ ڪوبہ شڪ شبھو ناهي تہ هر هڪ تندرست ۽ صحيح البدن انسان جي جسم ۾ ٻين جسماني خواهشن, اُڃ, بک ۽ ننڊ وغيره کان سواءِ هڪ قدرتي شهوت ۽ خواهش موجود رهي ٿي, جنهن کي جماع يا نفساني خواهش چئبو آهي, جيڪا پڻ ٻين خواهشن وانگر فطري آهي ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ انهيءَ خواهش کي خراب ڪمن ۽ بچڙاين لاءِ انسان ۾ نہ خلقيو آهي بلڪہ اها هڪ وڏي نعمت آهي. جيئن حڪمت واري رب ڪريم جا سيئي ڪم, حڪمت ۽ مصلحت کان خالي نہ آهن, اهڙيءَ طرح انسان ضعيف البدن جي جسم اندر ان عظيم طاقت جي بخشڻ ۾ بہ هڪ اهم مقصد سمايل آهي, جنهن جو مطلوب ۽ مقصود تمام پاڪ آهي, جنهن ڪري اها شهواني طاقت بہ هڪ تمام اعليٰ درجي جي نعمتِ خداوندي آهي.

نعمت کي زحمت نہ بڻايو

الله تعاليٰ جي عطا ڪيل نعمتن کي جيڪڏهن انسان خراب ناجائز ۽ غلط طريقن ۽ ڪمن ۾ استعمال ڪري ٿو تہ ان ۾ ان جو پنهنجو قصور ۽ ڏوھہ آهي نہ ڪي قدرت جو. مثال: باھہ هڪ وڏي نعمت آهي, پر شرط آهي تہ ان جو استعمال صحيح ۽ پوري موقعي تي ڪيو وڃي, پر اها ساڳي نعمت, گھر, فصل وغيره ساڙڻ مھل زحمت ۽ مصيبت بڻجي ويندي آهي ۽ باھہ جي غلط استعمال جو نتيجو جاني ۽ مالي نقصان آهي. اهڙيءَ طرح اهو مثال قوت شهوت جو بہ آهي, جيڪا هڪ وڏي نعمت هجڻ باوجود, خراب ۽ ناجائز ڪمن مثلاً زنا ۽ غير فطري ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ سان هڪ سخت زحمت, مصيبت ۽ ڪبيره گناھہ جو سبب بڻبي آهي.

www.maktabah.org

زنا جون آفتون

انساني شهوت لاءِ سڀ کان وڏي آفت ۽ مصيبت "زنا" آهي. جنهن سان ايتري قدر زميني ۽ آسماني مصيبتون لهنديون آهن جن ۾ ڦاسڻ کان پوءِ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي ايمان، حيا، عزت ۽ غيرت کي سلامت نٿو رکي سگهي ۽ زنا ڪندڙ ٻنهي جهانن ۾ اهڙو ذليل ۽ خوار ٿئي ٿو جو ان کي پنهنجي نجات جي ڪابہ واٽ ڏسڻ ۾ نٿي اچي. (معاذالله)

اللهم احفظنا من كل بليات وآفات الدنيا والاخرة وانت خير الحافظين.

"زنا" جي معنيٰ آهي: حرام جماع ڪرڻ يا ڪنهن اهڙي عورت سان بدڪاري ڪرڻ، جنهن سان ان کي اهو فعل ڪرڻ جو ڪوبہ شرعي حق نہ هجي. شريعت مطهره ۾ مرد ۽ عورت جي ان ناجائز ميلاپ کي سخت حرام ۽ بي حيائي وارو فعل قرار ڏنو ويو آهي. هڪ خراب عادتن وارو ۽ حيواني مزاج ماڻهو بہ پنهنجي دل ۾ بہ ڪڏهن زنا کي حلال نہ سمجهندو، ڇو تہ زنا قطعي حرام ۽ هميشگي واري عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب ۽ ذريعو آهي. زنا جي ڪري، قومن مان حيا ۽ غيرت نڪري ويندي آهي. زنا جي ڪري، حرام ٻار پيدا ٿيندا آهن. زنا جي ڪري گهر مان برڪت نڪري ويندي آهي. زنا جي ڪري اولاد بي راهہ روي ۽ فحاشي جو شڪار ٿي ويندي آهي. زنا جي ڪثرت سبب آسمان مان مينهن وسڻ بند ٿي ويندو آهي، پوکون ۽ فصل سڪي ويندا آهن. گهر ۾ بي برڪتي فتنا ۽ فساد پيدا ٿيندا آهن. مرد ۽ عورت جي ميلاپ جي حلال صورت فقط شرعي نڪاح آهي ۽ نڪاح جي صورت ۾ جيڪا صحبت ۽ مقاربت ڪجي ٿي، اُها ئي حلال ۽ باعث خيروبرڪت آهي جيڪا قدرت جي قانون، انساني فطرت جي تقاضا، قرآن جي فيصلي، رسول الله ﷺ جي سنت ۽ معاشرتي اخلاقي قاعدن ۽ قانونن جي مطابق ۽ موافق آهي.

زنا جا قسم

عام طرح زنا جا ٽي قسم آهن: (1) رضامندي سان زنا ڪرڻ (2) زبردستي زنا (3) غير فطري زنا ۽ انهن ٽنهي قسمن جون مختلف سزائون آهن، پر صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ زنا جا ٻيا بہ قسم آهن. مثال طور: خيال جي

www.maktabah.org

زنا، اک جي زنا، زبان جي زنا، هٿن پيرن جي زنا وغيره تنهن ڪري ڪامل ايمان وارو اهو شخص ليکيو ويندو آهي جيڪو ان بي حيائي واري فعل جي هر قسم کان پاڻ کي بچائي.

زنا بابت قرآن جو فيصلو

"زنا" هڪ اهڙو بدترين فعل آهي، جنهن کي الله تعاليٰ سيني آسماني ڪتابن ۽ صحيفن ۾ نديو آهي. قرآن پاڪ ۾ به "زنا" کان سخت منع ۽ سخت عذاب جي وعيد بيان ٿيل آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

"ولاتقربوا الزنا انه کان فاحشة وساءَ سبيلا"

(سورت الاسراءِ آيت 32)

(۽ زنا جي بلڪل ويجها نه وڃو، بيشڪ اها (زنا) وڏي بي حيائي آهي ۽ تمام خراب رستو آهي).

اي عزيز، قرآن پاڪ جي مٿين آيت ۾ تمام چٽائي ۽ وضاحت سان "زنا" کي تمام بڇڙو فحش ۽ بي حيائي وارو ڪم چئي، مؤمن مسلمان کي ان کان پري رهڻ جو حڪم فرمايو ويو آهي ڇو ته "مؤمن" جي معنيٰ نه رڳو صاحب ايمان هجڻ آهي، پر علم ۽ عقل جو مالڪ هجڻ به مؤمن جي نشاني آهي ۽ "ايمان" ئي علم ۽ عقل وارن ماڻهن جي شائستگي ۽ تهذيب جو معيار آهي.

ٻئي هنڌ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

"ولايزنون ومن يفعل ذلک يلق اثاما يضاعف له العذاب يوم القيامة ويخلد فيه مهانا" (سورت الفرقان آيت 69-68)

(مؤمن مسلمانن جو اهو شان آهي جو اُهي ڪڏهن به زنا نه ڪندا آهن، پر جيڪو به ماڻهو اهو زنا وارو ڪم ڪندو، اُهو (دنيا ۾) گناهن ۾ غرق ٿيندو ۽ قيامت جي ڏينهن ان تي ٻيڻو عذاب ڪيو ويندو ۽ هميشه جهنم ۾ خوار ٿي رهندو.)

هن آيت شريف ۾ مؤمنن جي اها نشاني ٻڌائي وئي آهي ته هو ڪڏهن به زنا نه ڪندا آهن، پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو اهو بڇڙو ڪم ڪيو ته ان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ تباهي آهي. قرآن پاڪ ۾ انهيءَ بدڪاري واري ڪم ۽ ان

www.maktabah.org

سان تعلق رکندڙ سيني ڪمن کي "فحاشي" جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ انهن ڪمن کان پري رهڻ جي به سختي سان هدايت ٿيل آهي.
جيئن رب ڪريم فرمائي ٿو ته:

"ولا تقربوا الفواحش ما ظهر منها وما بطن"

(سورت الانعام آيت 151)

(جيڪي به ظاهري ۽ باطني بي حيائيون آهن، تن جي ويجها نه وڃو).

انهيءَ آيت سڳوري ۾ "فواحش" جو لفظ جمع جي صيغه سان آيو آهي. جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته نه رڳو "زنا" جي سختي سان منع آهي. بلڪه "زنا" سان تعلق رکندڙ مڙني فحش حرڪتن جي به منع آهي. مثال طور: نامحرم ۽ ڌاريءَ عورت کي چتائي ڏسڻ، هٿ يا اک جو اشارو ڪرڻ، بوسه بازي ڪرڻ وغيره. اهي سيئي ڪم پڻ فحاشي ۾ داخل آهن ۽ حرام آهن. ٻئي هنڌ ارشاد آهي ته: بيشڪ الله تعاليٰ حڪم فرمائي ٿو انصاف ڪرڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جو ۽ ويجهن عزيزن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو ۽ اوهان کي روڪي ٿو، بي حيائين ۽ برائي جي ڪمن کان، اوهان کي نصيحت ٿو ڪري، من اوهان نصيحت حاصل ڪيو ۽ الله تعاليٰ مؤمن ٻانهن کي صاف شفاف رستو ڏيکاري ڇڏيو آهي، مگر جيڪوماڻهو الله جي رستي کي ڇڏي، نفس ۽ شيطان پويان ڊوڙندو آهي. اُهو يقيني طور دنيا ۽ آخرت جي عذاب ۽ پڪڙ ۾ گرفتار ٿيندو آهي.

الله سائين فرمائي ٿو ته: "اي ايمان وارؤ، شيطاني طريقن جي تابعداري نه ڪيو ۽ جيڪو به شيطاني ڪمن جي ڪڍ لڳو، پوءِ شيطان ان کي فحاشين ۽ گندن ڪمن جو حڪم ڏيندو ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نه هجي ها ته اوهان مان ڪو به هڪڙو بچي نه سگهي ها، پر الله پاڪ ڪندو آهي، جنهن کي چاهي ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي". (سورت نور آيت 21)
الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو ته:

"ولا تتبعو خطوات الشيطان انه لكم عدو مبين انما يا مركم بالسوءِ والفحشاءِ وان تقولوا علي الله مالا تعلمون"

(سورت البقره آيت 169-168)

(۽ نه تابعداري ڪيو شيطاني وِڪن جي، بيشڪ اُهو توهان جو چٽو دشمن آهي،

جيڪو توهان کي حڪم ٿو ڏئي بچڻ ڪمن ۽ بي حيائين جو ۽ هي ته توهان الله تي اُها ڳالهه هٿو جيڪا اوهان نٿا ڄاڻو)

مٿئين آيت سڳوري ۾ شيطاني ڪمن جي تابعداري نه ڪرڻ جو حڪم ڏيندي الله سائين فرمايو آهي ته اهو شيطان اوهان جو پڌرو دشمن آهي جيڪو اوهان کي هر قسم جي برائي ۽ فحاشي وارن ڪمن جو حڪم ڏيندو آهي ۽ توهان کي الله مٿان بهتان مڙهڻ جو به چوندو آهي، جو ته گهڻا ماڻهو ڄاڻي ٻجهي خراب، صبيح، گندا ۽ بي حيائي وارا ڪم ڪري، پوءِ هر طرح جا بهانا ٺاهي گناهن کان بچڻ ۽ توبهه تائب ٿيڻ جي بجاءِ انهن جو الزام تقدير تي وجهندا آهن. جيڪو شيطاني ڪم آهي.

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

"ان الذين يحبون ان تشيع الفاحشة في الذين آمنوا لهم عذاب اليم في الدنيا والا خرة والله يعلم وانتم لا تعلمون"

(سورت نور آيت 19)

(بيشڪ اُهي ماڻهو جيڪي پسند ڪن ٿا ته ايمان وارن ۾ فحاشي بي حيائي عام ٿئي ته انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي. الله ڄاڻي ٿو پر اوهان نٿا ڄاڻو).

اي عزيز، هن آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ انهن ماڻهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ سخت عذاب جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي مختلف طريقن سان مؤمن مسلمانن جي معاشري ۾ ڏينهن رات فحاشي ۽ بي حيائي ڦهلائڻ ۾ مصروف آهن. حالانڪه هجڻ ته ائين گهرجي جو هر قسم جي فحاشي ۽ بي حيائي واري ڪم کي ائين گهرجي جو هر قسم جي فحاشي ۽ بي حيائي واري ڪم کي ڏسي. ان جي خاتمي لاءِ سيني مسلمانن کي گڏجي جهاد ڪرڻ گهرجي. ان جي جيڪڏهن ڪجهه ماڻهو بي حيائي ۽ فحاشي وارن ڪمن جي مخالفت ڪرڻ جي بجاءِ اهڙن ڪمن جي حمايت ۽ طرفداري ڪندي، انهن فحاشين کي مسلمانن جي گهر گهر ۾ عام ڪرڻ واري شيطاني فعل ۾ حصو وٺن ٿا ته پوءِ بيشڪ قرآني فيصلي موجب انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي.

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ مؤمن عورتن لاءِ ارشاد فرمايو آهي ته:

www.maktabah.org

"اي (غيب جون خبرن ٻڌائڻ وارا) نبي ﷺ جڏهن تو وٽ ايمان واريون عورتون هن ڳالهه تي بيعت ڪرڻ اچن ته، الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪنديون، نه چوري ڪنديون، نه زنا ڪنديون، نه پنهنجي اولاد کي قتل ڪنديون ۽ نه پنهنجن هٿن پيرن آڏو ڪو بهتان مڙهنديون ۽ نه وري نيڪي جي ڪمن ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون، پوءِ (اي پيارا رسول ﷺ) انهن سان بيعت ڪر ۽ انهن لاءِ بخشش گهر، بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ رحم فرمائيندڙ آهي".
(سورت ممتحنه آيت 12)

مٿئين آيت سڳوري ۾، حضور پاڪ ﷺ جن سان مؤمنه عورتن جي بيعت جو ذڪر ٿيل آهي. بخاري شريف ۾ حضرت اُم المؤمنين عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن به عورت سان هٿ نه ملائيندا هئا. بلڪه ڪانئن زباني عهد ۽ واعدو وٺندا هئا. مٿئين آيت ڪريمه مان اُهو واضح ٿئي ٿو ته اسلامي ۽ شرعي احڪام جيئن مردن لاءِ ضروري آهي، تيئن مسلمان عورتن لاءِ به لازم آهن ۽ انهي بيعت ۾ نماز، روزه، حج ۽ زڪوات وغيره جو ذڪر نه آهي، ڇو ته اُهي دين جا رُڪن ۽ الاهي فرائض آهن، جن جي اهميت جي هر مسلمان کي خبر آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ حضور ﷺ جن کي عورتن سان خاص ڪري انهن شين ۾ بيعت وٺڻ جو حڪم فرمايو، جيڪي گهڻو ڪري عورتن کان واقع ٿينديون آهن ته جيئن مسلمان عورتون دين اسلام جي بنيادي رُڪنن تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ هر قسم جي برائين کان به پاڻ کي بچائين.

زنا بابت رسول الله ﷺ جا فرمان

❀ مشڪوات شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول ﷺ فرمايو: "زنا ڪندڙ جيترو وقت زنا ۾ مشغول رهندو آهي، ان مان ايمان نڪري ويندو آهي".

❀ مسند امام احمد ۾ حضرت عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو: "جنهن قوم ۾ زنا عام ٿي ويندي آهي ته اُها قوم ڏڪارن ۾ مبتلا ٿيندي آهي".

www.maktabah.org

❀ مسلم ۽ نسائي ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو: "ٽي اهڙا شخص آهن جن سان الله تعاليٰ نه ڪلام فرمائيندو نه انهن کي پاڪ ڪندو ۽ نه انهن ڏانهن رحمت جي نظر ڪندو، بلڪه انهن لاءِ دردناڪ عذاب هوندو، هڪ پوڙهو زاني، ٻيو ڪوڙ ڳالهائيندڙ بادشاهه ۽ ٽيون تڪبر ڪندڙ فقير".

❀ حضرت بريده رضي الله عنها کان روايت آهي ته الله جي رسول ﷺ فرمايو "پوڙهي زاني مٿان ست ئي آسمان ۽ زمينون لعنت ڪندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن زانين جي شرم گاهن مان اهڙي بدبوءِ ايندي، جيڪا جهنم وارن کي به اذيت پهچائيندي".

❀ مستدرڪ حاڪم ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "جنهن ڳوٺ يا علائقي ۾ زنا ۽ وياج جو ظهور ٿيو ته انهن پاڻ تي الله جي عذاب کي حلال ڪري ڇڏيو".

❀ هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته: قيامت جي ڏينهن زنا ڪندڙ مرد ۽ عورت کي هن حالت ۾ آندو ويندو جو زاني مرد جي پيشاني تي زانياڻي عورت جو عضوو لڳل هوندو، جنهن مان بدبودار پاڻي وهندڙ هوندو ۽ ان جي بدبوءِ کان محشر وارا پناهه گهرندا ۽ ان تي لعنت موڪليندا ۽ زانيه عورت جي پيشاني تي زاني مرد جو عضوو لڳل هوندو، جنهن مان بدبودار پاڻي وهندڙ هوندو، جنهن کان محشر وارا به پناهه گهرندا ۽ ان عورت تي لعنتون موڪليندا. (معاذالله)

قرآن ۽ حديث موجب زنا جي سزا

اي عزيز، قرآن پاڪ جي آيتن ۽ رسول الله ﷺ جي فرمانن مان ثابت ٿي چڪو آهي ته زنا سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهه آهي، جنهن جي آخرت ۾ سزا جهنم جي ساڙيندڙ باهه آهي ۽ دنيا ۾ به زنا ڪندڙ کي سخت سزا ڏيڻ جو حڪم آهي. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي ته:

"الزانية والزاني فاجلدوا كل واحد منهما مائة جلدة ولا تاخذكم بهما رافة في دين الله ان كنتم تومنون بالله واليوم آخر وليشهد عذابهما طائفة من المؤمنين" (سورت نور آيت 2)

www.maktabah.org

(زنا واري عورت ۽ مرد ٻنهي مان هر هڪ کي هڪ سؤ ديڙا هڻو، انهن (زانين) تي الله جي دين جي حد (سزا) جاري ڪندي، اوهان کي هرگز رحم نه اچڻ گهرجي، جيڪڏهن اوهان الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻيو ٿا ۽ زانين کي سزا ڏيڻ مهل مسلمانن جي هڪ جماعت کي موجود هجڻ گهرجي).

هن آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ زانين جي مطلق سزا جو حڪم فرمايو آهي، جنهن جون ٻه صورتون آهن:

- ❀ جيڪڏهن زنا ڪندڙ مرد ۽ عورت ٻئي ڪنوارا آهن ته انهن کي سؤ سؤ ديڙا هنيا ويندا.
- ❀ جيڪڏهن زنا ڪندڙ مرد ۽ عورت شادي شده آهن ته انهن کي سنگسار ڪيو ويندو.

مسلم شريف جي روايت ۾ آهي ته حضرت رسول الله ﷺ فرمايو: الله تعاليٰ جيڪو واعدو فرمايو هو، ان مطابق بدڪار مرد ۽ عورت جي مستقل سزا مقرر ڪئي وئي آهي جنهن کي اوهان سکي وٺو، اُها هي آهي ته، ڪنواري مرد ۽ عورت جي لاءِ سؤ سؤ ديڙا ۽ شادي شده مرد ۽ عورت جي لاءِ رجم يعني سنگسار ڪرڻ جو حڪم آهي.

فائدو: اي عزيز، قرآن پاڪ جي مٿئين آيت ۾ الله تعاليٰ اهو به ارشاد فرمايو آهي ته زانين کي سزا ڏيڻ وقت مسلمانن جي هڪ جماعت موجود هجڻ گهرجي، ڇو ته سرعام رجم يا سنگسار ڪرڻ جو اصل مقصد ماڻهن کي عبرت ڏيارڻ آهي ته جيئن زاني کي ذلت سخت سزا مان عام مسلمان درس هدايت پڻ حاصل ڪن ۽ زنا جهڙي قبيح فعل کان بچن.

زنا کان بچڻ جا طريقا

زنا هڪ وڏي فحاشي ۽ بي حيائي آهي، جنهن کان بچاءُ جا ٻه اهم ۽ آسان طريقا نماز ۽ ذڪر آهن. جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

"واقم الصلاة ان الصلاة تنهي عن الفحشاءِ والمنكر ولذكر الله اكبر والله يعلم ما تصنعون" (سورت عنڪبوت آيت 45)

www.maktabah.org

(۽ نماز قائم ڪر، بيشڪ نماز بي حيائين ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪيندي آهي ۽ الله جو ذڪر تمام بُلند آهي ۽ توهان جيڪو به ڪيو ٿا، الله ان کي ڄاڻي ٿو).

ثابت ٿيو ته جيڪو شخص هميشه الله جي ذڪر ۽ نماز ۾ مشغول رهندو، اُهو الله جي مدد سان نفساني خواهشن ۽ شهواني آفتن کان محفوظ رهي سگهندو. بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "اي نوجوانؤ! اوهان مان جيڪو شخص نڪاح ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو ته، اُهو ضرور نڪاح ڪري ڇو ته نڪاح (ڌارئين عورتن ڏانهن) نگاهه کي روڪيندڙ ۽ شرمگاهه جي حفاظت ڪندڙ آهي، پر جيڪو نڪاح جي طاقت نٿو رکي ته اُهو روزا رکي، ڇو ته روزو شهوت کي ٽوڙيندڙ آهي". هن حديث شريف مان معلوم ٿيو ته، نفساني خواهش جي صحيح استعمال جو ذريعو فقط سنت نڪاح آهي، جنهن سان ماڻهو زنا ۽ ٻين فحش حرڪتن کان بچي سگهي ٿو، پر حضور عليه الصلوات والسلام جن اهو به واضح فرمائي ڇڏيو ته، نڪاح جي (ڪنهن مجبوري سبب) طاقت نه رکندڙ ماڻهو لاءِ ضروري آهي ته اهو نفلي روزا رکي، ڇو ته روزو ڍال آهي جيڪو نفساني سڌن ۽ خواهشن کي ختم ڪندو آهي ۽ روزه جي ڪري به ماڻهو زنا جهڙي حرام فعل کان بچي ويندو آهي.

نڪاح جو حڪم

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي ته:

"فانکحوا ما طاب لکم من النساءِ مثني وثلاث ورباع فان خفتم الا تعدلوا فواحدة" (سورت نساء آيت 3)

(پوءِ توهان کي جيڪي عورتون پسند هجن، انهن سان نڪاح ڪيو، ٻه ٻه، ٽي ٽي ۽ چار چار سان، پر جيڪڏهن اوهان اهو خوف ڪيو ته انهن ۾ انصاف نه ڪري سگهندؤ ته پوءِ (فقط) هڪ عورت سان نڪاح ڪيو).

اي عزيز، مٿئين آيت ۾ الله تعاليٰ مرد کي هڪ کان چئن تائين شادين ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. پر ان لاءِ به عدل ۽ انصاف جو شرط آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻن ٽن ۽ چئن زالن سان هڪ جهڙو سلوڪ ۽ ورتاءُ نٿو

www.maktabah.org

ڪري سگهي، سيني ڪي هڪ جهڙو لتو، ڪاڏو خوراڪ، رهائش ۽ خلوت نشيني جو حق نٿو ڏيئي سگهي ته ان ڪي فقط هڪ ئي عورت سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت آهي.

نڪاح جي معنيٰ ۽ مفهوم

"نڪاح" جي لفظي معنيٰ آهي ملائيندڙ، ڇو ته نڪاح سان زال ۽ مڙس جو دائمي ميلاپ ٿئي ٿو ۽ نڪاح سان ٻه خاندان پاڻ ۾ ڳنڍبا آهن. نڪاح ۽ ايمان ٻه اهڙيون عبادتون آهن جيڪي حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿيون ۽ قيامت تائين رهنديون. نڪاح بهترين سنت ۽ عبادت آهي، جنهن سان انساني نسل جي بقا آهي ۽ نڪاح ئي صالحن، ذاڪرن ۽ عابدن جي ڄمڻ جو ذريعو آهي. نڪاح جو ضد "زنا" آهي. نڪاح سان خاندانن ڪي خوشي، محبت ۽ جائز اولاد حاصل ٿيندو آهي، پر "زنا" سان خاندانن ۾ ڏک دشمني ۽ حرام ٻار پيدا ٿيندا آهن. تنهن ڪري زنا کي سخت حرام ۽ نڪاح کي رسول الله ﷺ جي سنت قرار ڏنو ويو آهي.

نڪاح بابت رسول الله ﷺ جا فرمان

- سنن ابن ماجه ۾ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: نڪاح منهنجي سنت آهي، جنهن منهنجي سنت تي عمل نه ڪيو يا مُنهن موڙيو اُهو منهنجي طريقي تي ناهي. نڪاح ڪيو، ڇو ته اوهان جي ڪري منهنجي اُمت ٻين اُمتن کان وڌندي.
- ترمذي شريف ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي ته ، الله جي رسول ﷺ فرمايو: چار شيون، مڙني رسولن جون سنتون آهن: طهر ڪرڻ، عطر لڳائڻ، ڏندڻ ڪرڻ ۽ نڪاح ڪرڻ.
- ابن ماجه ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو: ٻن محبت ڪرڻ وارن لاءِ نڪاح جهڙي ٻئي ڪابه شيءِ نه لکي وئي آهي. (يعني جن ٻن فردن يا خاندانن ۾ محبت پيدا ڪرڻ هجي ته انهن ۾ هڪ ٻئي سان سڱابندي ڪيو ته محبت پيدا ٿيندي).
- ترمذي شريف ۽ مشڪوات ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت

www.maktabah.org

آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جڏهن توهان کان اهڙو ماڻهو نڪاح ڪرائڻ جي گهر ڪري، جنهن جي دينداري ۽ اخلاقن کي اوهان پسند بہ ڪيو ٿا، پوءِ ضرور ان جو نڪاح ڪرايو. جيڪڏهن ائين نہ ڪندؤ تہ زمين ۾ فتنا ۽ فساد پيدا ٿيندا.

❀ بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: عورت کي چئن شين ۾ نڪاح لاءِ پسند ڪيو ويندو آهي، ان جي مال سبب، خاندان سبب، حُسن سبب ۽ دين سبب، پر مان حڪم ٿو فرمايان تہ، اوهان دين جي سبب عورت سان نڪاح ڪجو.

❀ مسند امام احمد ۾ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ فرمايو: اوهان دينداري ۽ سُهڻن اخلاقن واري عورت سان نڪاح ڪيو.

❀ ابن ماجہ ۾ حضرت ابو امامہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: مؤمن جي لاءِ الله جي خوف کان بعد بهتر نعمت نيڪ زال آهي، جيڪا مڙس جي فرماندار هجي ۽ مڙس جي غير موجودگي ۾ پنهنجي ذات ۽ مڙس جي مال جي خيرخواهي ۽ حفاظت ڪندڙ هجي.

❀ بيهقي شريف ۾ حضرت عبيد بن سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو: جيڪو شخص منهنجي فطرت سان محبت رکي ٿو، اُهو منهنجي سنت تي عمل ڪري ۽ نڪاح منهنجي سنتن مان آهي.

دنيا جي ترڪ خاطر نڪاح نہ ڪرڻ

اي عزيز، ڪجهہ ماڻهو، الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ذڪرو فڪر ۾ مشغول رهڻ خاطر ۽ دنيا کي ترڪ ڪرڻ خاطر، نڪاح نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪندا آهن، حالانڪہ اهو شريعت ۾ جائز ناهي، ڇو تہ رسول الله ﷺ جن جي عمل مبارڪ مان ثابت آهي تہ نڪاح اعليٰ عبادت آهي، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ حضور ﷺ بہ نڪاح ترڪ ڪري، ترڪ دنيا جي زندگي گذارين ها. حضور

www.maktabah.org

حضور ﷺ جن جي مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون رضي الله عنه جن کان دنيا کي ترک ڪرڻ ۽ سڄي عمر عبادت ڪرڻ لاءِ نڪاح نہ ڪرڻ جي اجازت گهري، مگر حضور ﷺ جن اجازت نہ ڏني. جيئن بخاري ۽ مسلم شريف ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت عثمان بن مظعون رضي الله عنه کي بي نڪاح رهڻ جي اجازت نہ ڏني. جيڪڏهن حضور ﷺ جن ان کي شادي نہ ڪرڻ جي اجازت ڏين ها تہ ضرور اسان بہ پاڻ کي خصي ڪري ڇڏيون ها. يعني نفساني خواهشون ڇڏي. صرف الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃون ها، پر حضور ﷺ جن اها اجازت نہ ڏني. بلڪہ نڪاح ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ نڪاح کي سنت قرار ڏنائون. ان ڪري حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ نفلن پڙهڻ کان سنت نڪاح افضل آهي.

نڪاح جون برڪتون ۽ فائدا

- نڪاح جي ذريعي انساني نسل ۽ خصوصي طور رسول الله ﷺ جن جي پاڪ اُمت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ اُمت جي گهڻائي سبب حضور جن قيامت جي ڏينهن فخر فرمائيندا.
- نڪاح جي ذريعي اولاد جي نعمت نصيب ٿئي ٿي، جيڪا ماءُ پيءُ لاءِ پوڙهائپ ۾ سهارو بڻجي ٿي.
- اولاد جي سُٺي تربيت ۽ پرورش ڪندڙ مسلمان، الله تعاليٰ جي ربوبيت واري صفت جو مظهر بڻبو آهي.
- ماءُ پيءُ جي انتقال سبب، نيڪ صالح اولاد جون دعائون والدين لاءِ بخشش ۽ نجات جو سبب بڻبيون آهن.
- اولاد جي ڪري انسان جي دل ۾ رحم ۽ همدردي پيدا ٿيندي آهي.
- شادي کان پوءِ جيڪڏهن ٻارڙا ننڍي عمر ۾ گذاري وڃن تہ بہ ماءُ ۽ پيءُ لاءِ بخشش جو سبب بڻبا آهن.
- نڪاح جي برڪت سان انساني شهوت جو زور ٽٽي ويندو آهي ۽ شيطاني ڪمن کان محفوظ رهندو آهي.

www.maktabah.org

❀ قرآن پاڪ جي سورت اعراف ۾ ارشاد آهي ته انسان کي سندس گهر واري مان سڪون ۽ آرام حاصل ٿيندو آهي.
❀ نيڪ سيرت گهرواري پنهنجي مڙس جي ڏک سک ۾ شريڪ هوندي آهي ۽ مڙس جي پريشانين ۽ مسئلن ۾ مددگار هوندي آهي.
❀ اولاد جي شادي وهاڻ سبب نوان رشتا، مائٽيون، محبت ۽ ڀائيچارو وڌندو آهي.
❀ زنا سبب ڇاول ٻار نڌڻڪو، بي سهارو ۽ سڄي زندگي خاندانن لاءِ شرمساري جو سبب هوندو آهي، پر نڪاح جي ذريعي پيدا ٿيل اولاد سڄي خاندان لاءِ خوشي جو سبب هوندو آهي.
❀ نڪاح سان پيدا ٿيل اولاد جي سُٺي تعليم ۽ تربيت ٿيندي آهي، جنهن سبب عابد، زاهد، عالم، فاضل، قاري، حافظ، متقي ۽ پرهيزگار اولاد، والدين لاءِ شفاعت ۽ بخشش جو وسيلو بنبا آهن.

مختلف اقوال

❀ حضرت عيسيٰ عليه السلام فرمايو: اکيون هيٺ رکو ۽ پاڻ کي تکي نهارڻ کان بچايو، ڇو ته اکين ذريعي ئي دل ۾ شهوت جو ٻج پيدا ٿيندو آهي.
❀ حضرت دائود عليه السلام پنهنجي فرزند حضرت سليمان عليه السلام کي نصيحت ڪندي فرمايو: اي پٽ! شينهن ۽ نانگ جي پٺيان ڀلي وڃجانءِ، پر ڪنهن ڏاري عورت جي پٺيان نه وڃجانءِ.
❀ هڪ صوفي جي ڳالهه آهي ته ان هڪ بداخلاق عورت سان نڪاح ڪيو ۽ هر وقت ان جي تڪليفن کي برداشت ڪندو رهندو هو. ڪنهن ماڻهو چيس ته اهڙي بداخلاق زال کي طلاق ڇو نٿو ڏيئي ڇڏين؟ تڏهن چيائين، مون کي اهو خوف آهي متان ڪو ٻيو هن جي ڪري مصيبت ۾ پوي.
❀ حضرت سعيد بن مسيب فرمائي ٿو ته نفس شيطان ڪنهن مان به نااميد نه ٿيو آهي، جيڪو عورتن ذريعي فتنن جا ڄار وڇائيندو رهي ٿو. حضرت سعيد جي عمر چوراسي سال ٿي چڪي هئي ۽ اکين کان معذور ٿي چڪو هو، مگر ان وقت به فرمائيندو هيو ته: مون کي عورتن جي فتني کان وڌيڪ ٻي ڪنهن شيءِ جو خوف ناهي.

www.maktabah.org

حضرت رابعہ عدويہ جو خط

حضرت محمد بن سليمان هاشمي بابت واقعو آهي تہ ان وٽ روزانو اسي هزار درهمن جو اَن ايندو هيو. هڪ ڀيري ڪجھہ ماڻهن ۽ عالمن کان پڇيائين تہ آئون ڪنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ چاهيان ٿو ٻڌايو تہ ڪنهن سان نڪاح ڪيان؟ سڀني چيو تہ بي بي رابعہ عدويہ سان نڪاح ڪرين تہ مناسب آهي. ان بعد بيبي رابعہ ڏي خط ۾ لکيائين تہ الله تعاليٰ مون کي گهڻو ڪجھہ ڏنو آهي، ايتري قدر جو مون وٽ روز اسي هزار درهمن جو اَن اچي ٿو. جيڪڏهن اوهان مون سان نڪاح ڪريو تہ اهو سڀ مال اوهان لاءِ آهي. ان جي جواب ۾ بي بي صاحبہ خط ۾ هن طرح لکيو" دنيا ۾ زهد ڪرڻ سان دل کي آرام ۽ بدن کي فرحت آهي ۽ زهد کان منهن ڦيري پنهنجي طرف رغبت رکڻ رنج ۽ غم جو سبب آهي، تنهن ڪري اوهان کي گهرجي تہ هن خط پهچڻ شرط پنهنجي آخرت لاءِ ثمر ڳاهڻ ۾ مشغول ٿيو ۽ پنهنجي نفس جا وصي ٿيو تہ جيئن ٻين کي تنهنجي ميراث ورهائڻ ۾ وصي جي حاجت نہ رهي. سڄي عمر روزا رک ۽ موت وقت افطاري ڪر، منهنجو تہ هي حال آهي جو جيڪڏهن خداوند ڪريم مون کي ايترو مال عطا ڪري، جيترو اوهان کي ڏنو اٿس يا ان کان ٻيڻو يا ٽيڻو تہ بہ مون کي الله تعاليٰ جي ياد، ذڪر ۽ فڪر کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ شيءِ مان خوشي ۽ سڪون حاصل نہ ٿيندو".

هڪ اصحابي سڳوري جي گهرواري

حضرت پير سائين سيد محمد راشد قدس سره ملفوظات شريف ۾ فرمائن ٿا تہ هڪ اصحابي سڳوري جي نياڻي پرڻجڻ کان انڪار ڪيو. هن خيال کان تہ سندس ٿيندڙ مڙس گهر ۾ مهمان آڻيندو ۽ مون کان مهمانن جي خدمت نہ پهچندي، پر جيڪهن ڪو مهمان نہ آڻڻ جو واعدو ڪري تہ ان سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي. آخر هڪ اصحابي سڳوري گهر ۾ مهمان نہ آڻڻ جو واعدو ڪيو. پوءِ نياڻي جي شادي ان اصحابي سان ٿي، ان بعد سندس مڙس گهڻو ڪري گهر ۾ ئي رهندو هو تہ جيئن واعدي پاڙڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي. بس نماز جي تڪبير ٻڌي نماز لاءِ ويندو هو ۽ فرض پڙهي سنتون بہ اچي گهر پڙهندو هو. اتفاق سان هڪ ڀيري سندس ڪو پراڻو دوست ڪيس مليو، واعدو ياد هوندي بہ حق

www.maktabah.org

مهماني سبب، ڪيس مهمان بنائڻ جو فيصلو ڪيائين. هوڏانهن سندس گهرواري ٻاهران پنهنجي مڙس سان گڏ هڪ مهمان ايندو ڏٺو ۽ گهر وٽ اچڻ تي ڪيس ٻن جي بجاءِ ٽي ماڻهو نظر آيا ۽ دروازي ڪان اندر وري چار ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا. مهمان جي خدمت چاڪري ڪرڻ ڪان پوءِ اُهي جڏهن گهر ڪان ٻاهر نڪتا ته مائي ڪي پنج ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا، تڏهن هي عجب ۾ پئجي وئي. پوءِ اها حقيقت حضور سرور ڪائنات ﷺ جن کي عرض رکي وئي. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايائون ته مائي کي مهمان گڏجڻ وقت هي ٻه ڄڻا ۽ پوءِ ٽيون سندن روزي ۽ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت چوٿون برڪت جي صورت نظر آئي هئي ۽ موٽ تي پنجون ماڻهو اُها "زحمت" هئي جيڪا مهمان جي برڪت سان گهر مان نڪري وئي. ان ڳالهه ٻڌڻ بعد اصحابي سڳوري جي گهرواري مهمانن بابت پابندي وارو شرط واپس ورتو.

اولاد جي شادي ڪرائڻ

اي عزيز، ماءُ پيءُ مٿان لازم آهي ته جڏهن اولاد جوان ٿئي ته انهن جي شادي ڪرائي وجي، مگر شادي ۾ مرد ۽ عورت جو رضامند هجڻ ضروري آهي، جو ته اسلام ۾ زبردستي ناهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: بيواهه عورت جو ايستائين نڪاح نه ڪيو وڃي جيستائين ان کان اجازت نه ورتي وڃي. اهڙيءَ طرح ڪنواري عورت جو به نڪاح نه ڪيو وڃي، جيستائين ان کان پڇيو نه وڃي. بيهقي شريف ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جڏهن گهر ۾ ٻار پيدا ٿئي ته ان تي سهڻو نالو رکو، ان جي سهڻي تربيت ڪريو ۽ جڏهن بالغ ٿئي ته ان جي شادي ڪرايو. جيڪڏهن بالغ ٿيڻ بعد ان کان ڪو گناهه ٿئي ته ان جي گناهه ۾ ان جو پيءُ به شريڪ هوندو. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جڏهن ٻار هڪ هفتي جو ٿي وڃي ته ان جو عقيقو ڪيو، ان جو نالو رکو ۽ ان کي پاڪ ڪيو. جڏهن ڇهن سالن جو ٿئي ته ان کي اخلاق ۽ آداب سيکاريو. جڏهن نو سالن جو ٿئي ته ان کي الڳ سمهاريو. تيرهن سالن جو ٿئي ته نماز نه پڙهڻ تي ان کي سزا ڏيو ۽ سورهن سالن جو ٿئي ته ان جي شادي ڪرايو.

www.maktabah.org

حڪايت: حضرت نوح بن يزيدالجامع پنهنجي نياڻي جي شادي جو ارادو ڪيو ۽ پنهنجي هڪ مجوسي پاڙيسري کان مشورو ورتائين ته آئون پنهنجي نياڻي جو ڪنهن سان نڪاح ڪرايان؟ مجوسي چوڻ لڳو: سبحان الله ماڻهو اوهان کان فتوائون وٺندا آهن ۽ اوهان مون جهڙي مجوسي کان مشورو ٿا وٺو. بزرگ فرمايو ته توکي هر حال ۾ مون کي مشورو ڏيڻو پوندو. پوءِ ان مجوسي تمام سهڻو جواب ڏيندي چيو: فارس جو بادشاهه ڪسريٰ چوندو آهي ته پنهنجي ڌيءَ جي شادي لاءِ ڪنهن دولتمند کي ڳوليو. روم جو بادشاهه قيصر شاديءَ لاءِ حسن جمال ۽ خوبصورتي کي فوقيت ۽ ترجيح ڏيندو هو. پر اوهان جي سردار حضرت محمد ﷺ نياڻي جي شادي لاءِ فقط دين کي ترجيح ڏني آهي ته پنهنجي پٽن جي شادي نيڪ ۽ ديندار عورتن سان ڪيو ۽ پنهنجي نياڻين جو نڪاح نيڪ ۽ ديندار مردن سان ڪيو. اي نوح، هاڻي وڌيڪ اوهان جي مرضي آهي.

شاديءَ بابت ضروري هدايتون

- ❀ جواني جي شروعات يا ننڍي عمر ۾ شادي ڪرڻ صحت لاءِ نقصانڪار آهي ڇو ته ان عمر ۾ انساني عضوا وڌندا آهن ۽ عضون ۾ طاقت پختگي ۽ پڪائي پيدا ٿيندي آهي. جيڪڏهن ان عمر ۾ شادي ٿي ته اعصاب جي مضبوط ٿيڻ کان پهرين جسم جو جوهر ختم ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ چند سالن بعد نوجوان مايوسي جو شڪار ٿي ويندو آهي.
- ❀ بي جوڙ رشتا طئي ڪرڻ، گهوٽ ۽ ڪنوار جي عمر، اخلاق ۽ علم جو لحاظ نه رکڻ، ٻنهي خاندانن لاءِ مصيبت جو باعث بڻبو آهي ۽ گهر ۾ فتنا فساد ۽ اختلاف شروع ٿيندا آهن.
- ❀ رشتو طئي ڪرڻ وقت فقط مال، دولت، خوبصورتي يا اعليٰ خاندان ڏسڻ جهالت آهي، بلڪ ٻنهي پاسي ديني افعال، سهڻا اخلاق، ادب ۽ حيا، سهڻا خيال ۽ نيڪ سيرت ڏسڻ افضل آهي ۽ اهڙي جوڙ کي الله ۽ ان جي رسول ﷺ پسند فرمايو آهي.
- ❀ گهر ۽ خاندان ۾ فساد، نااتفاقي ۽ جهيڙن جو اصل سبب بي جوڙ رشتا طئي ڪرڻ هوندو آهي. زال ۽ مڙس ۾ هم آهنگي ۽ اتفاقي نه هجڻ سبب گهريلو

www.maktabah.org

زندگي زهر ٻڌجي ويندي آهي. زال مڙس جي اختلاف ۽ جهيڙن سبب اولاد تي به انتهائي خراب اثر پوندو آهي ۽ نه رڳو اولاد ذهني دٻاءَ جو شڪار ٿيندو آهي بلڪ ماءُ ۽ پيءُ جي محبت، ادب ۽ حيا ان مان نڪري ويندو آهي.

❀ عاقل بالغ عورت جو، نابالغ ٻار سان نڪاح ڪرائڻ جائز ناهي.

زال ۽ مڙس جا حقوق

اي عزيز، شرعي نڪاح کان پوءِ مرد ۽ عورت، پيار ۽ محبت جي هڪ مضبوط قلعي ۾ محفوظ ٿيندا آهن ۽ نئين گهر آباد ٿيڻ جو آغاز ٿيندو آهي. جنهن جي ڪاميابي جو دارومدار زال ۽ مڙس جي باهمي طور طريقن، اخلاقن ۽ هڪ ٻئي جي حقن جي ادائگي ۾ آهي.

❀ مستدرڪ حاڪم ۾ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: عورت تي سڀني کان وڏيڪ حق مڙس جو آهي.

❀ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪا عورت پنج وقت نماز پڙهي، رمضان شريف جا روزا رکي، پنهنجي شرمگاهه جي حفاظت ڪري ۽ پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪري، اُها جنت جي جنهن دروازي مان چاهي داخل ٿئي.

❀ ابن ماجه ۾ حضرت اُم سلمه رضي الله عنها کان روايت آهي ته حضور ﷺ فرمايو: جيڪا عورت وفات ڪري وڃي ۽ ان جو مڙس ان عورت کان راضي هيو ته، اُها عورت جنت ۾ داخل ٿيندي.

❀ گهرواريءَ لاءِ لازم آهي ته گهريلو ماحول ۾ ڳالهائڻ ۾، مڙس جو ادب ڪري، مڙس جي خدمت ڪري ۽ مڙس جي سڪون ۽ آرام جو انتظام ڪري.

❀ مڙس جو ڪم، گهر کي آباد رکڻ لاءِ حلال رزق ڪمائڻ آهي ۽ عورت تي لازم آهي ته مڙس جي ڪمايل مال کي جائز ڪمن ۾ ڪفايت سان خرچ ڪري ۽ بچيل مال ۾ خيانت نه ڪري ۽ گهر ٻارن جي حفاظت ڪري.

❀ بخاري شريف ۾ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: جڏهن ڪا عورت پنهنجي گهر جي مال مان جائز خرچ ڪندي آهي ۽ فضول خرچي نه ڪندي آهي ته ان کي ان خرچ مطابق ثواب ملندو آهي ۽ مڙس کي ڪمائڻ جو ثواب ملندو آهي.

www.maktabah.org

❀ ترمذي ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ فرمايو: مؤمنن ۾ ڪامل ايمان وارو اُهو آهي، جنهن جا اخلاق ڀلا آهن ۽ توهان مان وڌيڪ ڀلا اُهي آهن جيڪي پنهنجي گهروارين سان سهٹو سلوڪ ڪن ٿا.

❀ ابن ماجه ۾ حضرت حڪيم بن معاويه رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ شخص حضور ﷺ کان سوال ڪيو ته زال جو مڙس تي ڪهڙو حق آهي؟ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: جهڙو کاڌو پاڻ کائي اهڙو زال کي کارائي، جهڙو پاڻ لباس پائي زال کي پارائي ۽ ان کي چهري تي ڌڪ نه هڻي ۽ نه ان کي گاريون ڏئي ۽ نه ان کي اڪيلو ڇڏي.

❀ حضرت امام غزالي عليه الرحمة "احياءالعلوم" ۾ لکي ٿو ته: زال، گهر ۽ ٻارن جو فڪر ڪرڻ، انهن جي راحت ۽ آرام لاءِ سُٺو کاڌو کارائڻ ۽ سُٺي ڪپڙو پارائڻ لاءِ خرچ ڪرڻ، جهاد برابر آهي ۽ حلال رزق لاءِ محنت ڪرڻ مڙس تي لازم آهي.

❀ ابن ماجه ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو: جنهن ماڻهو جون ٻه زالون آهن ۽ هو فقط هڪ ڏانهن وڌيڪ مائل آهي ته قيامت جي ڏينهن ان شخص جو اڌ جسم لڙڪيل هوندو. تنهن ڪري جنهن شخص جون هڪ کان وڌيڪ زالون آهن، ان لاءِ ضروري آهي ته سيني جي وچ ۾ انصاف ڪري، سيني کي هڪ جهڙو خرچ لباس، رهائش ۽ کاڌو پيتو ڏئي ۽ جيڪڏهن فقط هڪ زال کي پيائيندو ۽ ٻئي سان بُرو سلوڪ ڪندو يا ان جا حق ادا نه ڪندو ته قيامت جي ڏينهن ان شخص کان سخت پڇاڻو ٿيندو ۽ ان جو اڌ جسم مفلوج هوندو.

حڪايت: اسان جا مرشد حضرت پير سائين تجر ڏٺي قدس سره پنهنجي ملفوظات ۾ فرمائن ٿا ته: ڪنهن شخص کي هڪ نياڻي هئي، جيڪا هن پرڻائي ڇڏي. اُهو نياڻو شادي بعد پنهنجي ڪنوار سان ڪنهن ٻئي ڳوٺ لڏي ويو. ڪجهه ڏينهن بعد ڇوڪريءَ جو والد سخت بيمار ٿي پيو ۽ آخري ملاقات لاءِ پنهنجي نياڻي کي وٺي اچڻ لاءِ ڪو ماڻهو موڪليائين. نياڻي چيو ته منهنجو مڙس گهر ۾ موجود ڪونهي. ان جي اجازت کان سواءِ گهر کان ٻاهر ڪونه نڪرندس. پيءُ تي چار ڀيرا ڇوڪريءَ کي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليا، مگر

www.maktabah.org

ڇوڪريءَ پنهنجي مڙس جي اجازت کان سواءِ حاضر ٿيڻ کان معذوري ظاهر ڪئي. پوءِ جڏهن سندس مڙس آيو ته اجازت وٺي پيءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي. مگر ان جو پيءُ وفات ڪري چڪو هو ۽ ماڻهو ڪفن دفن ۾ مشغول هئا. عام ماڻهن ان ڇوڪريءَ کي طعنا مهڻا ڏنا, مگر ڇوڪري جواب ڏنو ته: شريعت ۾ عورت کي مڙس جي اجازت کان سواءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه آهي. مان شريعت جي واٽ جي خلاف قدم کڻي نٿي سگهيس. جڏهن رات ٿي ته انهيءَ فوتي شخص ماڻهن کي خواب ۾ ٻڌايو ته مان دوزخ جي لائق هيس. پر منهنجي نياڻي جي سنت جي متابعت، شريعت تي ثابت قدمي، مڙس جي اجازت کان سواءِ گهر مان نه نڪرڻ ۽ شريعت جي احترام ڪرڻ جي صدقي، الله تعاليٰ مون کي جهنم کان بچائي جنت جي لائق ڪيو آهي.

❀ بخاري شريف ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: عورتن سان سُٺو سلوڪ ڪيو، ڇو ته عورت پاسري مان پيدا ڪئي وئي آهي ۽ پاسري جو مٿيون هڏو ٽيڙو هوندو آهي، جيڪڏهن ان کي سڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندؤ ته ان کي ڀڃي وجهندو ۽ جيڪڏهن ان کي ڇڏي ڏيندؤ ته ان جو ڏِنگ هميشه رهندو.

❀ مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ڪنهن عورت کي سندس مڙس جي موجودگي ۾ سندس اجازت کان سواءِ نفلي روزي رکڻ جي به اجازت نه آهي ۽ اُها پنهنجي مڙس جي اجازت کان سواءِ ڪنهن کي گهر ۾ اچڻ جي اجازت به نه ڏئي.

❀ ترمذي شريف ۾ حضرت عمرو بن احوص رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول ﷺ فرمايو: خبردار! توهان جا پنهنجين عورتن تي حق آهن ته اُهي توهان جي بسترن تي ڌارين ماڻهن کي پير به رکڻ نه ڏين ۽ نه ئي توهان جي گهرن ۾ ڪنهن ڌاري مرد کي اچڻ ڏين ۽ توهان تي انهن جو هي حق آهي ته توهان کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي لٽي ۾ انهن سان سهڻو سلوڪ ڪريو.

عورت لاءِ پردي جو حڪم

اي عزيز، عورت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي: "اوگهڙ" ۽ هڪ عاقل بالغ آزاد عورت جو (فقط چهري هٿن ۽ پيرن کان سواءِ)

www.maktabah.org

باقي سڄو جسم اوگهڙ آهي. تنهن ڪري عورت کي بنا پردي، نامحرم ڏارين مردن آڏو هرگز نه وڃڻ گهرجي ۽ نه ڳالهائڻ گهرجي، بلڪ پرده ۾ رهڻ گهرجي. الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت "احزاب" ۾ فرمايو آهي ته "اي نبي ﷺ! پنهنجي گهروارين، پنهنجي نياڻين ۽ مؤمنن جي عورتن کي فرماءِ ته اهي پاڻ کي وڏين چادرن ۾ ويڙهي ڇڏين". قرآن پاڪ جي ان آيت ۾ "جلابيب" جو لفظ آيو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي اهڙيون وڏيون چادرون جن سان پورو جسم ڍڪجي وڃي ۽ انهن جي جسم جو ڪوبه حصو ظاهر نظر نه اچي. پردي ۾ عورت جي عزت، عظمت، شرافت ۽ عصمت آهي. گهرن ، گهٽين ۽ بازارن ۾ عورت جو سرعام بي پردگي سان گهمڻ بي حيائي ۽ فتن، گناهن ۽ معاشري جي خرابي ۽ تباهي جو ذريعو آهي. مٿين آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ پنهنجي پياري نبي ﷺ ۽ سندس پاڪ گهروارين ۽ نياڻين سان گڏ عام ايمان وارين عورتن کي به پردي ۾ رهڻ جو حڪم فرمايو آهي.

❀ ترمذي شريف جي حديث آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "عورت" اوگهڙ آهي. يعني لڪائڻ ۽ ڍڪڻ جي شيءِ آهي. جڏهن ٻاهر نڪرندي آهي ته شيطان ان کي واجهائي ڏسندو آهي.

❀ جيڪي ويجها عزيز ۽ مائٽ آهن، جن سان عورت کي نڪاح ڪرڻ حرام آهي، انهن کان سواءِ باقي ماڻهن کان پردو ڪرڻ لازم آهي. عام طرح عورتون پنهنجي مڙس جي ڀاءُ (يعني ڏير) کان پردو نه ڪنديون آهن، پر حديث شريف ۾ عورت کي ڏير کان به پردو ڪرڻ جو سختي سان حڪم ڪيل آهي.

❀ ابوداؤد شريف ۾ آهي ته حضرت اُم سلمه ۽ حضرت ميمونه رضي الله عنهما حضور ﷺ جي خدمت ۾ موجود هيون ته هڪ نابين اصحابي سڳورو حضور جن وٽ حاضر ٿيڻ لڳو. پاڻ ڪريمن ﷺ ٻنهي گهروارين کي فرمايو ته پردو ڪيو، حضرت اُم سلمه عرض ڪيو ته يارسول الله، هو ته نابين آهي. پاڻ فرمايائون ڇا اوهان به نابين آهيو؟ اوهان به ان کي نٿيون ڏسي سگهو؟ يعني جيئن هڪ مرد کي ڌارئين عورت ڏسڻ حرام آهي، تيئن عورت کي به ڌاريون مرد ڏسڻ حرام آهي. ڌارئين مرد سان ٺهڪ ڏيئي ڳالهائڻ، گڏ ويهڻ به سخت ناجائز آهي.

www.maktabah.org

عورتن جو لباس

اي عزيز، (اڄڪلهہ جي پرفتن دؤر ۾) عورت کي اهڙا تمام سنهڙا ۽ نازڪ ڪپڙا پائڻ هرگز جائز ناهن، جن مان سندس جسم ظاهر نظر اچي ۽ اهڙا سوڙها ڪپڙا بہ هرگز نہ پائڻ گهرجن، جن مان سندس جسم جا عضوا ظاهر نظر اچن. بلڪ ڪشادا ۽ ٿلها ڪپڙا ۽ وڏيون چادرون پائڻ گهرجن، جن سان سندس جسم پورو ڍڪيل نظر اچي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: اهي عورتون بہ دوزخ جي باهہ جو ڪاٺ ۽ ٻارڻ بڻبيون، جيڪي ڪپڙا پائڻ باوجود اگهاڙيون آهن. يعني انهن جا ڪپڙا ايڏا تہ سنهڙا ۽ سوڙها هوندا، جن مان انهن جو جسم ظاهر نظر ايندو. هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪي مرد لباس ۽ وضع قطع ۾ عورتن سان مشابهت ڪن ٿا. انهن تي الله جي لعنت آهي ۽ جيڪي عورتون مردن سان مشابهت ڪن ٿيون، انهن تي الله جي لعنت آهي. عورت کي سون پائڻ جائز آهي، پر مرد کي سون حرام آهي. عورت کي مينديءَ جائز آهي، پر مرد کي هٿن پيرن تي مينديءَ حرام آهي. گهڻيون عورتون وڏا ننهن رکنديون آهن، اهو ناجائز آهي، ان ۾ بيماري ۽ بي برڪتي آهي.عورت کي گهر اندر هار سينگار ڪرڻ جائز آهي، پر گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت، ماڻهن کي خوبصورتي ڏيکارڻ ۽ ڌارين مردن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ هار سينگار ڪري نڪرڻ سخت ناجائز ۽ بي حيائي آهي.

تنبيهہ: اي عزيز، هر هڪ حيادار مؤمن مسلمان لاءِ ضروري آهي تہ هو نہ فقط پاڻ انهن شرعي احڪامن تي عمل ڪري بلڪ پنهنجي گهروارن ۽ نياڻين کي اهي نصيحتون ڪري ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ جي پوري ڪوشش ڪري. پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي جهنم جي دردناڪ عذاب ۽ باهہ کان بچائي. الله تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت "تحريم" ۾ فرمائي ٿو تہ "اي ايمان وارؤ پاڻ کي ۽ پنهنجي گهروارن کي جهنم جي باهہ کان بچايو".

حديث: حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو: ديوث (اهڙو ماڻهو جنهن ۾ حيا ۽ غيرت نہ هجي ۽ اُهو پنهنجي اولاد ۽ گهر وارن کي بداخلاقين ۽ بدڪردارن کان منع نٿو ڪري ان) تي جنت جي خوشبوءِ بہ حرام آهي.

www.maktabah.org

جنتي ۽ جهنمي عورتون

ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو: جنت ۾ اُهي عورتون وينديون، جن ۾ هي صفتون هونديون، پاڪ دامن، عباد ڪندڙ، مڙس جي فرمانبرداري ڪندڙ، حيادار، صبر ڪندڙ، ٻارن جي سٺي تربيت ڪندڙ ۽ اُهي عورتون جهنم ۾وينديون جن ۾ هي عادتون هونديون، پردو نہ ڪندڙ، هار سينگار ڪري گهر ڪان ٻاهر نڪرندڙ ۽ ڌارين مردن سان ڳالهائيندڙ ۽ ڪپڙن پائڻ باوجود اگهاڙيون عورتون جهنم ۾ داخل ڪيون وينديون. حضور نبي ڪريم ﷺ جن معراج واري رات اهڙين عورتن کي ڏٺو، جيڪي پنهنجي وارن ۾ ٻڌل ۽ جهنم جي باهہ مٿان ٽنگيل هيون. حضرت جبرائيل عليہ السلام فرمايو: اي الله جا رسول ﷺ! هي اُهي عورتون آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي مڙسن کي ڇڏي ڌارين مردن لاءِ هارسينگار ڪنديون هيون.

الله تعاليٰ هر هڪ مسلمان کي هن رسالي "برڪات النڪاح وآفات الزنا" جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

وما علينا الا البلاغ المبين

☆☆☆

اين رسالہ ست بے نظير در دفع آفات زنا کہ حکيم بے نظير طبيب بے بدل حکيم زبدت الحکماءِ غلام نبي صاحب ڈاکٹر لاهوري تصنيف کرده و در آن خوب دلائل و روايات کرده کہ مثلش ديگر ممثال نتواند گشت.

جزاه الله عنہ المؤمنين خير الجزاءِ - والسلام

الفقير عبدالغفور المتوطن همايون من تعلقات شڪارپور - ضلع سکر

www.maktabah.org

الزكواة الواجب
علي الموسرين

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمدلله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوة والسلام علي سيد الانبياءِ والمرسلين سيدنا ومولانا محمد و علي آله واصحابه اجمعين.

اَما بعد: سيني مسلمانن کي خبر آهي تہ دين اسلام جو بنياد جن پنجن شين تي آهي، اُهي کلمہ شهادت، نماز، روزا، حج ۽ زکوات آهن. الله تعاليٰ قرآن پاک ۾ نماز جي ذکر سان گڏوگڏ زکوات ادا ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. تنهن ڪري هر صاحبِ نصاب شخص مٿان سال ۾ هڪ ڀيرو سندس مال جي چاليهين پتي بطور زکوات ڪڍڻ فرض آهي. زکوات جي لفظي معنيٰ: "پاک ڪرڻ" آهي ڇو تہ زکواة ڪڍڻ سان مال پاک ٿيندو آهي، مال ۾ برکت پوندي آهي ۽ اسلام جو معاشي نظام درست ٿيندو آهي. تمام گهڻا عام ماڻهو، زکوات جي مسئلن ۽ احکامن کان بي خبر آهن، ان ڪري انهن جي رهنمائي لاءِ شمس الهندوالسند حضرت پير سائين سيد شاه مردان شاه قدس سره جن جي حڪم مبارک تحت هي رسالو "الزکواة الواجب علي الموسرين" لکيو ويو آهي، جنهن کي پاڻ پنهنجي ذاتي خرچ تي ڇپرائي جماعت ۾ في سبيل الله تقسيم ڪيائون. ان کان علاوه هن رسالي ۾ چند ٻين مسئلن (عشر، صدقہ فطر، عقيقہ ۽ قرباني وغيره) متعلق بہ ڪجهہ ضروري مسئلن کي بيان ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي صدقي هر هڪ مسلمان کي ان اهم فريضي جي ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

زکوات بابت الله تعاليٰ جو ارشاد آهي :

" واقيمو الصلاة وآتوا الزکاة" (سورت بقره آيت 110)

(۽ نماز قائم ڪيو ۽ زکوات ڏيو).

ٻئي هنڌ ارشاد آهي تہ:

"ان الذين آمنو وعملوا الصالحات واقامو الصلواة وآتوا الزکاة لهم اجرهم عند ربهم ولا خوف عليهم ولا هم يحزنون"

(سورت بقره آيت 277)

www.maktabah.org

(بيشڪ اُهي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ نماز قائم ڪيائون ۽ زڪوات ڏنائون، انهن جي لاءِ سندن رب وٽ اجر آهي ۽ انهن تي نه خوف آهي ۽ نه ئي غمگين ٿيندا).

زڪوات بابت رسول الله ﷺ جن جا فرمان

❀ بخاري شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: "جنهن شخص کي الله تعاليٰ مال ڏنو ۽ ان پنهنجي مال جي زڪوات ادا نه ڪئي ته قيامت جي ڏينهن اُهو مال گنجي نانگ جي صورت ۾ آندو ويندو جنهن جي مٿي تي ٻه نشان هوندا، جيڪو زڪوات نه ڏيندڙ جي ڪنڌ ۾ وڌو ويندو پوءِ اُهو نانگ ان شخص جون واڇون چيري چوندو، آئون تنهنجو مال آهيان، آئون تنهنجو خزانو آهيان".

❀ مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور اڪرم ﷺ فرمايو: "جيڪو شخص سون ۽ چاندي جو مالڪ آهي ۽ انهن جي زڪوات ادا نٿو ڪري ته قيامت جي ڏينهن انهيءَ مال کي جهنم جي باهه ۾ تپائي ان جي پيشاني ۽ پٺي تي ڏنب ڏنا ويندا ۽ اهو سلسلو پنجاهه هزار سالن تائين جاري رهندو".

❀ بخاري ۽ مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: "ناهي اهڙو ڪو به سون ۽ چاندي جو مالڪ جيڪو زڪوات ادا نٿو ڪري، مگر جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته ان سون ۽ چاندي کي جهنم جي باهه ۾ گرم ڪري ان جي پيشاني ۽ پٺي تي ڏنب ڏنا ويندا ۽ اهو عذاب پنجاهه هزار سالن تائين جاري رهندو، ايستائين جو ٻانهن ۾ فيصلو ڪيو وڃي. اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته: اُٺن جو ڇا حڪم آهي؟ پاڻ فرمايائون ته: "ناهي اهڙو ڪو به اُٺن جو مالڪ جيڪو انهن جو حق (زڪوات) ادا نٿو ڪري، مگر قيامت جي ڏينهن ان کي ڪليل ميدان ۾ اونڌو ڪري اُڇلايو ويندو ۽ اُهي اُٺ ان کي پنجاهه هزار سالن تائين لتاڙيندا رهندا". اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته ڍڳين ۽ ٻڪرين بابت ڪهڙو حُڪم آهي؟ پاڻ فرمايائون ته : "ناهي ڪو به ڍڳين ۽ ٻڪرين جو مالڪ، جيڪو انهن جو حق (زڪوات) ادا نٿو ڪري، مگر قيامت جي ڏينهن ان کي به ميدان ۾ اونڌو اُڇلايو ويندو ۽ اُهي ٻڪريون ۽ ڍڳيون ان

www.maktabah.org

ڪي بہ پنجاھہ هزار سالن تائين پنهنجي پيرن ۾ سگهن سان لتاڙيندا رهنديون، ايستائين جو ٻانهن ۾ حساب ۽ فيصلو ڪيو ويندو. پوءِ اُهي پنهنجو رستو جنت يا جهنم ڏانهن ڏسي وٺندا".

❀ابو دائود شريف ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ اوهان تي زڪوات ان ڪري فرض ڪئي آهي تہ اوهان جي باقي مال کي پاڪ ڪري ۽ ميراث ان ڪري فرض ڪئي آهي تہ جيئن اُهو پاڪ مال اوهان کان پوءِ وارن کي سندن حقن مطابق ملي".

❀ ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجہ ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: "جيڪو بہ شخص پنهنجي مال جي زڪوات ادا نٿو ڪري تہ قيامت جي ڏينهن سندس اُهو مال نانگ جي صورت ۾ اٿي ان جي ڪنڌ ۾ وڌو ويندو". پوءِ حضور جن سورت "آل عمران" جي هيءَ آيت شريف پڙهي: "جن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان، جيڪو مال ڏنو آهي ان ۾ پنهنجي ڪنجوسي کي پنهنجي لاءِ بهتر خيال نہ ڪن، بلڪہ اهو انهن لاءِ بدترين آهي. عنقريب قيامت جي ڏينهن انهن جي ڪنجوسي واريون شيون، انهن جي ڪنڌن ۾ طوق ڪري وڌيون وينديون".

قرآن پاڪ جو فيصلو

اي عزيز! جيڪي ماڻهو مال کي خزانو ڪري رکن ٿا ۽ الله جو حق ادا نٿا ڪن، انهن بابت ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

"۽ جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي کي خزانو ڪري رکن ٿا ۽ ان کي الله جي واٽ ۾ خرچ نٿا ڪن، پوءِ انهن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌاءِ، جنهن ڏينهن ان خزاني کي دوزخ جي باھہ ۾ تپايو ويندو پوءِ انهن جي پيشانين ۽ پاسن ۽ پٺين کي ڏنڀ ڏنا ويندا (۽ کين چيو ويندو) هاڻي پنهنجي خزانن جو مزو چکي وٺو، جيڪو توهان دنيا ۾ گڏ ڪيو هو". (سورت توبہ آيت 35-34)

تنبيهہ: اي عزيز! قرآن پاڪ جي آيتن ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جي فرمانن مان الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪرڻ ۽ صاحبِ نصاب ماڻهن تي زڪوات جي فريضي جي ادائيگي جا احڪام چڱيءَ طرح ثابت ٿي چڪا آهن. تنهن ڪري مؤمن مسلمانن لاءِ ضروري آهي تہ الله تعاليٰ جي انهيءَ فرض ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ڪئي وڃي.

www.maktabah.org

جن شين تي زڪوات واجب ٿئي ٿي

زڪوات مال جي ان مقرر حصي کي چئبو آهي جيڪو هڪ قمري (اسلامي) سال گذرڻ بعد شرعي احڪامن مطابق ڪنهن شرعي حقدار کي ڏنو وڃي. مال جا چار قسم آهن جن تي زڪوات واجب ٿيندي آهي:

(1) سون، چاندي (2) واپاري مال (3) چرندڙ پالتو جانور (4) پوک ۽ وڻ.

زڪوات جو نصاب

نصاب مال جو اُهو مقدار آهي، جنهن تي شريعت مطابق زڪوات جو حڪم لاڳو ٿيندو آهي. جيڪو نصاب جو مالڪ آهي، ان تي زڪوات فرض آهي ۽ جنهن جو مال شرعي نصاب کان گهٽ آهي تہ ان تي زڪوات واجب ناهي. شرعي نصاب جو تفصيل هن طرح آهي:

سون جو نصاب :	ساڍا ست تولا
چاندي جو نصاب:	ساڍا ٻاونجاهہ تولا
اُٺن جو نصاب:	پنج اُٺ
ڍڳين ۽ مينهن جو نصاب:	ٽيهہ ڍڳيون يا مينهون
ٻڪرين جو نصاب:	چاليهہ ٻڪريون
تجارتي مال جو نصاب:	جيڪو ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي جي قيمت جي برابر هجي.

سون ۽ چانديءَ جي زڪوات

سون ۽ چاندي مٿي بيان ڪيل مقدار برابر يا ان کان وڌيڪ آهي تہ هائي زڪوات ڏيڻ واجب آهي. ان جو طريقو هي آهي تہ موجوده قيمت جي حساب سان سموري مال جي قيمت لڳائي ويندي، ان کان پوءِ ان جي چاليهين پتي زڪوات طور ڪڍي ويندي، اهڙيءَ طرح واپار واري مال لاءِ بہ اهو حڪم آهي:

يعني: هڪ سؤ روپين تي - اڍائي روپيہ زڪوات ٿيندي

www.maktabah.org

هڪ هزار روپين تي -	پنجويهه روپيه زڪوات ٿيندي
پنجاهه هزارن تي -	ساڍا ٻارنهن سؤ روپيه زڪوات ٿيندي
هڪ لک روپين تي -	پنجويهه سؤ روپيه زڪوات ٿيندي

اهڙيءَ طرح اڳتي حساب لڳايو ويندو.

ٻڪرين ۽ رڍن جي زڪوات

چاليهن کان گهٽ ٻڪرين يا رڍن تي زڪوات واجب ناهي، پر چاليهه يا چاليهن کان وڌيڪ آهن ته هيٺين تفصيل موجب زڪوات ادا ڪئي ويندي:

40 کان 120	ٻڪرين تي -	هڪ ٻڪري
121 کان 200	ٻڪرين تائين -	ٻه ٻڪريون
200 کان 400	ٻڪرين تائين -	ٽي ٻڪريون
400 کان 499	ٻڪرين تائين -	چار ٻڪريون
500 کان 599	ٻڪرين تائين -	پنج ٻڪريون

اهڙيءَ طرح اڳتي هر سؤ تي هڪ ٻڪري يا هڪ رڍ وڌائي ويندي.

مسئلو: جيڪڏهن رڍون ۽ ٻڪريون گڏيل آهن ته ٻه انهن کي هڪ جنس طور شمار ڪيو ويندو ۽ تعداد ۾ جيڪا جنس وڌيڪ هوندي ته ان جنس مان زڪوات ڏني ويندي. مثال طور: ٽيهه رڍون ۽ ڏهه ٻڪريون آهن ته هڪ رڍ زڪوات ۾ ڏني ويندي، پر جي ٽيهه ٻڪريون ۽ ڏهه رڍون آهن ته پوءِ هڪ ٻڪري زڪوات ۾ ڏني ويندي.

ڍڳين ۽ مينهن جي زڪوات

گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه ڍڳين يا مينهن هجڻ تي زڪوات واجب ٿيندي آهي، جيڪي جهنگ ۾ چرندڙ هجن، انهن جو نصاب هن طرح آهي:

30 کان 39 تائين -	هڪ سال جو گابو يا گابي
40 کان 59 تائين -	ٻن سالن جو گابو يا گابي
60 کان 69 تائين -	هڪ هڪ سال جا ٻه گابا
70 کان 79 تائين -	هڪ عدد، هڪ سال جو گابو ۽ هڪ عدد، ٻه ساله گابو

www.maktabah.org

80 کان 89 تائين	-	ٻہ عدد ٻن ٻن سالن جا ڳابا
90 کان 99 تائين	-	هڪ سال جا ٽي عدد ڳابا
100 کان 109 تائين	-	هڪ عدد، ٻہ سالہ ڳابو ۽ ٻہ عدد هڪ سالہ ڳابا

اُٺن جي زڪوات

پنجن کان گهٽ اُٺن هجڻ تي زڪوات ناهي، پنج يا پنجن کان وڌيڪ اُٺن تي هن ريت سان زڪوات واجب ٿيندي آهي:

5 کان 9 تائين	-	هڪ ٻڪري
10 کان 14 تائين	-	ٻہ ٻڪريون
15 کان 19 تائين	-	ٽي ٻڪريون
20 کان 24 تائين	-	چار ٻڪريون
25 کان 35 تائين	-	هڪ سالہ اُٺڙي هڪ عدد
36 کان 45 تائين	-	ٻہ سالہ اُٺڙي هڪ عدد
46 کان 60 تائين	-	ٽہ سالہ اُٺڙي هڪ عدد
61 کان 75 تائين	-	چار سالن جي اُٺڙي هڪ عدد
76 کان 90 تائين	-	ٻن ٻن سالن جون ٻہ عدد اُٺڙيون
91 کان 124 تائين	-	ٽن ٽن سالن جون ٻہ عدد اُٺڙيون
125 کان 129 تائين	-	هڪ ٻڪري ۽ ٽن ٽن سالن جون ٻہ اُٺڙيون
130 کان 134 تائين	-	ٻہ ٻڪريون ۽ ٽن ٽن سالن جون ٻہ اُٺڙيون
135 کان 139 تائين	-	ٽي ٻڪريون ۽ ٽن ٽن سالن جون ٻہ اُٺڙيون
140 کان 144 تائين	-	چار ٻڪريون ۽ ٽن ٽن سالن جون ٻہ اُٺڙيون

زڪوات جا مصرف يا حقدار

زڪوات جي رقم يا مال ڪنهن کي ڏجي؟ ان بابت الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

انما الصدقات للفقراءِ والمساكين والعاملين عليها والمؤلفة قلوبهم وفي الرقاب والغارمين وفي سبيل الله وابن السبيل فريضة من الله والله عليم حكيم. (سورت توبه آيت 60)

www.maktabah.org

(بيشڪ صدقات، فقيرن ۽ مسڪينن لاءِ آهن ۽ انهن لاءِ آهن جيڪي ان ڪم تي مقرر آهن ۽ اُهي جن جي دلين ۾ لاڙو آهي ۽ ٻانهن جي آزاد ڪرائڻ ۽ قرضدارن لاءِ ۽ الله جي راهه ۾ ۽ مسافرن لاءِ آهن. اهو الله جي طرفان فرض آهي ۽ الله علم ۽ حڪمت وارو آهي).

(1) **فقراءِ**: فقير مان مراد اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي مشقت لاءِ ٻين جو محتاج هجي. اهو لفظ سيني ضرورتمندن لاءِ آهي، چاهي اُهو جسماني نقص يا پوڙهائپ جي ڪري مستقل طور محتاج ٿي ويو هجي. مثال طور: يتيم ٻار، بيواهه عورتون، بيروزگار ماڻهو ۽ اوچتي حادثي جو شڪار ٿيل، جيڪي تنگي ۽ سُجائي باوجود ڪنهن کان سوال نٿا ڪن.

(2) **مساڪين**: حالتن هٿان تباهه ٿيل ماڻهو، جيڪي تندرست هئڻ باوجود روزگار نه ملڻ سبب مسڪيني ۽ سُجائي جو شڪار آهن.

(3) **عاملين**: عاملين مان مراد اهي ماڻهو آهن جن کي اسلامي حڪومت، ماڻهن کان زڪوات وصول ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هجي ۽ جيتوڻيڪ اُهي شاهوڪار هجن ته به انهن جي پگهار وغيره زڪوات جي مال مان ادا ڪئي ويندي. پر اڄ جي دؤر ۾ شرعي عاملين نه آهن.

(4) **مؤلفة قلوب**: ان مان مراد نوان مسلمان آهن ۽ انهن کي زڪوات ان ڪري ڏني ويندي آهي، ته جيئن اهي اسلام ۾ اچڻ کان پوءِ خوشحالي ۽ دل جو اطمينان محسوس ڪن ۽ مايوسي سبب ڪين واپس ڪفر ڏانهن موٽڻ جو خيال نه اچي. تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي به زڪوات ڏيڻ جو ارشاد آهي، پر اڄ جي دؤر ۾ اهي مصارف ۾ شمار نٿا ڪيا وڃن.

(5) **رقاب**: هڪ مسلمان ٻانهي کي غلامي مان آزاد ڪرائڻ لاءِ زڪوات ڏيئي سگهجي ٿي، پر اڄ جي دؤر ۾ غلامن جو رواج نه آهي.

(6) **غارمين**: اُهي ماڻهو جيڪي سخت قرضن ۾ ورتل آهن، جنهن ڪري تنگ دستي جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، انهن کي به زڪوات ڏيئي سگهجي ٿي.

(7) **في سبيل الله**: في سبيل الله جا الفاظ تمام وسيع معنيٰ رکن ٿا، نيڪ ڪم تمام گهڻا آهن. مثال طور: دين اسلام جي تعليم پرائيندڙ طلباءِ

www.maktabah.org

ڪرام، دين اسلام جي سربلندي لاءِ جهاد ڪندڙ الله جي راهه ۾ آهن، انهن کي زڪوات ڏيئي سگهجي ٿي.

(8) **ابن سبيل:** ان مان مراد مسافر آهي، جيڪڏهن اُهو سفر دوران امداد جو مستحق ٿيو ته، ان کي زڪوات ڏيئي سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ اُهو پنهنجي وطن ۾ صاحب نصاب هجي.

زڪوات بابت ڪجهه ضروري مسئلا

❀ مسجد، مدرسي جي تعمير، عيدگاهه يا کوهه جي تعمير ۾ زڪوات جو مال استعمال نٿو ڪري سگهجي.

❀ ميت جي ڪفن دفن ۾ به زڪوات جو پئسو خرچ ڪرڻ جائز ناهي.

❀ زڪوات جي پئسي مان ڪمبل، ڪپڙا ۽ ڪتاب وغيره خريد ڪري مسڪينن ۾ تقسيم ڪري سگهجن ٿا.

❀ هڪ ئي ماڻهو کي زڪوات جا پئسا ۽ مال ڏيئي سگهجن ٿا، پر جيڪڏهن زڪوات جو پئسو تمام گهڻو آهي ۽ ان سان اُهو اڪيلو شخص صاحب نصاب بڻجي وڃي، ته پوءِ اهڙي حالت ۾ هڪ ئي شخص کي زڪوات ڏيڻ مڪروهه آهي.

❀ زڪوات جو مال ۽ رقم، سيد ذات، ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني، پٽ ڌيءَ، پوٽو پوٽي ۽ ڏوهٽو ڏوهٽي کي ڏيڻ جائز ناهي.

❀ ڀاءُ ڀيڻ، ڀاڻيجو ڀاڻيجي، ڀائٽيو ڀائٽي، مامون مامي، چاچو چاچي، سهرو سس وغيره کي زڪوات ڏيئي سگهجي ٿي.

❀ ويجهن عزيزن ۽ مسڪينن مائٽن کي زڪوات ڏيڻ ۾ به ثواب ملندا آهن، هڪ زڪوات جو ثواب ۽ ٻيو مائٽي ڳنڍڻ جو.

❀ جيڪو شخص پاڻ صدقه فطر (فطراني) ڏيڻ جي طاقت رکي ٿو، ان کي زڪوات نٿي ڏيئي سگهجي.

❀ هر ان شخص کي به زڪوات نٿي ڏئي سگهجي، جيڪو زڪوات ڏيندڙ جو (وفات بعد) وارث بڻجي.

❀ جيڪڏهن ذوالفروض مان ڪو به وارث ناهي ته چاچو عصبه هجڻ ڪري وارث ٿيندو آهي. ان حالت ۾ چاچي کي به زڪوات نٿي ڏئي سگهجي.

❀ زڪوات جي ادائيگي لاءِ تمليڪ (يعني مالڪ بنائڻ) شرط آهي.

www.maktabah.org

زراعت ۽ پوک جي زکوات

زمين مان جيڪا به پيداوار ٿئي ٿي، ان تي به زکوات واجب آهي، جنهن کي عُشر چيو ويندو آهي. يعني اُها زمين جيڪا برسات جي پاڻي، چشمن جي پاڻي يا حڪومت طرفان ڏنل مفت جي پاڻي تي آباد ٿئي ٿي ته ان فصل جي سموري پيداوار جو ڏهون حصو بطور عشر ڪڍيو ويندو، پر جيڪڏهن زمين جي آبادڪاري لاءِ قيمت ذريعي پاڻي خريد ڪيو وڃي ٿو ته ان جي پيداوار جو ويهون حصو زڪوات طور ڪڍيو ويندو. جيڪڏهن زمين هاريءَ تي ڏني وئي آهي ته ان صورت ۾ زميندار ۽ هاري ٻئي پنهنجي حصي مطابق عشر ادا ڪندا. جيڪڏهن زمين ڪنهن کي ڪرائي يا مقاطي تي ڏنل آهي ته، جيڪو به پيداوار ڪڻندو اُهوئي عشر ادا ڪندو. حڪومت کي جيڪو ڍل يا (ٽيڪس) ڏنو ويندو آهي اهو زڪوات ۾ شمار ناهي. الله تعاليٰ ڪلام پاڪ ۾ فرمايو آهي ته:

"وآتوا حقهُ يوم حصاده" (سورت انعام آيت 141)

(۽ پوک جي ٻڻي واري ڏينهن ان جو حق ادا ڪيو)

يعني: جڏهن پوک ڪٽي وڃو يا لابارو ڪري وڃو ته هاڻي ان جو حق ادا ڪيو. جيڪڏهن باراني زمين آهي ته ڏهون حصو ۽ کوهن تي آباد ٿيندڙ آهي ته ان جو ويهون حصو ادا ڪيو ويندو.

ميت جي عذرخواهي ۽ ايصال ثواب

❀ ڪنهن ماڻهو جي فوت ٿيڻ بعد، ٽي ڏينهن ان جي گهر جي ماني کائڻ درست نه آهي، پر جيڪڏهن ميت جي ثواب لاءِ خيرات جي ماني مسڪينن ۽ بکايلن کي کارائجي ته صحيح آهي، جيئن ڪتاب "ردالمحتار جي باب الجنائز" ۾ آهي ۽ مولانا عبدالغفور همايوني به ان طرح چيو آهي.

❀ ميت جي عزيزن قريبن ۽ مٽن مائٽن کي گهرجي ته، ٽي ڏينهن ميت جي گهروارن ۽ وارثن کي ماني کارائن، ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ميت جو سوگ ۽ غم ڪرڻ جائز ناهي ۽ نه ئي ميت تي روح راڙو ۽ پار ڪڍڻ جائز آهي.

❀ميت جي وفات بعد، ان جي زال، ماءُ، پيءُ، پٽ، ڌيئر وغيره ان جا وارث آهن ۽ ميت جي سموري ملڪيت شرعي حصن مطابق ٽن ڏينهن اندر سيني

www.maktabah.org

وارثن ۾ تقسيم ڪرڻ گهرجي ۽ گڏيل ملڪيت جي تقسيم کان اڳ ۾ ٻين وارثن جي اجازت کان سواءِ ڪنهن کي بہ گڏيل ملڪيت مان اڪيلي سر خرچ ڪرڻ يا خيرات ڪرڻ جي اجازت ناهي. جيڪڏهن وارثن ۾ ڪو نابالغ يا صغير آهي تہ ان جو حصو الڳ ڪيو ويندو ۽ ان مان ڪابہ شيءِ خرچ نہ ڪئي ويندي.

❀ ميت کان پوءِ ٽن ڏينهن تائين تعزيت ڪرڻ جائز آهي ۽ ميت جي وارثن کي صبر جي تلقين ڪرڻ، تسلي ڏيڻ ۽ محبت ۽ همدردي جو اظهار ڪرڻ جائز آهي. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن شرعي عذر کان سواءِ مڪروهہ آهي.

❀ ميت جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ، ٽيجهو، چاليهو، جمائو يا ٻارهو ڪرڻ ۽ خيرات جي ماني مسڪينن کي کارائڻ جائز آهي. گهڻا ماڻهو خيرات ۾ فقط ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ تمام وڏو خرچ ڪري شادين جهڙا طعام تيار ڪري، اميرن کي کاڌو کارائيندا آهن ۽ تمام وڏو اسراف ٿيندو آهي، اُهو سخت مڪروهہ آهي، ڇو تہ خيرات جو مقصد فقط مسڪينن کي طعام کارائڻ هوندو آهي.

❀ فوت ٿيل عزيزن، قريبن، والدين وغيره کي ايصال ثواب جو بهترين طريقو صدقہ جاريہ ڪرڻ آهي. مثال طور: مرحوم جي ثواب جي نيت سان مسجد شريف تعمير ڪرائڻ، ديني ادارو قائم ڪرڻ، کوهہ کوٽرائڻ يا پاڻي جو انتظام ڪرڻ، هر قسم جي ديني ڪمن ۾ حصو ڏيڻ، قرآن پاڪ ۽ سنت مطهره جي تعليم عام ڪرائڻ ۾ خرچ ڪرڻ، اهي سڀئي صدقہ جاريہ ۾ شمار ٿين ٿا.

عيدالفطر جو صدقو يا فطرانو

❀ عيدالفطر جو صدقو، يعني فطرانو هر صاحب نصاب مسلمان تي واجب آهي. هر شخص پنهنجي طرفان ۽ پنهنجي اولاد صغيره طرفان صدقہ فطر ادا ڪندو. حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ فرمايو: "روزو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪيل رهندو آهي، جيستائين فطرانو ادا نہ ڪيو وڃي". فطري ادا ڪرڻ سان روزو پاڪ ٿيندو آهي ۽ مسڪينن مسلمانن جي مدد ٿيندي آهي.

www.maktabah.org

❀ بخاري شريف ۾ آهي تہ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو: رسول الله ﷺ جن فطراني کي غلام آزاد، مرد، عورت، ٻار، پوڙهي مسلمان تي لازم فرمايو تہ هڪ صاع جَوَ يا کجور عيد لاءِ نڪرڻ کان اڳ ادا ڪيو وڃي.

❀ فطراني ۾ اڌ صاع (سوا ٻہ سير) ڪڻڪ يا ڪڻڪ جو اَٽو يا ان جي قيمت ڏجي، يا جَو، ڏاک، کارڪن جو سڄو صاع (يعني ساڍا چار سير) ڏجي يا انهن جي قيمت ڏجي.

❀ جيڪو ٻار عيد جي رات يا عيد جي صبح کان اڳ پيدا ٿيو تہ ان جو بہ فطرانو ادا ڪيو ويندو.

❀ جيڪڏهن اولاد جوان ۽ ڪمائيندڙ آهي تہ انهن جو فطرانو پيءُ مٿان واجب ناهي، بلڪ اُهي پنهنجو پاڻ ادا ڪندا.

❀ فطراني جي رقم غير مسلم، ڪافر کي ڏيڻ ناجائز آهي.

❀ رمضان شريف جي مهيني ۾ روزن دوران بہ فطرو ادا ڪري سگهجي ٿو.

عقيقو ۽ ان جا مسئلا

گهر ۾ ٻار ڄمڻ جي نعمت خداوندي جي شڪراني طور عقيقو ڪرڻ رسول الله ﷺ جي سُنت آهي. بخاري شريف ۾ حضرت سليمان بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ٻار جي طرفان عقيقو ڪيو، جانور جو رت وهايو ۽ ان جو مٿو ڪوڙي تڪليف پري ڪيو. ابوداؤد ۽ نسائي ۾ حضرت ام ڪرز رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ڇوڪري جي طرفان ٻہ ٻڪر ۽ ڇوڪريءَ (نياڻيءَ) جي طرفان هڪ ٻڪر جو عقيقو ڪيو (عقيقي جو جانور نر هجي يا مادي ڪو فرق ناهي).

❀ ٻار جي ڄمڻ بعد ان کي وهنجاري ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کابي ڪن ۾ تڪبير پڙهڻ گهرجي.

❀ ٻار کي ڪنهن نيڪ صالح عابد کان سُتي (تحنيڪ) ڏيارڻ مستحب آهي. اصحابي سڳورا پنهنجي ٻارڙن کي رسول الله ﷺ کان سُتي ڏياريندا هيا.

❀ ٻار جي ڄمڻ بعد ستين ڏينهن، ان جو سهڻو نالو رکيو ويندو، ان جو عقيقو ڪيو ويندو ۽ مٿي جا وار ڪوڙي، ان جي وزن برابر چاندي خيرات ڪئي ويندي.

www.maktabah.org

❀ عام طرح ماڻهو ٻارجي (ڇٽي) ڪندا آهن. اها هندن جي رسم آهي ۽ گهڻا جاهل ماڻهو ٻارجي جهنڊ باسيندا آهن ۽ ڪيئي مهينا ٻارجا وار نہ ڪوڙيندا آهن ۽ گهڻن مهينن بعد پيرن، فقيرن جي درگاهن تي جهنڊ لاهيندا آهن. اهو سخت ناجائز ۽ حرام آهي.

❀ جيڪڏهن ڪو غريب آهي تہ عقيقي ۾ هڪ ٻڪر يا هڪ ٻڪري بہ ذبح ڪري سگهي ٿو.

❀ عقيقي جو گوشت ٻارجا ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني، سيئي کائي سگهن ٿا.

❀ عقيقي جو گوشت ڪچو ورهائڻ بہ جائز آهي ۽ ان جي ماني تيار ڪري عزيزن قريبن، دوستن ۽ مسڪينن کي دعوت ڪري کارائڻ بہ جائز آهي.

❀ ڪجهہ عالمن جو چوڻ آهي تہ عقيقي واري جانور جا هڏا نہ ڀڃڻ گهرجن، پر ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ جانور جا هڏا ڀڳا وڃن تہ جيئن ان ٻارجا عضوا بہ دين اسلام جي ڪمن لاءِ ڀڳل رهن. (والله اعلم بالصواب)

اضحيٰ يا قرباني جا مسئلا

"اضحيٰ" انهن حلال جانورن جو نالو آهي، جن کي عيدالاضحيٰ جي ڏينهن ثواب جي اُميد لاءِ ذبح ڪجي ٿو. قرباني ڪرڻ، صاحب نصاب، دنيا دار تي واجب آهي، جيئن صدقہ فطر وارو آهي. باقي زڪوات جي نصاب ۾ "نماءُ" شرط آهي. يعني: وڌندڙ مال هجي، پر هن ۾ وڌڻ شرط نہ آهي. قرباني ڪندڙ جو آزاد ۽ مقيم هجڻ بہ شرط آهي، ڇو تہ ٻانهي يا مسافر تي قرباني ڪرڻ واجب ناهي. حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: مسافر شخص تي جمعہ ۽ قرباني واجب ناهي.

❀ مسند امام احمد ۽ ابن ماجہ شريف جي حديث آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪو شخص مالي طاقت رکڻ باوجود قرباني نٿو ڪري، اهو (عيد نماز پڙهڻ لاءِ) اسان جي عيدگاهہ جي ويجهو بہ نہ اچي.

❀ قرباني ۾ هڪ ٻڪري يا ٻڪر، دنبو يا گهٽو ذبح ڪجي يا ست ڄڻا گڏجي ڏڳي، ڏڳو، مينهن، پاڏو يا اُٺ ذبح ڪري سگهن ٿا.

❀ ٻڪر يا ٻڪري هڪ سال جا هجن، ڏڳي، مينهن، پاڏو يا سانُ گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جا ۽ اُٺ پنجن سالن جو هجي.

www.maktabah.org

❀ وڏي جانور ۾ ستن ئي ڄڻن جي نيت قرباني جي هجي، پر جيڪڏهن ڇهن ڄڻن قرباني جو ارادو ڪيو ۽ هڪ ڄڻي فقط گوشت کائڻ يا وڪڻڻ جو ارادو ڪيو ته، سڀني جي قرباني نه ٿيندي ۽ واجب جا تارڪ گنهگار ٿيندا.
❀ قرباني لاءِ ٻيو شرط آهي ته قرباني جو جانور عيبن کان محفوظ هجي، انڌي، منڊي، ڪاڻي، تمام ڪمزور، ڪن جو گهڻو حصو ڪپيل ۽ ڏند ڀڳل جانورن جي قرباني جائز ناهي.
❀ پيدائشي بنا سڱن واري جانور ۽ خصي جانور جي قرباني جائز آهي.
❀ قرباني جي گوشت جا ٽي حصا ڪري، هڪ حصو پنهنجي لاءِ، هڪ حصو مٽن مائٽن لاءِ ۽ هڪ حصو غريبن مسڪينن ۾ تقسيم ڪرڻ گهرجي.
❀ قرباني ڪندڙ لاءِ وڌيڪ مستحب هي آهي ته پنهنجي هٿ سان جانور ذبح ڪري.
❀ قرباني عيد نماز پڙهڻ بعد ڪرڻ گهرجي.
❀ قرباني جو گوشت غير مسلم ڪافر کي ڏيڻ جائز ناهي.
❀ وڏي جانور جي قرباني جي ستن ڀائيوارن ۾ ڪو به هڪڙو بدمذهب يا اهلسنت وجماعت کان خارج شخص شامل ٿيو ته، سڀني جي قرباني جائز نه ٿيندي.
❀ بخاري شريف ۽ مسلم شريف جي روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن عيد نماز کان فارغ ٿيڻ بعد، قرباني جي جانورن کي ڪٺل ڏٺو، جيڪي عيد کان اڳ ۾ ذبح ڪيا ويا هئا. پاڻ فرمايائون ته: جنهن عيد کان اڳ ۾ قرباني، ڪئي، ان کي گهرجي ته ان جي جاءِ تي ٻيهر قرباني ڪري.
❀ قرباني جا ٽي ڏينهن آهن: عيد وارو ۽ ٻه ڏينهن پوءِ .
❀ قرباني جي کل يا چمڙو به صدقو ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ان مان گهر جي استعمال لاءِ مشڪ، کلي يا ٻوڪو يا مصلو وغيره ٺهرائي ته به جائز آهي.
❀ مسند احمد ۽ ابن ماجه ۾ حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي ته اصحابي سڳورن عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ هي قربانيون ڇا آهن؟ پاڻ فرمايائون: هي توهان جي ابي حضرت ابراهيم عليه السلام جي سنت آهي ۽ قرباني جي جانورن جي هر وار جي بدلي ۾ نيڪي آهي.
❀ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته: جيڪو شخص پنهنجي گهر کان قرباني جو جانور خريد ڪرڻ لاءِ نڪتو، ته الله تعاليٰ ان کي هر وک جي

www.maktabah.org

بدلي ۾ ڏهہ نيڪيون عطا ڪندو آهي ۽ ڏهہ گناهہ معاف ڪندو آهي ۽ ڏهہ درجا بُلند ڪندو آهي ۽ جڏهن اُهو جانور خريد ڪرڻ وقت واپاري سان ڳالهائيندو آهي تہ ڪيس هر حرف جي بدلي تسبيح جو درجو عطا ڪندو آهي ۽ جڏهن جانور جي قيمت ڳڻي مالڪ کي ڏيندو آهي تہ هر درهم جي بدلي ست سؤ نيڪيون ملنديون آهن. جڏهن جانور کي ذبح جي ارادي سان زمين تي ليٽائيندو آهي تہ زمين ان لاءِ استغفار ڪندي آهي. جڏهن جانور ذبح ڪندو آهي تہ ڏهہ ملائڪ ان لاءِ قيامت تائين مغفرت جي دعا گهرندا آهن ۽ جڏهن قرباني جو گوشت تقسيم ڪندو آهي تہ هر گهر جي بدلي ڪيس حضرت اسماعيل عليہ السلام جي اولاد مان ڪنهن ٻانهي کي آزاد ڪرائڻ جو ثواب عطا ڪندو آهي.

❀ حضور ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص قرباني ڪئي، اهو جڏهن پنهنجي قبر کان اُٿندو تہ قرباني واري جانور کي پنهنجي مٿي جي طرف کان بيٺل ڏسندو، جيڪو گهوڙي جي صورت ۾ هوندو. سوني زين سان سينگاريل ۽ ان جا سڱ سون جا هوندا ۽ اکيون جنتي ياقوت جون، اُهو شخص چوندو تہ تون ڪير آهين ۽ ڪهڙي شيءِ آهين؟ مون تو کان وڌيڪ سهڻو جانور ڪڏهن نہ ڏٺو آهي؟ اهو جانور چوندو تہ آئون تنهنجي قرباني آهيان جيڪا تو دنيا ۾ ڪئي، هاڻي منهنجي پٺيءِ تي سوار ٿي، پوءِ اُهو جانور ان شخص کي زمين ۽ آسمان جو سير ڪرائي، عرش جي ڇانوَ ۾ اچي بيهندو.

❀ حضور انور ﷺ فرمايو: جنهن اسان واري (عيد) نماز پڙهي ۽ قرباني ڪئي، اُهو اسان مان آهي ۽ جنهن اسان واري نماز نہ پڙهي ۽ نہ قرباني ڪئي، اُهو اسان مان ناهي ۽ منهنجي اُمت مان پلا اُهي (صاحب طاقت) آهن، جيڪي قرباني ڪن ٿا ۽ اُهي خراب آهن جيڪي قرباني نٿا ڪن. شال رب ڪريم هر هڪ مؤمن مسلمان کي هن رسالہ "الزکوات الواجب علي الموسرين" جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

وما علينا الا البلاغ المبين

☆☆☆

www.maktabah.org

تنبيه الابطله

في

حرمة مال ربوا

www.maktabah.org

www.maktabah.org

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

الحمدلله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلواة والسلام علي سيد المرسلين سيدنا ومولانا محمد وعليٰ آله واصحابه اجمعين.

اَما بعد:

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي:

"ياايهاالذين آمنوا كلوا من طيبات ما رزقناكم واشكرو لله ان كنتم اياه تعبدون"

(سورت بقره آيت 172)

(اي ايمان وارؤ! انهن پاڪ شين مان کائو، جيڪي اسان توهان کي رزق ڪري ڏنيون آهن ۽ الله جو شڪر ادا ڪيو، جيڪڏهن اوهان ان جي خاص عبادت ڪيو ٿا).

اي عزيز! اڄ جي دؤر ۾ وياج کائڻ جو مسئلو عام ٿي ويو آهي. حالانڪ قرآن پاڪ ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جي فرمانن مان وياج جو حرام هجڻ چٽيءَ طرح ثابت آهي. مگر عام ماڻهو عربي ٻولي کي سمجهي نٿا سگهن. تنهن ڪري حضرت پير سائين سيد شاهه مردان شاهه صاحبُ العمامه (پاڳارو) قدس سره العزيز جن جي خاص حڪم مبارڪ تحت وياج جي حرام هجڻ بابت قرآن پاڪ جي آيتن، حديثن ۽ فقهاءِ ڪرام جي فرمانن کي اختصار طور جمع ڪري، هن رساله جو نالو "تنبيه الابطله في حرمت مال ربويه" رکيو اٿئون تہ جيئن مريد يا غير مريد، سيني عام مسلمانن کي فائدو پهچي تہ جيئن اُهي پڙهڻ وارا، هن ڪتاب تي عمل ڪري حضرت پير سائين دام برڪاتہ جن جي بلند اقبال ۽ هن ڪتاب جي جمع ڪندڙ ۽ ڪتاب جي تصحيح ڪندڙ لاءِ دعاگو رهن.

www.maktabah.org

ربوا جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ

ربوا جي لفظي معنيٰ اضافو يا زيادتي آهي، پر اصطلاح ۾ "ربوا" يعني وياج جو لفظ ٻن شين تي استعمال ٿيندو آهي. هڪ "ربا الفضل" ۽ ٻيو "ربا النسيئہ" ۽ وياج جا اهي ٻئي قسم حرام آهن. رباالفضل هي آهي تہ مقدار ۽ جنس ٻئي موجود هجن ۽ انهن ۾ ڪمي بيشي ڪئي وڃي، اهو حرام آهي. رباالنسيئہ هي آهي تہ هڪ طرف کان نقدي هجي، ٻئي طرف کان اوڌر هجي ۽ ڪمي بيشي ڪئي وڃي تہ اهو بہ حرام آهي.

وياج بابت قرآن پاڪ جو فيصلو

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو:

"الذين يا كلوٰن الربا لا يقومون الا كما يقوم الذي يتخبطه الشيطان من المس ذالک بانهم قالوا انما البيع مثل الربا واحل الله البيع وحرم الربا فمن جاءِه موعظة من ربه فانتهي فله ما سلف وامره الي الله ومن عاد فاولائک اصحاب النار هم فيها خالدون"

(سورت بقره آيت 275)

(اهي ماڻهو جيڪي وياج کائن ٿا (قيامت جي ڏينهن) قبرن مان ان شخص وانگر اُٿندا، جنهن کي شيطان ڇهي (مخبوطُ الحواس) يعني: چريو ڪري ڇڏيو هجي، اهو ان ڪري جو چيو هيائون نہ واپار، وياج وانگر ئي آهي. حالانڪ الله واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي، پوءِ جنهن وٽ ان جي رب وٽان نصيحت آئي، پوءِ اُهو (وياج کان) رڪجي ويو تہ جو ڪجھ وٺي چڪو آهي تہ اُهو ان جو ٿيو ۽ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي ۽ جيڪو ٻيو ڀيرو (وياجُ وٺڻ ڏانهن) موٽيو تہ پوءِ اُهي جهنمي آهن ۽ ان ۾ هميشہ رهندا).

www.maktabah.org

مٿئين آيت سڳوري مان ثابت ٿيو تہ وياج وٺڻ حرام آهي ۽ واپار ۽ وياج کي هڪجهڙو چوڻ وارا قيامت جي ڏينهن الله جي غضب سبب قبرن مان پاڳلن ۽ چرين وانگر اُٿندا ۽ جنهن بي خبري ۾ وياج ورتو ۽ توبهہ تائب ٿيو تہ ان جو معاملو الله جي حوالي آهي ۽ توبهہ تائب ٿيندڙن کي الله معاف ڪندو آهي، پر جيڪو وياج کي سخت حرام سمجهڻ باوجود، وياج وٺندو رهيو تہ اُهو جهنم ۾ هميشه رهندو.

الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

"يمحق الله الربا ويربي الصدقات والله لايحب كل كفار اثيم"

(سورت بقره آيت 276)

(الله تعاليٰ وياج کي مٽائيندو آهي ۽ صدقات کي وڌائيندو آهي ۽ الله هر هڪ ناشڪر گناهگار سان محبت نہ ڪندو آهي).

اي عزيز! هن آيت ۾ الله تعاليٰ وياج واري مال جي تباهي ۽ خير خيرات ۽ صدقات جي ڀلائي ۽ برڪتن جو ذڪر فرمايو آهي، ڇو تہ صدقہ يعني خير خيرات ۾ هڪ انسان ڪنهن ظاهري يا دنياوي معاوضي يا بدلي ڪان سواءِ ڪنهن ضرورتمند، محتاج يا مسڪين کي پنهنجي مال مان ڪجهہ ڏيندو آهي ۽ پنهنجي مال کي (ظاهري طرح) گهٽائيندو آهي. جڏهن تہ وياج ۾ هڪ ماڻهو ڪنهن ضرورتمند يا محتاج کي ڪجهہ مال يا پئسا ڏيئي، مقرر مدت ڪان پوءِ اُهو ساڳيو مال ۽ ان ڪان ڪجهہ مٿي وڌائي واپس وٺندو آهي تہ (ظاهري طرح) پنهنجي مال کي وڌائيندو آهي. صدقہ ڪرڻ وارو بنا معاوضي پنهنجو مال ڏيئي ڇڏيندو آهي ۽ وياج کائيندڙ بنا معاوضي ٻئي جو مال وٺندو آهي، پر الله تعاليٰ صدقہ ڪندڙ، خير جي ڪمن ۾ اڳرائي ڪندڙ ۽ محتاجن جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪندڙ جي مال ۾ برڪت وجهندو آهي ۽ پرايو مال ڦٻائيندڙ ۽ محتاجن جي مجبوري مان فائدو وٺندڙ وياجي جي مال مان برڪت ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

www.maktabah.org

سخي ۽ وياجي ۾ فرق

سخي ۽ خير خيرات ڪندڙ جي نظر آخرت تي هوندي آهي، پر وياج خور جي نظر فقط دنيا تي هوندي آهي.

❀ صدقا ڪرڻ جو سبب همدردي ۽ خوف خدا هوندو آهي، پر وياج جو سبب ظلم ۽ الله کان بي خوف هجڻ هوندو آهي.

❀ خير ۽ سخا ڪرڻ وارو مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ ڦاٿل ماڻهن کي سهارو ڏيندو آهي، پر وياج خور مصيبت ۾ ڦاٿل ضرورتمندن جي رڳن جو رت چوسيندو آهي.

❀ صدقات ۽ سخاوت جي ڪري جهنم جا در بند ٿيندا آهن ۽ جنت جا در کلندا آهن، پر وياج ۽ ظلم جي ڪري جهنم جا در کلندا آهن ۽ جنت جا در بند ٿي ويندا آهن.

❀ سخا ۽ خير وارو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو قرب حاصل ڪندو آهي پر وياج وارو الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان جنگ ڪندو آهي. (معاذالله)

جيئن الله تعاليٰ ارشاد فرمايو: " اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن ايمان وارا آهيو ته (هن حڪم کان پوءِ) باقي رهيل وياج ڇڏي ڏيو. پوءِ جيڪڏهن وياج کان نه ٿا مڙو ته پوءِ الله ۽ ان جي رسول ﷺ طرفان جنگ جو اعلان ٻڌي ڇڏيو، پوءِ جيڪڏهن توبه تائب ٿيڻ چاهيو ٿا ته اوهان جو حق صرف اوهان جا اصلي مال آهن (وياج اوهان جو حق ناهي) تنهن ڪري نه اوهان ظلم ڪيو ۽ نه اوهان تي ظلم ڪيو ويندو".

(سورت بقره آيت 279-278)

اي عزيز! هن آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ ايمان وارن کي اها تنبيهه فرمائي آهي ته جيڪڏهن مؤمن آهيو ته وياج ڇڏي ڏيو، پر جيڪڏهن وياج وٺڻ کان نٿا بچو ته پوءِ الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان جنگ ڪيو ۽ يقيناً الله ۽ ان جي محبوب سان ٽڪر کائڻ جو نتيجو دنيا ۽ آخرت جي تباهي ۽

www.maktabah.org

سخت عذاب آهي.

هٿي هنڌ الله تعاليٰ فرمايو:

"ياايها الذين آمنو لا تاكلو الربا اضعافا مضاعفة واتقوا الله لعلكم تفلحون واتقوا النار اللتي اعدت للكافرين"

(سورت آل عمران آيت 131-130)

(اي ايمان وارؤ، ٻيڻو چئوڻو ڪري وياج نہ کائو ۽ الله کان ڊڄو من اوهان ڪامياب ٿيو ۽ ڊڄو ان جهنم جي باهہ کان، جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي).

هن آيت شريف مان ثابت آهي تہ مطلق وياج وٺڻ حرام آهي، ٿورو يا گهڻو، ٻيڻو يا چئوڻو. هر حال ۾ وياج حرام آهي، ڇو تہ جهالت واري دؤر ۾ بہ اهو رواج هيو تہ ڪنهن ماڻهو کي وياج تي ڪجهہ رقم ڏني ويندي هئي ۽ ان لاءِ مقرر وقت رکيو ويندو هو، پر مقرر وقت تي اهو شخص جيڪڏهن رقم جي واپسي نہ ڪري سگهندو هو تہ ان ۾ اجان بہ وياج جو واڌارو ڪيو ويندو هو ۽ اهو وياج آهستي آهستي اصلي رقم کان ڪيئي دفعا وڌي ويندو هو ۽ اُهو شخص ايڏي رقم موٽائڻ کان بي وس ٿي ويندو هو، جيئن اڄ جي دؤر ۾ بہ اُهو ساڳيو حال آهي ۽ ائين ڪرڻ سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهہ آهي.

الله تعاليٰ فرمايو:" ۽ توهان جيڪو مال وياج حاصل ڪرڻ لاءِ ڏيو ٿا، تہ جيئن اُهو مال ماڻهن جي مال ۾ شامل ٿي وڌندو رهي تہ (ٻُڌي ڇڏيو) اُهو مال الله وٽ هرگز نٿو وڌي، پر الله جي رضا لاءِ توهان مان جيڪي زڪوات طور مال ڏين ٿا، اُهي ئي ماڻهو پنهنجي مال کي وڌائيندڙ آهن". (سورت روم آيت 39)

اي عزيز، ثابت ٿيو تہ وياج ذريعي ظاهري طرح تہ مال وڌي ٿو، پر حرام مال ۾ ڪڏهن بہ برڪت نہ پوندي آهي. حرام ڪمائيندڙ وٽ بظاهر هڪ پاسي تہ ڪثرت سان مال هٿ اچي ٿو، پر ٻئي پاسي الله تعاليٰ جو ان مال تي ڏمر نازل ٿيندو رهندو آهي، جنهن ڪري هو دنيا ۾ بہ پريشان، سودائي ۽ مصيبتن ۽ بي سڪوني واري زندگي گذاريندو آهي ۽ ٻئي طرف آخرت ۾ الڳ دردناڪ عذاب آهي.

www.maktabah.org

وياج بابت رسول الله ﷺ جا فرمان

❀ مسلم شريف ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول ﷺ وياج کائيندڙ، وياج کارائيندڙ، وياج جي شاهدن ۽ وياج جي لکندڙ تي لعنت ڪئي آهي ۽ فرمايائون ته: اُهي سيئي وياج جي گناهه ۾ ڀائيوار آهن.

❀ مستدرڪ حاڪم ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: الله تعاليٰ تي حق آهي ته چئن ماڻهن کي جنت ۾ داخل نه ڪري: شراب جو عادي، وياج خور، يتيمن جو مال ڦٻائيندڙ ۽ ماءُ پيءُ جو نافرمان.

❀ مسند ابو يعليٰ ۾ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن قوم ۾ زنا ۽ وياج عام ٿيندا آهن ته، ان قوم تي الله جو عذاب حلال ٿي ويندو آهي.

❀ ابن ماجه ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: معراج واري رات آئون هڪ اهڙي قوم وٽان گذريس جن جا پيٽ ڪوٺين وانگر هئا ۽ انهن ۾ نانگ نظر اچي رهيا هيا. مون جبرئيل عليه السلام کان پڇيو ته اهي ڪير آهن؟ چيائين ته اهي وياج خور آهن.

❀ ابن ماجه ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: وياج جا ستر وڏا گناهه آهن، جن مان ننڍو گناهه هي آهي ته جڻ ڪو شخص پنهنجي ماءُ سان زنا ڪري. (معاذالله)

❀ مشڪوات شريف ۾ حضرت عبدالله بن حنظله رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ڄاڻي واڻي وياج جي هڪ درهم کائڻ ۾ ٻه ڇٽيهه ڀيرا زنا ڪرڻ کان وڏيڪ گناهه آهي.

❀ بخاري شريف ۾ حضرت سمره بن جندب رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون کي حضرت جبرئيل ۽ حضرت ميڪائيل وٺي ويا، مون ڏٺو ته هڪ رَتَ جو درياءَ آهي، جنهن جي وچ ۾ هڪ ماڻهو بيٺو هيو ۽ درياءَ جي ڪناري تي

www.maktabah.org

هڪ ٻيو ماڻهو بيٺو هيو، جنهن جي هٿ ۾ پٿر هيا، اُهو درياءَ وارو شخص جڏهن ڪناري کي ويجهو آيو ته ان ٻاهرئين شخص ان کي پٿر هڻڻ شروع ڪياءِ اُهو واپس وچ درياءَ ۾ پهچي ويو. وري اُهو ٻيهر درياءَ جي ڪناري کي ويجهو ٿيو ته ان ٻيهر پٿر هڻي ان کــي واپس ڪري ٿي ڇڏيــو. اهو سلسلو ان سان قيامت تائين هلندو رهندو. مون کي ٻنهي ملائڪن ٻڌايو ته: اُهو رَتَ جي درياءَ ۾ ٻڏل شخص وياج خور آهي.

❀ نسائي ۽ ابو دائود ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ماڻهن تي ضرور هڪ اهڙو زمانو به ايندو جو ڪو به وياج کان بچي نه سگهندو، جيڪڏهن اُهو پاڻ وياج نه کائيندو ته به ان کي وياج جو اثر ضرور پهچندو. (يعني: يا ته وياج جو شاهد ٿيندو يا لکت ڪندو يا وياج جي ڪنهن مسئلي ۾ شريڪ ٿيندو).

❀ مشڪوات شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: ستن تباهه ڪندڙ شين کان بچو: شرڪ ڪرڻ، جادو ڪرڻ، ناحق خون ڪرڻ، جهاد تان پٺي اچڻ، يتيم جو مال کائڻ، پاڪ دامن عورتن تي زنا جي تهمت هڻڻ ۽ وياج کائڻ.

❀ بخاري شريف ۾ حضرت سمره رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن جي عادت مبارڪ هوندي هئي جو فجر نماز پڙهائڻ بعد، اسان ڏي مُنهن مبارڪ ڪري مصلي تي ويهندا هئا ۽ پڇندا هئا ته اڄ رات ڪنهن ماڻهو خواب ڏٺو هجي ته اهو بيان ڪري؟ پوءِ جنهن به اصحابي سڳوري ڪو خواب ڏٺو هوندو هو ته اهو بيان ڪندو هو ۽ پاڻ رسول الله ﷺ ان خواب جي تعبير بيان ڪندا هئا. هڪ ڏينهن نماز کان پوءِ حضور ﷺ جن اسان کان خواب بابت پڇا ڪئي پر اسان عرض ڪيوسون ته يارسول الله ﷺ اڄ اسان مان ڪنهن به خواب نه ڏٺو آهي، پوءِ رسول الله ﷺ فرمايو اڄ رات مون هڪ عجيب خواب ڏٺو آهي، پوءِ هن طرح بيان فرمايائون رات ٻه شخص مون کي هڪ اهڙي زمين ڏانهن وٺي ويا، جتي مون هڪ شخص کي ويٺل ڏٺو ۽ ٻئي شخص کي بيٺل، جنهن جي هٿ ۾

هڪ لوهه جو انبور هيو ۽ ان لوهي انبور سان ان ويٺل شخص جي هڪ واڇ کي ڪياڙي تائين چيريائين، پوءِ ٻئي واڇ کي ان طرح چيرياٿين. ان بعد واڇون وري صحيح ٿي ويون ۽ ان ويٺل شخص ٻيهر ان جون واڇون چيرڻ شروع ڪيون ۽ اهو سلسلو ائين هلندو پئي رهيو. مون انهن ٻنهي شخصن کان پڇيو ته اُهو ڪير آهي. جنهن تي ايڏو عذاب ڪيو پيو وڃي؟ انهن مون کي چيو ته اڃان اڳتي هلو. پوءِ اسان اڳتي روانا ٿياسين ۽ هڪ اهڙي ماڻهو وٽ پهتاسين، جيڪو پٺي ڀر سُتل هيو ۽ ٻيو شخص هڪ وڏي پٿر سان ان جو مٿو چٿي رهيو هو. جڏهن اُهو پٿر ڪڙڪڻ لاءِ ويو پئي، ته ان ليٽيل شخص جو مٿو وري صحيح ٿي پئي ويو ۽ اُهو وري پٿر ان جي مٿي تي هڻڻ لڳو ۽ اهو عذاب جو سلسلو ائين ئي هليو پئي. مون ٻنهي ساٿين کان پڇيو ته اهو ڪير آهي. جنهن جو مٿو چيپاٿيو پيو وڃي؟ انهن چيو ته اڃان اڳتي هلو. پوءِ اسان هڪ باهه جي تندور تي آياسين، جنهن جو مُنهن سوڙهو ۽ پيٽ تمام ڪشادو هو ۽ ان مان باهه جا شعلا اُڀري رهيا هئا ۽ ان تندور ۾ تمام گهڻا اگهاڙا مرد ۽ عورتون سڙي رهيا هئا ۽ باهه جي شعلن سبب هيٺ مٿي ڪجي رهيا هئا. مون ساٿين کان پڇيو ته اهي مرد ۽ عورتون ڪير آهن؟ انهن چيو ته اڃان اڳتي هلو. پوءِ اسان هڪ رَتُ جي درياءَ وٽ آياسون، جنهن جي وچ ۾ هڪ شخص غوطا کائي رهيو هو ۽ هڪ ٻيو شخص ڪناري تي پٿر کنيو بيٺو هو. جڏهن اُهو شخص غوطا کائيندو ڪناري جي ويجهو پئي آيو ته ان شخص ڪيس پٿر هڻڻ شروع ٿي ڪيا ۽ اهو ٻيهر وچ درياءَ ۾ پهچي ٿي ويو ۽ اُهو عذاب مسلسل هلندو پئي رهيو. مون پڇيو ته اُهو ڪير آهي؟ انهن چيو ته اڃان اڳتي هلو. پوءِ اسان هڪ سرسبز باغ ۾ پهتاسيون، جنهن ۾ هڪ وڏو وڻ هيو ۽ ان جي پاڙ وٽ هڪ پير مرد ويٺل هو ۽ ان جي چوڌاري تمام گهڻا ٻارڙا ويٺل هئا ۽ هڪ اهڙو شخص به ڏٺم جيڪو باهه ٻاري رهيو هو. پوءِ اسان هڪ وڻ تي چڙهياسين، پوءِ ٻنهي ساٿين وڻ جي وچ تي ٺهيل هڪ محل ۾ مون کي داخل ڪيو ۽ اهڙو خوبصورت محل مون ڪڏهن به نه ڏٺو هيو. ان محل ۾ ٻار، پيدا، جوان

۽ عورتون هيون، پوءِ وري ايجان بہ متي چڙهياسون ۽ هڪ ٻئي محل ۾ داخل ٿياسين، جيڪو پڻ تمام خوبصورت هيو ۽ ان ۾ بہ ننڍا ٻار، پوڙها، جوان ۽ عورتون هيون، پوءِ مون (محمد ﷺ) انهن ٻنهي کي چيو تہ اڄ توهان مون کي گهڻوئي سير ڪرايو آهي، پر هاڻي خبر ڏيو تہ جيڪي عجائب اسان ڏٺا، انهن جي حقيقت ۽ سبب ڪهڙا هيا؟ پوءِ انهن ٻڌايو تہ: پهريون ماڻهو جنهن جون واڇون لوهي انبورن سان چيريون پئي ويون، اهو ڪوڙ هڻندڙ شخص هيو. جيڪو ڪوڙيون ڳالهيون ناهي ماڻهن ۾ ڦهلائيندو هو ۽ ان تي اهو عذاب قيامت تائين جاري رهندو. ٻيو شخص جنهن جو متو پٿرن سان چٿيون پئي ويو، اهو شخص آهي جنهن کي الله قرآن سيکاريو، مگر اُهو ان تي عمل نہ ڪندو هو ۽ ان تي بہ اُهو عذاب ٿيندو رهندو. ٽيان اُهي اگهاڙا مرد ۽ عورتون جيڪي باهہ جي تندور ۾ سڙي رهيا هئا، اُهي زنائون ڪندڙ هئا. جيڪي الله جو خوف نہ ڪندا هئا. انهن تي بہ اُهو عذاب قيامت تائين ٿيندو رهندو. چوٿون اُهو شخص جيڪو رت جي درياءَ ۾ غوطا کائي رهيو هو ۽ ان کي پٿر لڳي رهيا هئا، اُهو وياج خور هيو، ان تي بہ اُهو عذاب قيامت تائين ٿيندو رهندو. (معاذالله) اُهو پير مرد جيڪو وڻ جي هيٺان ويٺو هو، اُهو حضرت ابراهيم عليه السلام هو ۽ اُهي ٻار جيڪي ان جي چوڌاري ويٺا هيا سي ماڻهن جي اولاد مان هيا، جيڪي ننڍي عمر ۾ گذاري ويندا آهن ۽ باهہ کي ٻارڻ وارو شخص دوزخ جو داروغو هو ۽ وڻ تي پهرين محلات جيڪا اوهان ڏٺي، اُها مؤمنن لاءِ آهي ۽ هي ٻي محلات جتي اوهان بيٺا آهيو سا شهيدن لاءِ آهي ۽ آئون جبرئيل آهيان ۽ هي ميڪائيل آهي.

حاصل مقصد: اي عزيز! قرآن پاڪ جي آيتن ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جي مبارڪ فرمانن مان ثابت ٿيو تہ وياج ڏيڻ ۽ وٺڻ سخت حرام ۽ ڪبيرو گناهہ آهي. وياج ڪائيندڙ لاءِ دنيا ۾ سخت تنگي، مشڪلاتون ۽ آفتون آهن ۽ آخرت ۾ وياج خور لاءِ جهنم جو دردناڪ عذاب آهي. شال رب ڪريم پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي صدقي هر هڪ مؤمن مسلمان کي وياج جهڙي حرام مال ڪائڻ کان بچائي. (آمين)

www.maktabah.org

وياج جا چند مسئلا

❀ مسلم شريف ۾ حضرت عباده رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: سون کي سون جي بدلي ۾، چانديءَ کي چانديءَ جي بدلي ۾، ڪڻڪ کي ڪڻڪ جي بدلي ۾، جَون کي جَون جي بدلي ۾، کجور کي کجور جي بدلي ۾ ۽ لوڻ کي لوڻ جي بدلي ۾ برابر برابر ۽ هٿو هٿ وڪڻو ۽ جنهن وڌائي ورتو يا وڌائي ڏنو ته ان وياج ڏنو يا ورتو.

❀ بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ جن هڪ شخص کي خيبر جو حاڪم بڻايو هو ۽ ان حضور جن جي خدمت ۾ سُٺيون کجورون پيش ڪيون. پاڻ فرمايائون ته ڇا خيبر جون سڀئي کجورون اهڙيون آهن! عرض ڪيائين ته نه يارسول الله ﷺ! اسان سادين کجورن جا ٻه ٽويا ڏيئي، انهن سُٺين کجورين جو هڪ ٽويو وٺندا آهيون. پاڻ فرمايائون ته ائين نه ڪريو (ڇو ته اهو وياج آهي) بلڪ سادي کجور جا ٻه ٽويا وڪرو ڪري، انهن جي رقم مان سُٺي کجور جيتري ملي اُها خريد ڪيو.

❀ جيڪا شيءِ ماپ ۽ تور سان وڪجي ٿي، ان کي جڏهن پنهنجي جنس عيوض بدلايو ويو ۽ هڪ طرف وڌائي ڏنو ويو ته اُهو وياج آهي ۽ حرام آهي. مثال طور: ڪڻڪ جي عيوض ڪڻڪ يا جَون جي عيوض جَوَ (جنس جي چڱي يا خراب هجڻ سبب) ڪجهه مقدار وڌائي يا گهٽ ڪري معاملو ڪيو ويو ته اُهو وياج آهي، پر جيڪڏهن سُٺي ڪڻڪ هڪ مڻ، پراڻي ڪڻڪ جي هڪ مڻ عيوض وڪرو ڪني وئي ته هاڻي وياج ناهي، يعني ساڳي جنس جي وڪري ۾ ماپ ۽ تور جو برابر هجڻ ضروري آهي.

❀ جيڪڏهن ٻنهي شين جي جنس مختلف آهي يا اُها شيءِ ماپ ۽ تور واري ناهي ته ان ۾ وڌائڻ گهٽائڻ وياج ناهي. مثال طور: ڪڻڪ ۽ چانور ٻه جدا جنسون آهن، جيڪڏهن هڪ مڻ ڪڻڪ ڏيئي اڌ مڻ چانور ورتا ويا ته اُهو

www.maktabah.org

وياج ناهي، يا هڪ مڻ لوڻ ڏيئي ڏهه سير کجور ورتي وئي ته اُهو وياج ناهي.

❀ ٻنهي شين جي جنس ساڳي هوندي ته وياج لازم ايندو. مثال طور: اڌ مڻ تازي ڪٽڪ ڏيئي، مڻ پراڻي ڪٽڪ وٺڻ وياج آهي.

❀ هڪ ئي جنس جي ڏيتي ليتي جو جائز طريقو هي آهي ته هڪ جنس جو وڪرو ڪري، ان جي رقم مان ٻئي جنس وٺڻ گهرجي. مثال طور هڪ ڪلو يا هڪ مڻ سادا چانور وڪرو ڪري انهن پئسن مان اڌ ڪلو يا اڌ مڻ سُٺا چانور خريد ڪرڻ جائز آهي يا سُٺي کجور جو اڌ مڻ وڪرو ڪري، انهن پئسن مان هڪ مڻ سادين ڪجورن جو خريد ڪرڻ جائز آهي.

❀ ڪنهن کي اوڌر تي ڪجهه رقم يا ڪا ٻئي شيءِ ڏيئي، واپسي وقت ڪجهه وڌائي وٺڻ وياج آهي ۽ حرام آهي.

❀ وزن ڪري وڪرو ڪرڻ واري شيءِ عددي شيءِ جي عيوض گهٽائي وڌائي وڪرو ڪرڻ وياج ناهي. مثال طور: ڪچو گوشت ڪنهن زنده جانور جي عيوض ڏيڻ جائز آهي.، ڇو ته گوشت وزني آهي ۽ جانور عددي آهي.

❀ هڪ ڪلو چانور ڏيئي، ڏهه عدد بيضا وٺڻ وياج ناهي، ڇو ته چانور وزني ۽ بيضا عددي آهن.

❀ سڪل ڪارڪون هڪ مڻ ڏيئي، ڪچيون ڪارڪون هڪ مڻ وٺڻ جائز آهي، پر هڪ مڻ سڪل ڪارڪون ڏيئي اڌ مڻ آليون يا ڪچيون ڪجور وٺڻ وياج آهي.

❀ جيڪڏهن ڪو دوڪاندار ڪا شيءِ روڪ رقم ۾ هڪ سؤ روپين ۾ ڏئي ٿو، پر اُها شيءِ ڪنهن کي اوڌر تي سوا سؤ روپين ۾ وڪڻي ۽ گراهڪ کي ٻڌائي ته روڪ ۾ هي قيمت آهي ۽ اوڌر ۾ هن قيمت ۾ ڏيندس ته اُهو ناجائز (ظلم) آهي.

❀ هڪ ماڻهو ڪنهن ٻئي کي ڏهه مڻ ڪٽڪ ڏني ۽ چيائين ته ايندڙ سال جڏهن نئين ڪٽڪ لهي ته مون کي ڏهه مڻ واپس ڪجانءِ، ته اُهو جائز آهي.

www.maktabah.org

❀ بخاري شريف ۾ حضرت ابوبرده رضي الله عنه کان روايت آهي ته آئون مديني شريف ۾ حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته مون کي فرمايائين: تون اهڙي هنڌ رهين ٿو جتي اڪثر وياج جو ڏنڌو هلي ٿو، ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ذمي تنهنجو ڪو حق هجي ۽ اهو شخص توکي (رعايت ڪرائڻ خاطر) ڪجهه مال تحفو يا هديو ڪري ڏئي ته اهو هرگز نه وٺجانءِ، ڇو ته اهو به وياج آهي.

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته رب ڪريم هر مسلمان کي هر قسم جي حرام مال بالخصوص وياج کائڻ کان بچائي. (آمين)

وما علينا الا البلاغ المبين

اللهم فقهنا في الدين و اعطنا حبک وحب حبيبک رحمة للعالمين واجعلنا من عبادک المفلحين ومن جماعة الصالحين برحمتک ياارحم الراحمين وصلي الله علي سيدنا محمد و عليٰ آله وصحبه اجمعين. (آمين)

✪✪✪

www.maktabah.org

Being himself great scholar he gave special attention towards the education of his jamma'it. In this regord he made publication & distribution of translation of Holy Quran (which was written by Molvi Muhammad Siddique Hydrabadi) under- the namer of "Tafseer-i-Kauthar", beside this he published & distributed Various religious booklets. Now I am going to present you these booklets with correction & new publication. I found these five booklets in the library of my respected teacher Allama Mufti Abdul Raheem Sikandri at Madarsa sibghat-ul-Huda Shah pur Chakar.

Actually these five booklets were written by Molvi Faqeer Muhammad Raheem Rajar & frist time published by Hakem Ghulam Nabi Lahori from Lahore in 1914.A.D. As these five booklets were based on important religious problems, therefore I begged permission for republishing of these booklets from our present spiritual leader & Murshid Hazarat Syed Shah Mardan Shah II Pir Pagaro vii, who heartily permitted me.

Therefore once again these five booklets (bynamed Tohfat-ul-Murishideen) are in your hands with correction and new look.

Hazrat Pir Saeen Syed Shah Mardan Shah'i (title Koat Dhani) Left this immortal world on 9th of November 1921 AD (1340AH).

May Allah bless him.

MUHAMMAD YOUSIF SIKANDARI

www.maktabah.org

PREAFACE

Dargah Hazrat Pir Saeen Syed Muhammad Rashid Rozi Dhani "the Qadria Rashidia Dargah of Pir jo Goth" has always been matchless in the Preaching of Islam and making people strict followers of Sharee'at & Sunn'at.

The Fifth successor of Dargah Sharif was Hazarat Syed Shah Mardan Shah I (title Peer Saeen Koat Dhani) who was born on 7th of Safar 1279-A.H at Pir jo Goth. He got his education from his father Hazrat Pir Syed Hizbullah Shah (title Peer Saeen Takhat Dhani) and other renowned scholars. For his great knowledge he was blessed with the title of "Shams-ul-Ulma" (the sun of scholars). He became the successor of Dargah Qadria Rashidia at the age of 35. At that time sub continent was ruled by British Govt which was too much against Pir pagara & his followers, so he faced all difficulties by British Govt with brave heart. For the betterment & teaching of Hur Jamaa'it, he made various visits to his followers. He borught his followers on true path & made them free of bad traditions. He appointed various scholars to preach his followers on the Eid festivals specially at the time of Eid Mairaj-un-Nabi. When great scholars were invited from whole the Sindh. Beside this he arranged various wazeefas for scholars, poets, literary people and for poor. During drought he would distribute thousands mons of grain and a large number of clothes among drought striken poor. He enlarged the area of Madarasah 'Jamia Rashidia' which is still keeping its job- on.

www.maktabah.org

ALL Rights Reserved

1st Edition	2004	1200 copies
2nd Edition	2006	2000 copies
3rd Edition	2008	1000 copies

Price: Rs.60

Publisher
SIKANDARIA PUBLICATIONS
Dargah Shareef – Pir jo Goth

www.maktabah.org

TOHFAT-UL-MURSHIDEEN

Five Books
Printed on behalf of
HAZRAT PIR SAEEN
SYED SHAH MARDAN SHAH
Awwl (Koat Dhani) (R.A.)
(1279-1340 AH)

Compiled by:
HAFIZ FAQEER
MUHAMMAD YOUSIF
Bhambhro Sikandari

SIKANDARIA PUBLICATIONS
Dargah Shareef
Pir jo Goth

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

خانقاهہ حضرت روضي ڌڻيؒ بابت
ڇهه علمي ۽ روحاني شاهڪار





سِڪندريه پبليڪيشنز

www.maktabah.org